سنڌ جي تاريخ جو پوسٽ مارٽم

رک سنڌي

ڊسمبر 2021ع

فهرست

ٻه اکر

1. سنڌو سڀيتا □ عمان (ماگان) وچ □ واپاري لاڳاپا
2. سنڌو سڀيتا: محبت جو لازوال داستان
3. ڪارساز سانحو، جتي محبت موت کي شڪست ڏئي ڇڏي
4. سنڌ جي تاريخ جو پوسٽ مارٽم
5. سنڌي زبان جي حفاظت لاءِ جنگ وڙهندڙ پوپٽي هيراننداڻي
6. وطن لاءِ جان گهوريندڙ امر روپلو ڪولهي
7. ظالمن خلاف گوريلا جنگ جوٽيندڙ سورمو لاکو قلاٽي
8. تعليمي نصاب تبديل ڪرڻ جي ضرورت ڇو؟
9. سنڌو سڀيتا جي وارثي ڪرڻ جي ضرورت
10. سنڌ جي زرعي سائنسدان فرزانه پنهور
11. سُندري اُتمچنداڻي
12. سنڌي ٻوليءَ جي سرڪش ڪهاڻيڪارا نسيم ٿيٻو
13. ڊاڪٽر نجم عباسي، سنڌ جو باغي ڪهاڻيڪار
14. سنڌ تي ڌارين جي ڪاهه کي ناڪام بڻائيندڙ راڻي سونهن ديوي
15. ڊاڪٽر درشهوار سيد
16. پنهنجي ڪهاڻين جهڙي خوبصورت ثميره زرين
17. سنڌ لاءِ جان گهوريندڙ پهريون حڪمران راجا راءِ سهارس
18. عرب دنيا جي پهرين سنڌياڻي سائنسدان ڊاڪٽر حيات السنڌي
19. سنڌ ڄائي خوبصورت اداڪارا شيلا راماڻي
20. ليلا جا آٽڻ تي قبضي □ ڪير ملوث آهن؟
21. سنڌو سڀيتا جي قديم ماڳن جا اصل نالا ڇا هئا؟

22. سنڌين جو پنهنجو ڪئلينڊر سنڌو سنبت
23. آخري پساهه ڪٽندڙ 5 هزار سال آڳاٽو ماڳ ونجهڙوٽ
24. چا موهن جو دڙو ڪي ٻيهر دفنائي ڇڏجي؟
25. سنڌي ٻولي جي نامور ليکڪا بادام ناتوان
26. سنڌ جو باغي شاعر عبدالحڪيم ارشد
27. سنڌ انگريزن کان شڪست ڇو کاڌي؟
28. الهڏنو يا نيل بازار، سنڌو سڀيتا جي ڳوٺاٽي ثقافت جو مرڪز
29. سنڌو سڀيتا جا وارث ڳئون سوئر جو گوشت کائيندا هئا؟
30. شهيد ميرو نظاماڻي
31. مدد خان پناڻ

ٻه اکر

مون 18 سالن جي عمر 1979ع کان لکڻ جي شروعات ڪئي. شروع ٻارن جي رسالن ننڍا ننڍا مضمون لکڻ لڳس. بعد مختلف اخبارن جي صفحن سياسي صورتحال سميت ادب جي مختلف موضوعن تي لکڻ شروع ڪيو. منهنجو شروع کان ئي وني لاڙو تاريخ ڏانهن هيو. ڪوشش ڪري تاريخ تحقيق بابت ڇپيل ڪتاب خريد ڪري پڙهندو هوس پنهنجي گهر هڪ ڪبٽ تي مشتمل لئبرري گڏ ڪندو هوس. اڄ عمر جا 62 سال گذرڻ باوجود منهنجو تاريخ تحقيق سان لاڳاپو قائم آهي. شاعري ڪهاڻين لکڻ جي پيٽ تاريخ تي تحقيق انتهائي وقت طلب پورهيو رهيو

آهي. ان لاءِ نه فقط گهڻو وقت ڏيڻو پوندو آهي، پر موضوع سان لاڳاپيل ڪتاب خريد ڪرڻ، رپورٽون هٿ ڪرڻ يا انٽرنيٽ جي مدد سان ان موضوع تي ٻين ملڪن ۾ ٿيل تحقيق تائين پهچ حاصل ڪرڻ ۾ ڪافي سرمائي جي ضرورت پوندي آهي. مون جنهن به موضوع تي لکڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ته ان بابت هر پاسي کان جديد بنيادن تي ٿيل تحقيق کي آڏو رکي نتيجا حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. دنيا جي مختلف ملڪن اندر محققن تاريخ بابت سائنسي بنيادن تي جيڪي نتيجا ڪڍيا آهن، انهن کي آڏو رکي وڌ کان وڌ جديد ڄاڻ ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. مون ڪوشش ڪئي آهي ته سطحي قسم جون لکڻيون لکڻ کان پاڻ کي پاسي تي رکان. هن ڪتاب ۾ منهنجا مختلف موضوعن تي مقالا ۽ مضمون شامل آهن. جن جو واسطو مختلف دورن سان آهي. جتي سنڌو ماٿري جي تهذيب بابت ڄاڻ ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي، اتي ئي موجوده دور بابت به لکيو ويو آهي. مون هن ڪتاب تي لکڻ ته ٻه اکر پئي چاهيا، پر خبر ناهي ته ڇا لکي ويٺس. مان هونئن به ڪتابن تي مهاڳ، ديباچو يا ٻه اکر لکڻ جي خلاف رهيو آهيان، ڇاڪاڻ ته ليکڪ کي جيڪو لکڻو هوندو آهي، اهو اڳ ئي ڪتاب جي مضمونن ۾ لکي چڪو هوندو آهي، پوءِ به اکر يا مهاڳ لکڻ جو آخر ڪهڙو جواز هوندو آهي. ڇا مهاڳ يا ٻه اکر پڙهندڙ کي ڪتاب پڙهڻ لاءِ سفارش ڪرڻ هوندو آهي. يا اهو عمل مارڪيٽ ۾ ڪو اپرو وڪرو ڪرڻ لاءِ ايجنٽ جي مدد وٺڻ برابر هوندو آهي.

رڪ سنڌي

حيدرآباد، سنڌ

21 ڊسمبر 2021ع

سنڌو سڀيتا ۽ عمان (ماگان) وچ ۾ واپاري لاڳاپا

دنيا جي ٽن قديم تهذيبن سنڌو، مصر ۽ عراق (سميرين) وچ ۾ 5 هزار سال اڳ واپاري لاڳاپا موجود هيا. عراقي تهذيب جي قديم آثارن مان مليل سميري لکتن ۾ ان دور جي ٽن پرڏيهي واپاري مرڪزن ماگان، دلمون ۽ ميلوها جو ذڪر ملي ٿو. جتان جا واپاري عراق ۾ مختلف شين جي واپار سانگي ايندا هيا يا واپاري ڪالونيون قائم ڪري رهائش پذير هئا. جديد کوجنائن ذريعي ماهر ان ڳالهه تي سهمت آهن ته ميلوها واسي سنڌو ماٿري جي تهذيب سان واسطو رکندڙ واپاري هيا. (1)۽ (2) جڏهن ته دلمون جا واپاري موجوده بحرين سان لاڳاپو رکندڙ هيا. (3)۽ (4) سميري لکتن ۾ جنهن ماگان نالي ديس جو ذڪر ڪيو ويو آهي، اهو علائقو موجوده عمان ۽ گڏيل عرب امارتن تي مشتمل هو. سميرين لکتن ۾ ماگان ديس جو

پهريــون پــيرو ذڪــر ان دور ۾ ڪيــل آهي، جــڏهن موجوده عمان ۾ گڏيل عرب امارتن ۾ قديم تهذيب ام لنــار (2600-2000 ق م) وجــود رڪنــدڙ هــئي. سميري لکتن ۾ ماگان کي جهاز سازي ۾ سامونڊي صــلاحيتن ســبب شــهرت مليــل هــئي. ســميرين بادشــاهه ســارگون (2371-2316 ق م) اهــا ڳالهــه فخر سان چوندي نظر اچي ٿو ته سندس ديس جي بندرگاهن تي دلمون، ماگان ۾ ميلوها کان ٻــيڙا اچن ٿا. سميرين بادشاهه سارگون کان پوءِ سندس جــاءِ والاريندڙ بادشاهه نارام- سن (Naram-Sin) ماگان تي قبضو ڪري ورتــو. ان دور ۾ ســميرين ۾ ســنڌو سڀيتا وچ ۾ ماگان جي ذريعي واپــار ٿينــدو هــو. (5) آرڪيالاجي ماهرن موجب ســنڌو مــاٿري جي ســڀيتا جي وارثن جو عمان سميت ٻين عرب ملڪن ســان واپار ايراني نار رستي ٿيندو هو. (6) (7)

قــديم آثــارن جي مــاهر ڊيــني فريــنز مــوجب اومان مان آرڪيالاجسـتن قــديم مــاڳن جي کوٽــاين دوران ســنڌو مــاٿري ســان واســطو رکنــدڙ ســامان رکڻ جا وڏا ڪولا، پينٽ ٿيل برتن ۾ عقيــق جــا مٽيــا هٿ ڪيا آهن. اتان ســنڌو مــاٿري مــان آنــدل هــاٿي جي ڏندن مان ٺهيل شيون ۾ ڌات جــا اوزار بــه هٿ ڪيــا ويــا آهن. عمــان جي مــاڳن تــان ســنڌو جــون مهرون ۾ تور ڪرڻ جا چوڪنڊا وٽ به دريافت ڪيا ويا آهن. عمان جي قديم آثــارن مــان ســنڌو مــاٿري جي وارثن طرفان آندل برتنن ۾ ڪاڏي خــوراڪ کي ڪنهن خــاص تقــريب ۾ پيش ڪــرڻ لاءِ پيڊســٽل ڊشون خاص ڌيان جو مرڪــز آهن. (8) انهن ڊشــن کي خوبصورت بنائڻ لاءِ مٽن رنگن ذريعي گلڪــاري ٿيل آهي.

مسقط جي ريســرچ ســينٽر ۾ تــازو ٿيــل هڪ تحقيق ذريعي سنڌو ماٿري جي سڀيتا ۾ قديم عمان (ماگــان) جي رهواســين وچ ۾ لاڳــاپن بــابت وڏيڪ ثبوت مليا آهن. (9) عمان جي شهر صــحار پرســان

ڪنجهي جي دور جو هڪ قديم ماڳ دهوا (Dahwa) دريافت ڪيو ويو آهي. جتان سنڌو تهذيب سان واسطو رکندڙ هڪ مهر ڳاڙهي ڪاري رنگ جي چٽسالي وارن ٿانون جي باقيات ملي آهي. جرمن يونيورسٽي جي ريڪٽر پروفيسر ڊاڪٽر مائيڪل جانسين ماڳان سنڌو ماٿري جي ماڻهن وچ لاڳاپن بابت انهن ثبوتن کي انتهائي اهم قرار ڏنو آهي. سلطان قابوس يونيورسٽي جي ميڊيا سيل جي ترجمان ڊسمبر 2017ع اهو اعلان ڪيو هو ته عمان جا پاڪستان جي صوبي سنڌ سان تهذيبي ثقافتي لاڳاپا ثابت ٿي چڪا آهن. (10)

قديم ماڳ دهوا ڪنجهي دور جي ام النار تهذيب (Umm Al Nar Civilization) سان واسطو رکندڙ هيو. ام النار تهذيب 2500 کان 2000 ق م جي دور جي آهي. جيڪا موجوده سلطنت عمان گڏيل عرب امارتن تائين ڦهلاءُ رکندڙ هئي. دهوا الباطنت ميدان جي اتر دريافت ٿيل سڀ کان قديم آبادي آهي، جنهن جا سنڌو سڀيتا سان واپاري لاڳاپا قائم هيا. ام النار جي قديم ماڳ دهوا جي 2013ع کان 2017ع تائين کوٽائي ڪئي وئي. هن قديم ماڳ جي کوٽائي اٽلي جي يونيورسٽي آف بولوگنا آمريڪا جي يونيورسٽي آف وسڪونسن سان واسطو رکندڙ ماهرن جي گڏيل ٽيم طرفان ڪئي وئي. هن ماڳ تان مليل ٺڪر جا برتن خاص ڪري رڌڻ پچائڻ جو سيڌو سامان، اناج اٽو رکڻ جا وڏا ڪولا، مٽڪا گنڊڙا سنڌو ماٿري جي مرڪزي علائقي سنڌ مان مليل نوادرات سان تعلق رکن ٿا. قديم آثارن جي ماهرن کي هن ماڳ تان سنڌو سڀيتا جي واپارين طرفان آندل ماني پچائڻ وارا پٿر جا چلها (اسٽوو)، هار سينگار استعمال ٿيندڙ مٽيا، نڪ پائڻ واريون نٿون ٻيا زيور به مليا آهن. سلطان قابوس يونيورسٽي جي بيان موجب دهوا مان مليل اهو

سامان سنڌ ۾ خاص ڪري موهن جي دڙي واري ريجن ۾ تيار ڪري واپار لاءِ هتي آندو ويندو هو. دهوا ۾ کوٽائي ڪندڙ قديم آثارن جي ماهرن موجب سنڌو ماٿري مان اهو سامان ننڍين ٻيڙين ذريعي سنڌو درياهه رستي سنڌ جي سامونڊي ڪناري تائين پهچايو ويو، جيڪو بعد ۾ وڏن ٻيڙن ذريعي شام ولايت جي سامونڊي بندر گاهه تي آندو ويو. جتان حجر جبل واري واٽ وٽي 24 ڪلوميٽر جي فاصلي تي موجود دهوا واري علائقي ۾ آندو ويو. ماهرن موجب اجا سوڌو اها خبر پئجي نه سگهي آهي ته انهن وڏن مٽڪن ۽ ڪولن ۾ ڪهڙو سامان پري دهوا آندو ويو هوندو. ماهرن موجب ام النار ثقافت واري دور ۾ عمان سنڌ، عراق ۽ ايران ڏانهن ٽامون ايڪسپورٽ ڪرڻ طور مشهور هيو. (11) (12)

آمريڪا جي لائبرري آف ڪانگريس واشنگٽن ڊي سي ۾ 24 اپريل 2018ع تي عمان جي قديم تهذيب ۽ ثقافت جي حوالي سان سلطان قابوس ڪلچرل سينٽر جي سهڪار سان هڪ سمپوزيم ڪوٺايو ويو. جنهن ۾ آرڪيالاجي جي ماهرن سنڌو سڀيتا ۽ عمان جي قديم تهذيب وچ ۾ لاڳاپن تي تفصيلي روشني وڌي. آمريڪا جي ٽيمپل يونيورسٽي جي اينٿروپلاجي شعبي جي ايسوسيئيٽ پروفيسر مس ڪمبرلي ڊي وليم ان تقريب ۾ ڳالهائيندي چيو ته سنڌو سڀيتا ۽ ماگان جي ماڻهن وچ ۾ 2700 کان 2000 ق م وچ ۾ علائقائي سطح تي لاڳاپن جا پڪا پختا ثبوت موجود آهن. سندس موجب ٻنهي تهذيبن وچ ۾ ٽامون واپار جو مکيه ايٽم هيو. دهوا جي قديم آثارن مان سنڌو ماٿري جي سڀيتا جي وارثن جا جوڙيل ٿانون مليا آهن. جڏهن ته نيويارڪ يونيورسٽي جي اينٿروپلاجي ڊپارٽمينٽ جي محقق مس ايلي ڊولارهائيڊ به پنهنجو تحقيقي مقالو پيش ڪندي اهو نتيجو ڪڍيو آهي ته 3 هزار ق م ۾ سميرين، قديم ايران، سنڌو سڀيتا ۾ ڏکڻ

اوپر عـرب علائقي ۾ اهم واپـاري لاڳاپـا قـائم هيـا. ساڳي طرح وسڪونسن ميڊيسـن يونيورسـٽي جي اينٿروپلاجي جي پروفيسر ۽ نامياري محقـق مـارڪ ڪينوائر به قديم عمان جي ٽيڪنالاجي ۽ واپـار جي باري ۾ اهو نتيجو ڪڍيو آهي ته اتان نڪر جي برتنن جا مختلف قسم، پٿر جون مورتيون، پٿر جا بـرتن ۽ ٽـامي جـو سـامان وڏي مقـدار ۾ مليـو آهي. جنهن سان ان خطي جي ٻين علائقن سان واپاري لاڳـاپن جي نشاندهي ٿئي ٿي. (13) (14)

عمان ۾ دهوا کان پوءِ ٻيـو قـديم مـاڳ ولايت عبري (Ibri) جي الختم ۽ الايان جي علائقي بيت ۾ 3000 ق م جي دور جا ڪجهه مقبرا آهن. جتان ان دور جي مــاٽهن جــون قــبرون مليــون آهن. هڪ شخص جي قبر مان لوهه ۽ اسٽيل مان ٺهيل تلـوار ۽ خنجر مليو آهي. جديد تحقيق ذريعي اهو ثابت ٿي چڪو آهي ته ان دور ۾ اسٽيل ۽ لوهه جو اسـتعمال سنڌو ماٿري ۾ ٿيندو هـو. عمـان جي آرڪيـالاجي ۽ ثقافت واري ڊائريڪٽر سلطان بينسيف ال باڪري ٽائيمز آف عمان سان ڳالهائيندي چيـو آهي تـه هنن قديم ماڳن تان مليل نوادرات ثابت ڪيو آهي ته ان دور ۾ عمان جي ثقافت تي سنڌو ماٿري جي سپيتا جو اثر موجود هو. (15) ان قبر جي دلچسپ ڳالهه اها آهي ته مڙهه جي پرسان مادي ۽ نر اٺ به ذبح ڪري پوريل آهن. جيڪي سندس مـوت بعـد ڪنهن رسم طور ذبح ڪري ساٿس گڏ پوريا ويا هئا. (16) (17)

عمان جي ساموندي ڪناري واري ماڳ راس الحد (Ras Al-Hadd) مان به سنڌو سپيتا جا ڪاٺي خوراڪ رڌڻ جا بـرتن مليـا آهن. سـاڳي قسـم جـا بـرتن عمـان جي ٻين ميـداني علائقن جي ٻن قـديم ماڳن سلوت (Salut) ۽ بات (Bat) مان به دريافت ڪيا ويا آهن. جنهن مان ثابت ٿئي ٿو ته سنڌو سپيتا جي وارث نـه فقـط عمـان جي سـاموندي شـهرن

ســان واپــار كنــدا هئــا، پــر هــو ملڪ جي انــدرين علائقن ۾ به پنهنجو سامان موڪليندا هئا. (18)

راس الجــنز (Ras Al-Jinz) جي مــاڳ تــان ســنڌو ســپيتا جي هڪ چــورس نمــا مهــر ملي آهي. جنهن تي مشــهور هڪ ســڱي ڍڳي ســميت ســنڌو لکت جا ڪجهه نمونا اڪريل آهن. (19) عمــان جي ميداني علائقي ۾ هڪ ٻئي ماڳ بســياهه (Bisyah) جي هڪ قبر مان سنڌو سپيتا جي هڪ ننـڍڙي مهـر ملي آهي. جنهن تي هڪ وڏن ســـــنڱن واري ڍڳي جي مورت اڪريل آهي.

عمان جي قديم ماڳن ۾ قبرستانن مان مليل سنڌو جي باقيات ۾ عقيــق جي مــٽين مــان جوڙيــل زيـــور وڏي اهميت لائـــق آهن، عمـــان جـــا قـــديم رهواسي ســنڌو مــاتري مــان آيــل زيــور وڏي شــوق سان پهريندا هئا. مرڻ بعد ســندن مــڙهن ســان گــڏ اهي زيــور بــه پوريــا وينــدا هــا. بــات (Bat) ۽ آدم (Adam) جي قـــديم قبرســـتانن جي کوٽـــاين دوران اهي زيور هٿ آيا آهن.

سنڌو ماتري ۾ هاٿي جي ڏندن مــان مختلــف قسم جــا خوبصــورت زيــور، رانــد (جــوا) کيــڏڻ جــو سامان ۾ ٻيو آرائشي شيون ٺاهيون وينديون هيــون. عمان جي قديم ماڳن مان به هاٿي جي ڏنــدن مــان ٺاهيل آرائشي زيور ۾ راند جو سامان هٿ آيو آهي، جيڪو سنڌو ماتري جا واپاري هتــان ڪــٽي وچي اتي وڪرو ڪندا هئا. ان سان گڏ ٻــارن جــا رانــديڪا بــه سنڌو ماتري مــان عمــان موڪليــا وينــدا هئــا. جن ۾ پڪل مٽي مان ٺهيل پکين جون مورتيون ذڪر لائــق آهن.

عمان ۾ ســنڌو جــا واپــاري ســامان تــورڻ لاءِ مختــف ســائيزن ۾ وزن جي حســاب ســان وٽ ۽ تارازيون به اســتعمال ڪنــدا هئــا. ســنڌ مــاتري جي سپيتا جي واپارين جــا اهي تــور ڪــرڻ وارا وٽ تــل

ابرق (Tell Abraq) شمل (Shimal) جي قبرن مان دريافت ڪيا ويا آهن.

آڳاتي عمان (ماگان) سنڌو سپيتا جي وارثن وچ واپاري لاڳاپن جا ثبوت ملڻ ان ڳالهه جي شاهدي آهي ته سنڌو سپيتا جي اوج واري دور هن خطي جا رهواسي نه فقط پنهنجي علائقي اندر واپار ڪندا هيا، پر هنن پر وارن ملڪن سان به واپار ڪرڻ شروع ڪيو. هتان جا واپاري سمنڊ رستي دنيا جي مختلف خطن تائين وڃي پهتا اتان جي مارڪيٽن پنهنجون تيار ڪيل شيون وڪرو ڪيون. موهن جو دڙو، هڙاپا، چانهون جو دڙو، ڪوٽڏيجي، لوٿل، ڪالي بنگن، راکي ڳڙهي ٻين شهري مرڪزن تيار ٿيندڙ زيور، مهرون، برتن، عقيق جي مٽين مان تيار ٿيل هار ٻيو سامان ٻيڙين غورابن ذريعي پر وارن تهذيبي مرڪزن تائين رسايو. جن عراق، مصر، بحرين عمان شامل هيا. سنڌو سپيتا جي واپارين نه فقط انهن پر وارن عرب ملڪن مصر واپار ذريعي پنهنجي سامان وڪرو ڪيو، پر اتي واپاري ڪوٺيون قائم ڪري رهائش به اختيار ڪئي.

References:

- McIntosh, Jane (2008). The Ancient Indus Valley: New Perspectives. p. 46.
- Parpola, Asko; Parpola, Simo (1975), "On the relationship of the Sumerian toponym Meluhha and Sanskrit mleccha", Studia Orientalia, 46: 205–238

- Jesper Eidema, Flemming Højlundb (1993). "Trade or diplomacy? Assyria and Dilmun in the eighteenth century BC". World Archaeology. 24 (3): 441–448.
- https://www.bbc.com/news/science-environment-22596270
- Donald. Hawley (1970). The Trucial States. London: Allen & Unwin. p. 27.
- https://iranicaonline.org/articles/maritime-trade-i-pre-islamic-period
- Kenoyer, Jonathan Mark. The Indus Valley Tradition of Pakistan and western India, Journal of World Prehistory, volume 5, pages331–385 (1991)
- Frenez, Dennys. The Indus Civilization Trade with the Oman Peninsula, In the Shadow of the Ancestors. The Prehistoric Foundations of the Early Arabian Civilization in Oman, Ministry of Heritage and Culture, Sultanate of Oman, 2018 (PDF) pp:385-396

- Frenez, Dennys. The Indus Civilization Trade with the Oman Peninsula, In the Shadow of the Ancestors. The Prehistoric Foundations of the Early Arabian Civilization in Oman, Ministry of Heritage and Culture, Sultanate of Oman, 2018 (PDF) pp:385-396

- Age-old ties between Oman and Pakistan, Times of Oman, 14 Aug 2018
- https://www.pressreader.com/oman/times-of-oman/20180814/282020443128731
- Age-old ties between Oman and Pakistan, Times of Oman, 14 Aug 2018
- Artefacts show Indus Valley, Omani civilisation contact, December 25, 2017
- https://timesofoman.com/article/124618
- Anchi Hoh, Ancient Oman: Archaeological Digs and Historical Discoveries in the Sultanate of Oman, May 16, 2018
- Gensheimer, T. R. (1984). "The Role of shell in Mesopotamia : evidence for trade exchange with Oman and the Indus Valley". Paléorient. 10: 71–72.
- https://blogs.loc.gov/international-collections/2018/05/ancient-oman-archaeological-digs-and-historical-discoveries-in-the-sultanate-of-oman/
- https://economictimes.indiatimes.com/news/international/world-news/excavation-in-oman-finds-link-to-indus-valley-civilisation/articleshow/36437670.cms

- https://www.business-standard.com/article/pti-stories/excavation-in-oman-finds-link-to-indus-valley-civilisation-114061200550_1.html
- Frenez, Dennys. Michele Degli Esposti, Sophie Mery & Jonathan Mark Kenoyer, Bronze Age Salūt (ST1) and the Indus Civilization: recent discoveries and new insights on regional interaction, pp:107-124. Proceedings of the Seminar for Arabian Studies, Volume 46, 2016
- Bates, J. (1986). "Approaching rice domestication in South Asia: New evidence from Indus settlements in northern India". Journal of Archaeological Science. 78 (22): 193–201.

سنڌو سپيتا: محبت جو لازوال داستان

سـنڌو مـاتري جي تهـذيب جـو بنيـاد پيـار ۽ محبت تي رکيل هو. هو پاڻ ۾ بي انتها محبت ڪنـدا هئا. مرد ۽ عورتون خوشي جي مـوقعن تي گـڏجي تقريبون ڪونائي ناچ ڪندا هئا. خاص ڪـري جـڏهن فصل پچي راس ٿيندا هئا ته هـو فصـلن جي لابـاري وقت بي انتها خوش ٿي هڪ ٻئي سان اهـا خوشـي جا لمحا ملهائينـدا هئـا . فصـلن ۾ گـڏجي نـاچ ڪيـو ويندو هو. جنهن ۾ مرد ۽ عورتون گڏجي بهرو وٺندا هئا. هن تهذيب جي ماڳن تان ڊانس ڪنـدڙ مـورتين جو ملڻ ان ڳالهه جو ثبوت آهي ته نـاچ سـندن نس نس ۾ سمايل هيو. زال ۽ مـڙس ۾ ڪيـتري محبت هوندي هئي، ان جو اندازو ان مان لڳـائي سـگهجي ٿو ته هو مـرڻ ڪـان پـوءِ بـه هڪ ٻـئي ڪـان جـدائي برداشت ڪري نه سگهندا هئا. ڀارتي رياست هريانه مان سنڌو سـپيتا جي قـديم مـاڳ راکي ڳـڙهي جي قبر مان هڪ مرد ۽ عورت جا گڏ پوريـل لاش مليـا آهن. جنهن ۾ مــرد ۽ عــورت جــو منهن هڪ ٻــئي طرف موڙيل آهي. جڻ ته هو مرڻ بعد به هڪ ٻـئي کي ڏسندا هجن. هن جوڙي جي تدفين اهڙي طــرح ڪيل آهي، جڻ تـه مـرد پنهنجي زال يـا محبوبـا کي مرڻ ڪان پوءِ به ڏسندو هجي. ساڳي طـرح عـورت بــه ڪيس ان محبت جي مــوت ڏئي ســاڳي طــرح ڏســي رهي آهي. هن قــبر مــان مليــل جــوڙي جي لاشن دنيا جي ماهرن کي اچــرج ۾ وجهي چــڏيو. 5 هــزار ســال اڳ هن قســم جي انــوکي تــدفين کي ســـنڌو ســـپيتا جي وارثن جي محبت جـــو لازوال داسـتان قـرار ڏنـو پيـو وڃي. سـنڌو مـاتري ۾ هـير رانجها، سهڻي ميهـار، ليلا چنيسـر، سسـئي پنهـون، مومل راڻو، نوري ڄام تماچي جي محبت جا لازوال داستان ته هر ڪنهن ٻڌا هونـدا، پـر هن جـوڙي جي محبت کي ڪهــڙو نــالو ڏجي، ان تي ســوچ ويچــار ڪرڻ جي ضـرورت آهي. سـنڌو مـاتري جي سـپيتا جي اڪثر ماڳن مان مليل قبرن ۾ ميتن سان ڪاڌي خوراڪ سان ڀريل برتن ۽ زيور گڏ دفن ڪــرڻ جــو

رواج هيو. چاڪاڻ تـه ان دور جـا مـاڻهو مـوت کـان پوءِ پيهر حياتي ملڻ جي تصور ۾ يقين رکندا هئا. پر قبر ۾ به هڪ ٻئي سان محبت جو اظهار ڪرڻ جــو سنڌو سڀيتا جي ڪنهن ماڳ تان مليـل هي پهريـون انوکو مثال آهي.

پـارت جي 5 هـزار سـال قـديم مـاڳ راکي ڳــڙهي جي 2016ع ۾ ڪوريــا ۽ انــديا جي قــديم آثارن جي ماهرن کوٽـائي ڪـرائي. آرڪيـالاجي جي ماهرن ٽن سالن تائين مرد ۽ عـورت جي ان گـڏيل قبر تي کوجنا ڪئي. قبر ۾ بـه هڪ ٻـئي سـان پيـار جـو اظهـار ڪنـدڙ ان جـوڙي جي مـوت جـا ڪـارڻ معلــوم ڪــرڻ جي ڪوشــش ڪــئي. هن مــاڳ تي تحقيق ڪندڙ قديم آثارن جي ماهر وســنت شــاندي جو چوڻ آهي ته هڪ ئي قبر ۾ سـتل هي عـورت ۽ مـرد جيڪي هڪ ٻـئي ڏانهن نهـاري رهيـا آهن، اهي يقينن پـاڻ ۾ زال ۽ مـڙس هونـدا. ايئن لڳي ٿـو تـه هنن ٻنهي جو موت هڪ ئي وقت ٿيـو هجي. مـوت وقت عورت جي عمر 35 سال ۽ مرد جي عمر 38 سال هئي. يعني هنن ٻنهي نوجواني ۾ وفـات ڪـئي هئي. وسنت شاندي موجب مرد جو قـد 5 فـوٽ 8 انچ ۽ عورت جو قد 5 فوٽ 6 انچ هيو. سندن موت جا طبي ڪارڻ معلوم ڪرڻ بعد پتو پيو آهي ته هــو مــرڻ وقت صــحتمند هئــا. جــوڙي جي جســماني عضون جي ٽيسٽ مان سـندن جسـم تي ڪنهن بـه قسم جو ڌڪ لڳڻ يا ڪو عضوو ٽٽي پوڻ جو ثبــوت نه مليو آهي. قسيم آثارن جي ماهرن مـوجب راکي ڳـڙهي جي مـاڳ تـان عـورتن ۽ مـردن جي گـڏيل تدفين جا اهڙا ڪي ٻيا ثبوت نه مليا آهن. ان ڪــري اهو اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته هن نوجوان جــوڙي جــو مــوت هڪ ئي وقت ٿيــو هجي. ان ڪــري کين هڪ ئي قبر ۾ دفن ڪيـو ويـو هجي. بـاقي نوجـوان جوڙي جا منهن هڪ ٻئي طرف ڪري تدفين ڪــرڻ سـندن وچ ۾ محبت کي نظـر ۾ رکنـدي ڪـئي وئي هجي. راکي ڳڙهي جي قديم ماڳ وانگر گجرات ۾

به سنڌو سڀيتا جي هڪ قديم وسندي مان عورت مرد جا گڏ پوريل لاش مليا هئا.

نه فقط سنڌ ماتري پر عـورتن مــردن جي گڏيل تدفين جا ان قسـم جـا ثبـوت ٻين ملڪن جي قديم ماڳن تان به مليـا آهن. اٽلي جي هڪ ڳـوٺ پــٽر دور جي هڪ قبرسـتان مــان مــاهرن کي هڪ اهـڙي جـوڙي جي قـبر ملي آهي. جنهن هـو هڪ ٻئي سان ڀـاڪر پـائي دفن ٿيـل آهن. سـاڳي طـرح روس بـه هڪ اهـڙي جـوڙي جي گـڏيل قـبر ملي آهي، جيڪـي هٿ هٿ ڏئي هڪ ٻئي طــرف منهن ڪري سٽل آهن. يونان مان 6 هزار سال آڳاٽا اهـڙا ڍانچا مليـا آهن، جيڪي هڪ ٻـئي سـان ڀـاڪر پـائي سٽل آهن. نه فقط هـو هڪ ٻـئي سـان ڀـاڪر پـائي سٽل آهن، پر سندن ٻـانهون ٽنگـون بـه هڪ ٻـئي سان لپٽيل آهن.

راڪي ڳڙهي جي قـديم مـاڳ تـان گـڏ پوريـل نوجوان جوڙي جي قبر سنڌو ماتري جي وارثن جــو 5 هزار سال آڳاٽي محبت جو لازوال داسـتان قـرار ڏئي سگهجي ٿو.

ڪارساز سانحو، جتي محبت موت کي شڪست ڏئي ڇڏي

پاڪستان جي تاريخ ۾ 18 آڪٽوبر 2007ع جي ڏهاڙي تي ملڪ جي پيڙهيل عوام ظلم ۽ ناحق خلاف جدوجهد جو جهنڊو بلند ڪندي آمريت پسند قوتن کي للڪار ڪئي هئي. هن ڏهاڙي تي ملڪ جي عوام پنهنجي جان جي پرواهه نه ڪندي، ان دشمن کي للڪار ڪئي هئي، جيڪو سندن انساني ۽ جمهوري آزادين جو ويري هو. جنهن ملڪ مٿان پنهنجي مدي خارج سوچ مڙهڻ ٿي گهري، جنهن هن ملڪ کي صديون پوئتي ڌڪي ان اونداهي غار ۾ اڇلڻ ٿي گهريو، جتي وحشپڻو پنهنجا خوني چنبا ڦهلايو ويٺو هو. هن ڏهاڙي تي جڏهن عوام جي محبوب رهنماءِ محترمه شهيد بينظير ڀٽو 8 سالن جي جلاوطنيءَ ختم ڪري وطن موٽي هئي ته ڪراچيءَ ۾ سڄي ملڪ جي عوام لکين هٿ هوا ۾ لهرائي سندس جيڪو آدرڀاءُ ڪيو هو، ان جو مثال ويجهي تاريخ ۾ ملڻ مشڪل آهي.

ملڪ تي جنرل پرويز مشرف جي حڪومت هئي، سنڌ جي راڄي کي ڌمڪيون ڏياريون ويون ته هو ملڪ واپس نه اچي، سندس جان کي خطرو آهي. حڪومتي چينلز ذريعي به ڪيس نياپو ڏياريو ويو ته حڪومت ڪيس تحفظ جي ضمانت نه ٿي ڏئي سگهي. پر بينظير ڀٽو کي حڪمرانن نه پر عوام جي تحفظ جي ضمانت گهربل هئي. شهيد راڻي دهشتگردن ۽ انتهاپسند گروپن جي گدڙ ڀبڪين کان ڊڄڻ واري نه هئي. هو جڏهن ڪراچي هوائي اڏي تي پهتي ته لکين ماڻهن جي جذبي کي ڏسي خوشي مان لڙڪ لاڙي ويٺي ۽ هن پنهنجي جان ان خدا جي حوالي ڪري ڇڏي، جيڪو سندس استقبال لاءِ آيل لکين مخلوق جو به خالق هو.

بينظــير ڀٽــو لکين مــاڻهن جي جلــوس جي اڳواڻي ڪندي، جڏهن ڪراچي جي شاهراهه فيصل تي آئي ته سندس استقبال ڪندڙ ماڻهن جي سـمنڊ انتهاپسندن جي صفن ڪنبـڻي پئـدا ڪـري ڇـڏي. دهشتگرد گروپ عوام جي طاقت ڪـان ڪنـبي ويـا. هنن عــوام جي آواز کي شڪســت ڏيڻ لاءِ پنهنجــا حربا استعمال ڪرڻ شروع ڪيا. عوامي جـذبن کي بارود جي بوءِ سان سرد ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. جڏهن بينظير ڀٽو جي سربراهي لکين مـاڻهن جي ريلي شاهراهه فيصل تي ڪارساز وٽ پهـتي تـه ان کي بمن جـو نشـانو بڻـايو ويـو. بينظـير سـندس جانثارن تي خودڪش بمبارن حملـو ڪـري ڏنـو. ان حملي ڪــارڪنن شــهيد بينظــير جي تــرڪ جــو گهيراءُ ڪـري پنهنجي محبـوب ليـڊر ٻي مرڪـزي قادت کي ته بچائي ورتـو. پـر بينظـير جي اسـتقبال لاءِ آيــل 150 کــان وڌيڪ مــاڻهو شــهيد ٿي ويــا سـوين زخمي ٿي پيـا. خـودڪش بم ڌمـاڪن بعـد ڪارساز تي قيامت جو منظر هو. چوطرف انساني لاش عضوا پکڙيـل هئـا. شـهيد ٿي ويلن ڪيـترا معصوم ٻار بـه شـامل هئـا. جيڪي پنهنجي محبـوب ليڊر جي هڪ جهلڪ ڏسڻ لاءِ پنهنجي والدين سـان گڏ پهتـا هئـا. ڌماڪـا ڪنـدڙ ڪرائينـدڙ ڪـير هئـا. ملڪ جو عوام اهو سـڀ ڪجهـه ڄـاڻي پيـو. شـهيد بينظير ملڪ موٽڻ کان اڳ ئي چئي چڪي هـئي تـه ڪجهـه مـذهبي انتهـا پسـند گـروپن کيس قـاتلاڻي حملي مــارڻ جي ڌمڪي ڏني آهي. بينظــير ڀٽــو انهن ڌمڪين ملڻ بعد اهو چتاءُ ڏنو هو ته جيڪـڏهن کيس ڪجهه بـه ٿيـو تـه ان لاءِ جـنرل مشـرف جي حڪومت ان شـريڪ ڌريـون ذميـوار هونـديون. هن واقعي وقت بينظــير ڀٽــو جي هڪ ســاهيڙي اسڪوفيلڊ، به ساڻس گڏ هئي. ڪارساز واقعي کان پوءِ اسڪوفيلڊ بي بي سـيءَ سـان ڳالهائينـدي چيـو هــو تــه "اســان تــرڪ تي وينــا هئاســين تــه اوچتــو روشنيءَ جو چمڪات ٿيو ان بعد ڌماڪو ٿيــو. هن

ڌماڪي جي ٻن منٽن بعد ٻيو ڌماڪو ٿيو، جيڪو پهرئين جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ زوردار هو.” يعني دهشتگردن هڪ رٿابندي سان سنڌ راڻي کي شهيد ڪرڻ ٿي گهريو. سندن رٿابندي هئي ته جيڪڏهن پهرين بم ڌماڪي ۾ بينظير بچي ٿي وڃي ته ڪيس ٻئي خودڪش ڌماڪي ذريعي شهيد ڪيو وڃي. بم ڌماڪن کان پوءِ بينظير ڀٽو کي تباهه ٿيل ٽرڪ مان حفاظت سان ٻاهر ڪڍي پنهنجي گهر بلاول هائوس روانو ڪيو ويو. شهيد راڻي جي عوام سان ڪيتري محبت هئي، ان جو اندازو ان ڳالهه مان لڳائي سگهجي ٿو ته ڪراچي هوائي اڏي کان روانگيءَ بعد بينظير ڀٽو، بلٽ پروف شيشي واري ڪئبن استعمال ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو هو. هن وڏي واکي چيو هو ته، ”آئون ڊڄان ڪانه ٿي، صرف پنهنجي مشن بابت سوچي رهي آهيان، آءٌ سمجهان ٿي ته پنهنجي عوام لاءِ جمهوريت خاطر جنگ وڙهڻ آئي آهيان.“ ڪارساز تي بم ڦاڙيندڙ ۾ معصوم ماڻهو ماريندڙ شهيد بينظير ڀٽو کي خوفزده ڪرڻ ۾ ناڪام ويا هئا. چاڪاڻ ته بينظير ڀٽو خوفزده ٿيڻ بجاءِ ٻئي ڏينهن شهيدن جي گهرن ۾ وڃي سندس پوئلڳن سان ڏک ونڊيو هو ۾ زخمين جي عيادت لاءِ اسپتالن ۾ پهچي هر قسم جي خوف ۾ دهشت کي شڪست ڏئي ڇڏي هئي. ڪارساز سانحي ۾ 150 ماڻهو شهيد ٿيا هئا. شهيدن ۾ 20 اهڙن ماڻهن جا به لاش هئا، جن جي آخر تائين سڃاڻپ ۾ وارثي نه ٿي سگهي هئي. انهن شهيدن جي مڙهن کي بينظير ڀٽو جي اباڻي قبرستان گڙهي خدابخش نيو ويو هو، جتي ڪين ڀٽو 1، ڀٽو 2، ڀٽو 3 وغيره جا نالا ڏئي مٽي ماءُ حوالي ڪيو ويو. سنڌ سميت پاڪستان جي تاريخ ۾ 18 آڪٽوبر 2007ع جي ڏهاڙي تي معصوم ماڻهن جو وهيل رت اڄ به آمريت ۾ انتهاپسندي خلاف للڪار بڻيل آهي. ان ۾ ڪوبه شڪ ناهي ته ڪارساز

سانحي واري ڏهاڙي تي محبت موت کي شڪست ڏئي ڇڏي هئي.

سنڌ جي تاريخ جو پوسٽ مارٽم

برصغير سميت سنڌ تي قابض انگريزن خلاف مختلف وقتن تي آزادي جي هلچل هلندي رهي. سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ □ آزادي جي متوالن انگريز سامراج خلاف پنهنجي پنهنجي طور طريقي سان ويڙهه وڙهي. انگريزن سنڌ کي 1843ع □ قبضو ڪري پنهنجي تسلط هيٺ آندو. انگريزن سنڌ تي لڳ ڀڳ هڪ صدي حڪومت ڪئي. ان دوران سنڌ جي ماڻهن ڌارئي راڄ خلاف مختلف وقتن تي

مـزاحمت ڪـئي. جـتي ڪـانگريس □ مسـلم ليـگ سـميت ٻين سياسـي جمـاعتن قـانوني □ آئيـني طـريقي سـان برطـانوي سـامراج خلاف جدوجهـد ڪـئي. اتي ڪجهـه ڌرين تحـريڪ جـا غـير روايـتي طريقـا بـه اسـتعمال ڪيـا. جن □ انگريـزن خلاف گوريلا ويڙهه سـميت پرتشـدد ڪـارروايون □ حملا به ڪيا ويـا. سـنڌ □ جـتي هيمـون ڪـالاڻي پرتشـدد ويڙهه جي ڏوهه □ ڦاهي تي چـاڙهيو ويـو، اتي حـر تحـريڪ جي بـاني سـورهيه بادشـاهه صـبغت اللـه شـاهه پـير پاڳـاري کي بـه 20 مـارچ 1943ع تي ڦـاهي تي چـاڙهي سـندس مڙهـه نـامعلوم هنـڌ تي دفن ڪيو ويو. جيئن سـنڌ جـا مـاڻهو آزادي جي هن متـوالي جي آخـري آرام گاهـه □ مـتي مـان بـه جدوجهد لاءِ اتساهه حاصل ڪري نه سگهن.

سـنڌ □ حـر تحـريڪ جدوجهـد جـا لازوال داستان رقم ڪيا. برصغير □ سنڌ جي هن جدوجهـد سبب ئي انگريزن کي پهريون ڀيرو مارشـل لا لاڳـو ڪرڻي پئي □ وطن جي آزادي لاءِ وڙهندڙ حـرن کي منهن ڏيڻ لاءَ جهـازن ذريعي بمبـاري ڪـرڻي پـئي. سنڌ جي چپي چپي تي لوڙهن جي صـورت □ جيـل ٺاهي، اتي حرن کي ٻارين ٻچين قيد ڪيو ويـو. دنيـا □ شايد ئي ڪٿي اهڙو مثال موجود هجي جو ڪنهن قـوم جي مـاڻهن کي آزادي جي جنـگ وڙهڻ جي ڏوهه □ معصوم ٻارن، جوان توڙي ٻڍڙين عـورتن □ جهـور پـوڙهن سـميت ڪليـل ميـدانن □ لوڙهـا ڏئي ڪئمپون قائم ڪري قيد ڪيو ويو هجي.

حـرن جي روحـاني رهـبر پـير پاڳـاري صبغت الله شاهه (اول) سن 1830ع □ حر فورس ٺاهي سيد احمد شـاهه شـهيد جي پنجـاب جي راجـا رنجيت سـنگهه خلاف شـروع ڪيـل جهـاد □ مـدد ڪـئي. حـرن هڪ تنظيم جي صـورت □ ان وقت افغانستان □ موجوده پاڪستان جي پختـون علائقن □ وجي سکن سان ويڙهه وڙهي. پير پاڳاري جو اهو

فيصلو غلط هيو يا صحيح، پاڻ هن وقت ان تي ڳالهه ٻولهه نه ڪنداسين. پاڻ فقط انگريزن جي خلاف هلايل حر تحريڪ بابت بحث ڪنداسين. سنڌ حر جي هلچل ڪي ٽن حصن ورهائي سگهجي ٿو.

اسان مٿي به ذڪر ڪري آيا آهيون ته حر تحريڪ جو بنياد پير صبغت الله شاهه) اول) وڌو. جڏهن سيد احمد شهيد 1824ع ڌاري سنڌ آيو هن پير پاڳاري کان ان وقت پنجاب راجا رنجيت سنگهه جي حڪومت خلاف مدد طلب ڪئي. پير پاڳاري پنهنجي جماعت جا هزارين ماڻهو يعني حر سيد احمد شاهه شهيد حوالي ڪيا. جن سک حڪومت خلاف جنگ ڀرو ورتو پر سيد احمد شاهه کي شڪست نصيب ٿي هو پنهنجي جانثارن سميت 10 مئي 1831ع تي شهيد ٿي ويو.

جڏهن انگريزن سنڌ فتح ڪئي ته هنن پير پاڳاري سندس حر جماعت کي پنهنجي لاءَ خطرو محسوس ڪندي، ان خلاف ڪارروايون شروع ڪيون حرن مٿان پابنديون وڌائي ڇڏيون.. جنهن جي نتيجي آخرڪار 1896ع انگريز خلاف پير پاڳاري طرفان حُر تحريڪ شروع ڪئي وئي. حرن جي ان ٻي هلچل دوران بچو بادشاهه پيرو وزير طرفان ٿرپارڪر ضلعي جي ڪجهه حصن تي پنهنجي آزاد حڪومت جو اعلان ڪيو ويو. انگريز سرڪار هن تحريڪ کي بغاوت قرار ڏئي، دٻاءَ لاءِ منظم طور تي ڪارروايون شروع ڪيون. انگريز سرڪار هن تحريڪ کي دٻائڻ لاءِ انتهائي سخت طريقا استعمال ڪيا ، جن ڏوهين توڙي بي ڏوهين جي ڳوٺن کي ساڙڻ، چوپائي مال ماڻهن کي بندوقن جو نشانو بڻائڻ عورتن جي بي حرمتي ڪرڻ جا شرمناڪ عمل ڪيا ويا. حرن جون بنا عدالتي فيصلي جي زمينون ملڪيتون ضبط ڪري ڪين بي گهر ڪيو ويو. خاص ٽربيونل مارشل لا ڪورٽون قائم ڪري سوين حرن کي

موت يا قيد جون ڳريون سزائون ڏنيون ويون. حر جماعت جي ماڻهن کي بنا عدالتي فيصلي جي لوڙهن ۾ بند رکيو ويو يا حرن جي اهم اڳواڻن کي سنڌ مان جلاوطن ڪري ٻين ملڪن ۾ رياستن جي جيلن يا خاص ڪئمپن ۾ باندي بڻايو ويو. پير پاڳارو صبغت الله راشدي ثاني 1922ع ۾ 14 سالن جي عمر ۾ گادي نشين ٿيو. سندس گادي واري دور ۾ ٿيون پيرو حر تحريڪ شروع ٿي. جنهن جي نتيجي ۾ 20 مارچ 1943ع تي کيس ڦاسي چاڙهي شهيد ڪيو ويو.

سنڌ ۾ آزادي جي هن هلچل کي ڪچلڻ لاءِ انگريزن مختلف قسم جون سازشون سٽيون. دنيا جي وڏي جاگرافيائي ايراضي تي قبضو ڪندڙ انگريز انتهائي چالاڪ، مڪار ۽ پنهنجي مفادن جي تحفظ خاطر مستقبل لاءِ ڊگهي رٿابندي ڪندڙ قوم هئي. هنن دنيا جي وڏي آبادي کي نه رڳو هٿيارن جي زور پر عقل، ڏاهپ ۽ مڪاري سان پنهنجي بيٺڪيت بڻايو. سندن پيٽ ۾ بيٺڪي رياستن جا حڪمران، مذهبي پيشوا ۽ عوام انتهائي سادو، هر ڳالهه تي بنا ڪنهن سوچ جي ويساهه ۽ بنا جاچ جوچ جي اعتبار ڪندڙ هيو. انگريزن برصغير سميت جن به رياستن تي قبضو ڪيو، اتان جي عوام ۾ موجود نسلي، مذهبي، طبقاتي ۽ برادري تڪرارن ۽ تضادن جو گهرو مطالعو ڪري، انهن تضادن ۽ تڪرارن کي پنهنجي بيٺڪي مفادن لاءِ استعمال ڪيو ۽ اهڙا طريقا اختيار ڪيا، جيئن انهن تضادن کي وڌيڪ گهرو ڪري تڪراءَ جي شڪل ۾ آڻي سگهجي، جيئن سندن بيٺڪي مفاد سلامت رهن. انگريزن انتهائي چالاڪي ۽ مڪاري سان سنڌ ۾ حر هلچل کي ڪچلڻ لاءِ نه فقط سنڌ ۾ نسلي ۽ برادري تضادن کي وڌيڪ گهرو ڪيو پر هتان جي ماڻهن وچ ۾ نفرت جا بنياد وڌا جيئن هو حر تحريڪ کي سچي سنڌ جي آزادي جي تحريڪ سمجهڻ بدران هڪ برادري ۽ هڪ درگاهه جي پير جي

بغـاوت سـمجهندي ان كـان پـاڻ كي الـڳ ركن. ان
كـري ئي حر تحريڪ سچي سنڌ جي تحـريڪ بڻجي
نه سـگهي. انگريـزن حـرن جي تحـريڪ كي كچلڻ
لاءِ سـنڌ جي ٻين بـرادرين، قـبيلن □ گـروهن مـان
غدار پئدا كـرڻ جي كوشـش كـئي تـه جـيئن هـو
انگريزن جا ساٿاري بڻجي حرن خلاف سندن سـاٿ
ڏين. پـــر ان ســـازش □ انگريـــز وڏي پئمـــاني تي
كامياب ٿي نـه سـگهيا. جيتـوڻيڪ هـو سـنڌي قـوم
منجهان كجهه غـدار خريـد كـري انهن كي پنهنجن
ئي ماڻهن خلاف استعمال كرڻ □ كامياب تـه ٿيـا،
پر سندن اها رٿابندي كا گهڻا نتيجا ڏئي نه سـگهي.
ان بعد هنن برصغير جي ٻين رياستن مان اهڙا قبيلا
□ برادريون لـڏائي سـنڌ □ آبـاد كـرڻ جي سـازش
سـتي، جيكـي سـندن مفـادن تحت اسـتعمال ٿي
ســگهن □ برطـــانوي قبضـــي خلاف جدوجهـــد □
مصروف قومن خلاف شاهه كـان وڌيڪ شـاهه جي
وفـادري جـو ثبـوت ڏئي سـگهن. ان ئي مقصـد لاءِ
انگريزن حر هلچل كي كچلڻ لاءِ سـنڌ □ پنجـاب □
بلوچسـتان مـان هـزارن جي تعـداد □ مـاڻهو لـڏائي
سنڌ □ آباد كـرڻ شروع كـيـا، جـيئن كين سـنڌ جي
ماڻهن خلاف اسـتعمال كـري سـگهجي. ان ڏس □
خــاص كـــري حـــر هلچـــل جي مركـــزي علائقن □
بلوچستان جي بگٽي قبيلي جي هـزارين مـاڻهن كي
لڏپلاڻ كـري آباد كـيو ويو. بگـٽي پئسـن جي لالچ □
انگريزن خلاف آزادي جي ويڙهه وڙهندڙن سان هر
قسـم جي دشـمني كـرڻ لاءِ تيـار هئـا. بگـٽين كي
بلوچستان جي ڊيرا بگٽي واري علائقي مـان لـڏائي
سنڌ جي سانگهڙ واري ضلعي □ خاص كـــري مكي
واري ٻيلي □ آنـدو ويـو، جـتي كين ڳـوٺ ٻـڌڻ لاءِ
هزارين ايكـڙ زمين نـه فقـط مفت □ ڏني وئي پـر
كين گهـر ٺـاهڻ □ خـرچ پكي لاءِ ٻـه ڳـري رقم ڏني
وئي. جنهن جي بدلي □ بگٽين پنهنجي ئي وطن جي
ماڻهن سـان غـداري □ دشـمني وارو انتهـائي گهٽيـا
كـردار ادا كـيو.

خـاص ڪـري انگريـزن خلاف حـرن جـڏهن 1896ع تحـريڪ شـروع ڪـئي تـه انگريـزن ان بغاوت کي نه فقط سختي سان ڪچليـو پـر سـنڌ پين رياست مان ماٺهو آٽي سنڌين جو زور تــوڙڻ کين اقليت تبــديل ڪـــرڻ جي حڪمت عملي تي ڪم شروع ڪيو. انگريزن سـانگهڙ مُکي ڍنـڍ جي آس پـــاس وارن علائقن بلوچســتان مـــان ڪجھ بلوچ قبيلن خـاص ڪـري بگـٽين کي آٽي آبـاد ڪيـو. انهن قبيلن نواب اڪبر بگٽي جـا وڏا خـاص طـور تي شامل هُئا. جن کي نه صرف حُرن جون زمينون مال ملڪيت ڏنا ويا پر مٿن اُهـا ڊيـوٽي رکي وئي ته هُو حُر تحريڪ حُـرن جي جاسوسـي ڪـري انهن کي پڪڙي انگريز سـرڪار جي حـوالي ڪنـدا. انگريزن بگٽين کي في حُر پڪـڙي ڏيڻ تي 10 رپيـا انعام ڏيڻ جو اعلان ڪيو. بگٽين حـر تحـريڪ خلاف انگريزن جو ساٿ ڏينـدي، حـرن خلاف ڪـارروايون شـروع ڪـري ڏنيـون، سـندس ڳـوٺن تي چڙهـايون ڪيون. گهرن مان ڦرلٽ شروع ڪـئي عـزتن تي حملا ڪيا . ان وقت جي مليل رڪارڊ موجب بگـٽين سوين حر پڪڙي انگريز سـرڪار حـوالي ڪيـا. جن مان بگٽين طرفـان پڪڙيـل گهٽ گهٽ 88 حُـرن کي ڦـاهيون ڏنيـون ويـون. سـندن سـر جي بـدلي بگٽين انگريزن کـان 880 رپيـا انعـام حاصـل ڪيـو. انگريــزن جي ڏوڪــڙن تي ســنڌين ســان دشــمني ڪندڙ بگٽين سردار اڪبر بگـٽي جي پونئـيرن جـو خـــاص ڪـــردار رهيـــو. ان جي بـــدلي کين ســنڌ سميت بلوچستان هزارين ايڪــڙ مفت زمين ڏئي سـردار جـو لقب ڏنـو ويـو. ماضـيءُ حـرن خلاف انگريزن جو ساٿ ڏينـدڙ پنجـاب بلوچسـتان مـان گهرايل قبيلا اڄ به سانگهڙ ضلعي سميت ســنڌ جي مختلف علائقن آباد آهن.

سنڌي زبان جي حفاظت لاءِ جنگ
وڙهندڙ پوپٽي هيراننداڻي

سنڌ جي ثقافتي گادي واري شهر حيدرآباد سان تعلق رکندڙ پوپٽي هيرا ننداڻي اها سنڌياڻي هئي. جنهن پنهنجي ماءُ ٻولي ۾ تمام گهڻو لکيو، کهاڻين، ناولن، تحقيق ۽ تنقيد سميت مختلف موضوعن تي ڪتاب لکيا. هي اها سنڌي ليکڪا هئي. جنهن 60 کان وڌيڪ سنڌي ڪتاب لکي، سنڌي ٻولي جي خزاني کي مالا مال ڪري ڇڏيو. هن جو وڏو ڪارنامو ته اهو هو جو هن ڀارت ۾ سنڌي ٻوليءَ کي قومي ٻوليءَ طور تسليم ڪرائڻ لاءِ هلايل هلچل ۾ نه فقط ڀرپور حصو ورتو، پر ان تحريڪ جي اڳواڻي پڻ ڪئي.

پوپٽي هيراننداڻي، سنڌ جي ٻئي وڏي شهر حيدرآباد ۾ 17 سيپٽمبر 1924ع تي رامچند هيراننداڻيءَ جي گهر ۾ جنم ورتو. پوپٽي اسڪولي تعليم ڪندن مل گرلس هاءِ اسڪول حيدرآباد مان حاصل ڪئي. هن 1939ع ۾ ميٽرڪ پاس ڪرڻ بعد انٽر ساڌو واسواڻي جي ميران ڪاليج ۾ بي اي جي ڊگري ”بنارس يونيورسٽيءَ“ مان 1943ع ۾ حاصل ڪئي. برصغير جي ورهاڱي ڪانپوءِ گهر ڀاتين سان گڏ ڀارت لڏي ويئي. جتي هن پڙهائي جو سلسلو جاري رکيو ۾ ايم اي جي ڊگري حاصل ڪئي.

پوپٽي والد جي وفات بعد مالي حالتون خراب هجڻ سبب پنهنجي ۾ ٻين گهر ڀاتين جي خرچ پکي پوري ڪرڻ لاءِ ٽيوشن به ڏني ۾ ممبئيءَ ۾ ماستري جي نوڪري به ڪئي. 1960ع ۾ نيشنل ڪاليج باندرا ۾ سنڌي جي ليڪچرار مقرر ٿي، پر ساڳئي وقت پاڻ ڪامرس ڪاليج چرچ گيٽ ۾ به پارٽ ٽائيم پروفيسر طور ڪم ڪندي رهي. پوپٽي پروفيسر جي عهدي تان ئي رٽائر ڪيائين. پاڻ يونيورسٽيءَ ۾ ايم اي ۾ پي ايڇ ڊي جي شاگردن جي گائيڊ پڻ رهي. سندس ڇپيل ڪتاب ممبئي، پونا ۾ گجرات جي يونيورسٽين ۾ بي اي ۾ ايم اي جي ڪورسن لاءِ تسليم ٿيل آهن. ڪيس هندي، سنسڪرت ٻولين سميت فيلسوفي ۾ ويدن وغيره سان به گهڻي دلچسپي رهي.

ناميارو اديب يوسف سنڌي پنهنجي ڪتاب “سنڌي ادب، هڪ سو سنڌي اديب” ۾ پوپٽي تي لکيل تفصيلي مقالي ۾ لکي ٿو ته پوپٽيءَ ۾ پڙهڻ جي عادت ننڍي هوندي کان ئي هئي. پوپٽي ان بابت پاڻ ئي چوي ٿي ته پڙهڻ جي عادت مون ۾ پروفيسر ڪي اين واسواڻي وڌي، ۾ لکڻ جي شري هاسي مل ماکيجاڻي وڌي. هاسي مل لکڻ لاءِ آمادهه ڪندي چيو هو ته، ”خيال جو وستار ڪرڻ ۾ وستار واري ڳالهه کي ننڍو ڪري لکڻ جو ڏانءُ تو

۽ آهي. تون ليکڪا بڻجي سگهين ٿي؟“ پوپٽي ٻڌائي ٿي ته هاسو مـل ماڪيجـاڻي جـڏهن حيـدرآباد ڇـڏي ڪراچي ۾ وڃي رهائش اختيار ڪئي تـه اتـان مـون کي آکاڻي لکي موڪلڻ لاءِ لکيو هئائين. مــون ڪيس ”اُتم ڪــير؟ اســتري يــا پــرش.“ جي عنــوان هيٺ ڪهاڻي لکي موڪلي. اهـا آکاڻيسـچي پـريم ڪهـاڻي هئي.

يوسف سنڌي موجب پوپٽي سپ کان پهـرين ڪهــاڻيون لکڻ شــروع ڪيــون. ســندس ڪهــاڻيون گهڻي ڀاڱي زال جي زندگي ۽ اُن جي چــوگرد ڦــرن ٿيون. ماءُ پيءُ وڙهن تـه ڌيءَ ڪـيئن ٿي محسـوس ڪري، پيار ڪندڙ ڇوڪرو ڇڏي وڃي ته محبوبا جي من جو حال ڪهڙو ٿو ٿـئي. هڪ زال جـڏهن محبت جو تيز ڌڪ ٿي کائي ته پوءِ ڪن حالتن ۾ ڪـيئن ٿي هيٺ ڪــري، هڪ زال ٻي ســان ڪــيئن ٿي حســد ڪـري. پرڻيـل زال کي ٻيـو ڪـو مـرد وڻي وڃي تـه ســندس دل جي ڪيفيت ڪهــڙي ٿي ٿــئي. اهي ۽ انهيءَ سان ملنـدڙ موضـوع ئي پوپـٽي جي ڪهـاڻين جا موضوع هوندا آهن.

يوســف ســنڌي مــوجب پوپــٽي اصــولن تي ڪڏهن به سـمجهوتو نـه ڪيـو. هـوءَ عـربي سـنڌي لپيءَ جي بچاءُ خاطر ديونا گـري لـپي جي حمـايتين جي خلاف وڙهنــدي رهي آهي. هن ســنڌي زبــان، ادب ۽ ثقافت جي حفـاظت لاءِ هڪ بهـادر سـپاهي جيان جنگ لڙي ۽ سنڌين ۾ سـجاڳي آڻڻ لاءِ سـڄي هندستان جو دورو ڪيـو. هندسـتان ۾ سـنڌي زبـان کي قومي زبان طور تسـليم ڪـرائڻ تـوڙي سـنڌي ادب ۽ ثقافت ۽ تهذيب کي زنده رکڻ جي لاءِ جيڪا هلچـل هلي، ان ۾ پوپـٽيءَ جـو وڏو ڪـردار رهيـو ۽ هوءَ انهيءَ جي مهڙ واري دستي جي اڳواڻ رهي.

پوپٽي کي لکڻ پڙهڻ ڪانسواءِ ڊانس ڪرڻ ۽ شاعرهه ٿيڻ جو به شوق هيو. پر سندس اهي ٻــئي شوق پورا ٿي نـه سـگهيا. هـو ٻـڌائي ٿي تـه بعـد ۾

سـندس لاڙو ڳـائڻ ڏانهن ٿيـو. پـر درس ۾ تـدريس جي شعبي سان سلهاڙيل هجڻ ڪري ان شوق کي بـه گهڻـو عرصـو برقـرار رکي نـه سـگهي. پوپـٽي پنهنجي پين شوقن بابت ٻڌائي ٿي ته جيتوڻيڪ سبڻ ۾ پرت جا امتحان پاس ڪيا، پـر سـبڻ سـان ايـتري دل نـه اٿم، جيـتري رڌڻ سـان، بـاقي گهمڻ ۾ لکڻ منهنجي شوقن ۾ ضرور شمار ٿيندا.“

پوپـٽي سـنڌي ٻـولي جي بيبـاڪ ليکڪـا رهي آهي .الهـاس ننگـر ۾ ممبـئيءَ جي ادبي ڪلاسـن ۾ تـوڙي ڪانفرنسـن ۾ سـيمينارن ۾ شـرڪت دوران بيبـــاڪي ســـان تنقيد ڪـــرڻ ڪـــان ڪـــڏهن نـــه ڪيٻايائين .هند ۾ سـنڌي ٻـوليءَ کي قـومي ٻـوليءَ طور تسـليم ڪـرائڻ لاءِ هليـل تحـريڪ جي اڳـواڻن مــــان هڪ هــــئي .اکــــل پــــارت ســــنڌي ٻـــولي ســـاهت ســـيا ســـان آخـــر تـــائين لاڳاپيـــل رهي .نـاٽڪن ۾ سـنڌي ثقـافتي پروگـرامن ۾ گهڻـو حصو وٺندي رهي . پوپٽي باغي مزاج رکندڙ عــورت هـئي. هن سـماج جي ڪـڏين رسـمن سـان بغـاوت ڪئي. جنهن جو هڪـڙو مثـال اهـو بـه آهي تـه هڪ نوجـوان جيڪـو ڪيس پسـند ڪنـدو هـو، ان سـاڻس شادي ڪـرڻ چاهي ۾ پت نوجوان جي مائٽن پوپـــٽي جي والدين کان وڏي ڏاج جي گهر ڪــئي، جنهن تي پوپٽي احتجاج ڪندي چيو ته هو مون کي بـه وٺڻ ٿـا چاهين ۾ ڏاج کي به. ان ڪري هن اهـو رشـتو ٽـڏي ڇڏيو ۾ سڄي زندگي شادي نه ڪئي.

پوپـٽي جي ڪهـاڻين جي ڪتـابن ۾ هيٺ ڏنـل ڪتاب شامل آهن.

رنگين زماني جـون غمگين ڪهـاڻيون، پڪـار، ڪلي گلاب جي، ساغر شراب جو، مون تـوکي پيـار ڪيو، خزان جـو دور پـورو ٿيـو، شـهناز، زنـدگي نـه ڪويتـا نـه ڪهـاڻي، اسـين هِت اوهين هُت، زنـدگي جي پوئٽري، ڪفن ڍڪي زندگي (هندي ۾ ڪهاڻيون)

پوپٽي ني شرپشٽ ڪهانيان (گجـراتي ڪهـاڻيون) لي ڪاورڊ (انگريزي ڪهاڻيون) شامل آهن.

پوپٽي ڪهاڻين سان گڏ ناول بـه تخليـق ڪيـا، سندس ناولن منجـو، حسـرتن جي تـربت، جي جهوري تن تات، سيلاب زندگيءَ جو شـامل آهن. پوپٽي ڪيترائي مضمونن جا ڪتـاب بـه لکيـا، جن هڪ پشپ پندرهن پنکڙيون، پارت جي استري، مان ڇـا آهيـان، ٻـولي منهنجي مـاءُ، سـنڌي ڪلهـه اڄ ڇون ڇٽڪن چت ، زنـده سـا قـوم رهنـدي شـامل آهن. پوپـٽي جـا تنقيـد، شـاعري، لسـانيات ٻين موضـوعن تي بـه ڪيـئي ڪتـاب لکيـل آهن، جن ڀاشا شاستر، سنڌي ٻولي، عزيـز: شـخص عـالم، سـنڌي مسـلمانن گـوين جي هنـدي ڪويتـا، روح سندي رُڄ، مان سنڌڻ، سـنڌي سـاهت جي جهلڪ، سـنڌي هسـتيون، پـدمٽي (نـاٽڪن جـو مجموعـو) سنڌي شادي (ڊانس ڊراما) ماٽڪ موتي لعـل، ڏهن ڏينهن سنڌي سکو، سـنڌ ڪـان گنگـا جمنـا (خـط) سـنڌيز: دي اسـٽئڪرڊ تريـپر (انگريـزي) شـاهه سنڌي تهذيب جو روح شامل آهن.

پوپٽي پنهنجي آتم ڪٿـا "منهنجي حيـاتيءَ جـا سـونا روپـا ورق" جي عنـوان سـان لکي. پوپـٽي سندس خانـدان سـنڌ ڪهـڙين حـالتن ڇـڏي اهـو داستان سـندس لکيـل آتم ڪٿـا واري هن ڪتـاب پڙهي سگهجي ٿو. هي ڪتاب نـه رڳـو پوپـٽي هـيرا ننـداڻيءَ جـو ورهـاڱي جـو داسـتان آهي، پـر انهن سڀني سنڌي هندن جو داستان آهن، جن ڪـان سـنڌ ڇڏرائي وئي هئي،

پوپٽي هيرانداڻي سنڌي ادب جي تاريخ بـابت هڪ انتهائي اهم ڪتاب هسٽري آف سـنڌي لـٽريچر (آزادي کانپوءِ 1947ع کان 1978ع تـائين-انگريـزي) جي عنـوان هيٺ تحريـر ڪيـو. سـنڌي ادب تي تحقيـق جي حـوالي سـان هي انتهـائي اهم ڪتـاب آهن. جنهن 1947ع کان وٺي 1978ع تائين پارت

 لکيل سنڌي ادب جو تفصيلي تاريخ ڏني وئي آهي.

پوپٽيءَ کي ادبي خدمتن تي ڪيترائي ايوارڊ انعام ڏنا ويا. جن ساهتيه اڪادمي ايوارڊ، مهاراشٽر حڪومت پاران گرو پرسڪار ايوارڊ ، اکل ڀارت سنڌي ٻولي ساهت سڀا پاران” هڪ پشپ پنج پنکڙيون “ڪتاب تي ايوارڊ، انٽرنيشنل لطيف ايوارڊ، سدائين گڏ سنڌي ايسوسيئشن پاران ايوارڊ، سنڌي نو رتن سنڌي ڪلچرل ايسوسيئشن ممبئيءَ پاران ايوارڊ ڏنا ويا. پوپٽيءَ جي زندگيءَ تي ڪونج رسالي طرفان 1975ع خاص نمبر شايع ڪيو ويو. جڏهن ته جگديش لڇاڻيءَ منوهر ٻيديءَ سندس شخصيت تي ريڊيو تي .وي اسڪرپٽ ’پوپٽي ، پو- ڦٽي ‘(1990ع)شايع ڪيو .

پوپٽي هيرانندڻي جو وڏي وڏو سپنو اهو هو ته ڀارت سنڌين کي پنهنجي رياست هجي. پوپٽي جو اهو خواب سندس حياتيءُ ساڀيان نه ٿي سگهيو. جيتوڻيڪ پوپٽي هيرانندڻي 16 ڊسمبر 2005ع تي اسان کان هميشه لاءِ وڇڙي وئي. پر سندس لکڻيون اسان جي سماج جي رهنمائي لاءِ موجود رهنديون.

وطن لاءِ جان گھوريندڙ امر روپلو ڪولهي

اج پاڻ سنڌ جي اهڙي لازوال ڪردار جو ذڪر ڪنداسين، جنهن انگريز سامراج سان وڙهندي پنهنجي جان جون نذرانو ڏئي تاريخ ۾ امر ٿي ويو. روپلو ڪولهي ڪاروجهر جي اوچي ڀِٽ ڪي جهڪائڻ بدران پنهنجو ڪنڌ ڪٽرائي ڇڏيو. سنڌ جو هي سورمو روپلو ٿر جي ننگر پارڪر واري علائقي جو رهواسي هيو. هن 1818ع ڌاري ننگر شهر کان 15 ڪلوميٽرن جي فاصلي تي هڪ ڳوٺ ڪنڀاري ۾ شانتو ڪولهي جي گهر ۾ جنم ورتو. سندس ماءَ جنهن کي اوڙي پاڙي جي ماڻهو مائي ڪيسر ٻائي جي نالي سان سڃاڻندا هئا. تنهن پنهنجي هن پٽ کي لاڏ ڪوڏ سان پالي جوان ڪيو. انگريزن پارت تي قبضي بعد سنڌ کي 1843ع ۾ پنهنجي تسلط هيٺ آندو. انگريز جنرل تروٽ سنڌ

جي ٿر واري علائقي ننگرپارڪر تي قبضي لاءِ فوج ڪشي ڪئي ته ٿر جي جونجهارن وک وک تي سندس رستا روڪ ڪئي. ٿر انگريزن سان مهاڏي اٽڪائڻ جا داستان اڄ به ٿر جي پٽن تي رهندڙ ٿرين جي دل دماغ تازا آهن. جيتوڻيڪ انگريزن سان وڙهندي ٿرين جو وهيل رت واري جي پٽن غائب ٿي چڪو آهي پر وسڪاري جي هر مند ان رت مان ساوا سلا ور ور ڪري ڦٽي پوندا آهن.

ٿر سنڌي جوڌن طرفان ٿيل مزاحمت سبب انگريزن کي 16 سالن تائين بهادر ٿرين سان مهاڏو اٽڪائڻو پيو. ٿر جي راجپوتن جي فوج وڏو تعداد ڪولهي سپاهين تي مشتمل هو. سندن فوج جو سپهه سالار روپلو ڪولهي هو. ٿرين انگريز فوج سان 1843 کان 1859 تائين لڳاتار 16 سال جنگ جاري رکي. جيتوڻيڪ راجپوتن جي فوج وٽ جديد قسم جا هٿيار به نه هئا. جڏهن ته حملي آور فوج هر قسم جي تباهي ڦهلائيندڙ هٿيارن سان هٿياربند هئي. روپلو ڪولهي سندس فوج نه فقط بهادري پر پنهنجي علائقائي جنگي حرفت سان انگريزن سان مهاڏو اٽڪائيندي رهي. روپلو جي سربراهي ٿرين جي فوج ٿي پيرا انگريزن جي فوج کي شڪست ڏني. بغاوت جو جهنڊو بلند ڪندڙ روپلو ڪولهي سندس فوج طئه ڪري چڪو هئي ته ڪنهن به صورت انگريزن کي ڪارونجهر جي ڪور تائين پهچڻ نه ڏنو ويندو. روپلو ڪولهي 15 اپريل 1859ع تي برطانوي سامراج خلاف کلي عام بغاوت جو اعلان ڪري سر عام نڪري پيو. روپلو ڪولهي پنهنجي قبيلي جي 8 هزار کان مٿي ويڙهاڪ ماڻهو گڏ ڪري انگريزن جي آفيسن تي حملا ڪري ڏنا. فرنگيءَ جي آفيسن پچ ڊاهه ڪري باهيون ڏنيون ويون. خزانا لٽيا ويا، انگريزن جي فوجي ڪئمپن تي حملا ڪري انهن کي نقصان رسايو ويو.

روپلو ڪولهي ڪي انگريز فوج انتهائي چالاڪي ۽ مڪاري سان مئي 1859ع ۾ گرفتار ڪري ورتو. ٻڌايو وڃي ٿو ته جڏهن مئي مهيني ۾ روپلو گرفتار ٿيو تڏهن ننگر ۾ سخت برسات وسي رهي هئي. پٿيالي ۽ گودروندي تيز وهي رهيون هيون. ان ڏينهن انگريزن سان دوبدو ويڙهه وڙهي وئي، ڇهه هزار ڪولهي شهيد ٿيا. جن جو خون انهن برساتي ندين ۾ وهندو رهيو. پاٽي ريٿو رت ٻڃي ويو. ڌرتي ۽ وطن تان هزارين ڪولهي جان جو جذرانو ڏئي شهادت جو جام پيندا رهيا. هنن ساهه ڏئي ويساهه قائم ڪري ورتو. جڏهن ته سندن راجا لاڏو سنگهه ۽ ڪرن سنگهه توڙي ٻاوا ۽ ٻيون برادريون ميدان ڇڏي ڀڄي ويون. حملي آور فوج جي جنرل تروٿ روپلي تي گرفتاري بعد انتهائي بي رحماڻو تشدد ڪيو، جيئن هو پنهنجي ٻين ساٿين جو به ڏس پتو ڏئي. جيڪي سندس گرفتاري باوجود ڪارونجهر ۾ جنگ جاري رکيو ويٺا هئا. جنرل تروٿ روپلي ڪان انهن سوڍن ۽ راجپوتن جا به نالا گهريا ويا جيئن ڪين به سوگهو ڪري هن مزاحمت جو هميشه لاءِ انت آندو وڃي. پر روپلو ڪولهي انگريزن ڪي پنهنجي هڪ به ساٿي بابت ڄاڻ نه ڏني. مڪار ۽ چالاڪ انگريز جنرل طرفان آڻ نه مڃڻ بعد روپلي ڪي لالچون ڏيڻ شروع ڪيون ويون. ڪيس چيو ويو ته تر جا حاڪم سوڍا ۽ راجپوت مال ملڪيتون وٺي انگريز حڪومت سان ٺاهه ڪري چڪا آهن ته روپلي سندن آڇن ڪي رد ڪندي ڌرتي ماءُ سان غداري ڪرڻ ڪان موت ڪي ترجيح ڏيڻ جو وچن ورجايو. سنڌ جو هي سپاهي ڪارونجهر جيان اوچو ڳاٽ ڪري تارچر سهندو رهيو پر آڻ مڃڻ لاءِ تيار نه ٿيو. انگريزن روپلي ڪولهي ڪي آڻ مڃائڻ لاءِ سندس گهر واري رتن ٻائي (ميڙواتي) تي به دٻاءُ وڌو ته هو پنهنجي مڙس جي حياتي بچائڻ لاءِ ڪردار ادا ڪري. انگريزن طرفان روپلي جي وني ڪي چتاءُ ڏنو وڃي ٿو ته

جيڪـڏهن روپلي آڻ نــه مڃي تــه تنهنجي لڄ لــٽي ويندي. پر هڪ بهادر سپاهي جي زال انگريــزن جي دڙڪن ۾ دهمانن آڏو هيٺي ٿيڻ جهڙي نـه هـئي. هـو جـڏهن پنهنجي بـاغي مـڙس سـان ملي ٿي تـه ان وقت پــاڻ بهــادري جي علامت بڻجي وڃي ٿي. هــو پنهنجي ور روپلي کي چــوي ٿي تــه متــان آڻ مڃي مون کي ٽرياڻين آڏو لڄايو تـئي. رتن ٻـائي زخمن ۾ چور ٿيل پنهنجي مـڙس جي ان حـالت کي ڏسـندي نه ڊڄي ٿي، نه وري سندسن جسم ۾ خـوف سـبب ڪنبڻي پئدا ٿئي ٿي، پر سندس هٿ هوا ۾ لهرائن ٿا ۾ پنهنجي ور کي چــوي ٿي تــه روپلا انگريــزن جي دوکي ۾ اچي انهن سـان نـاھ نـه ڪجـانءِ. تـوکي ماريو ويو ته ٽريـاڻين جي ڪـک مـان منهنجي ڪـک مـان ڄمنـدڙ ٻـار تنهنجي نئـون جنم هونـدا. انگريـز جـنرل تــروٽ روپلي جي ٻنهي هٿن جي آڱــرين تي ڪپهه جون ٿهيل وٽيون ٺاهي انهن ۾ تيل وجهي ڏيئي وانگــر ٻــاريو. ســندس ڏهن ئي آڱــرين کي باهــه ۾ ســاڙيو ويــو. پــر هن ســرويچ پنهنجي وطن ســان غداري ڪـرڻ بـدران مـوت کي تـرجيح ڏني. انگريـز جنرل تروٽ 21 آگسٽ 1859ع تي روپلي ڪــولهي کي ڦاســـي تي لٽڪـــائي پنهنجي شڪســـت ۾ بي عزتي جو بدلو وٺڻ جي ناڪام ڪوشش ڪــئي. هن ڪــارونجهر جي ڪـونـڌر کي رات جــو 8 وڳي ننگــر جي پاسي ۾ واقع سئي گام جي پرسان وهنــدر نئن جي ڪناري تي ٻيئل ٻبر جي وڻ ۾ ٽنگي ڦــاهي ڏني وئي. روپلي جــو جســم وڻ جي ڏار ۾ لڏنـدو رهيـو، ســـندس عظمت آڏو ڪـــارونجهر پنهنجـــو ڪنـــڌ جهڪـائي ڇـڏيو. سـنڌ پنهنجي هن سـلڇڻي پٽ جي بهادري تي فخر وچان مرڪي ڏنو.

ظالمن خلاف گوريلا جنگ
جوٽيندڙ سورمو لاکو ڦلاڻي

سنڌ اڄ جن سـرحدن تي مشـتمل آهي، اهي سرحدون ان جون ماضيءَ ۾ نه هيون، سـنڌ وسـيع جاگرافيـائي ايراضـي تي ڦهليـل هـئي. جنهن ۾ اڄوڪو پنجاب، بلوچستان، راجسٿان، گجرات ۾ ٻيـا علائقا شامل هيا. اسان جـڏهن ماضـيءَ جي سـنڌ جي تاريخ جو ذڪـر ڪنداسـين تـه ان کي موجـوده سنڌ جي محدود سرحدن بدران ان وسيع سـنڌ کي سـمجهڻ گهـرجي. جيڪـا اڄ بـه پنهنجي تهـذيب، ثقافت ۾ ٻولي جي بنياد تي هزارين ڪلوميٽرن جي ايراضـيءُ تي ڦهليـل آهي. اڄ پـاڻ آڳـاٽي سـنڌ جي ڪڇ، ڀڄ جي ان سورمي ڄام لاکي ڦلاڻي جـو ذڪـر ڪنداسـين، جيڪـو موجـوده سـرحدن جـو محتـاج ناهي، جنهن کي اڄـوڪين سياسـي سـرحدن وارين لڪيرن ۾ قيد ڪري نـه ٿـو سـگهجي. ڄـام لاکـو ڦُلاڻــي، آڳاٽي سـنـڌ جـو اهو ناميارو سـورمـو ٿي گـذريو آهي، جنهن کي ڀٽائي ڳـائي سـندس ڪـردار کي لافاني حيثيت ڏئي ڇڏي. لاکي ڦلاٽيءَ کي سـنڌ جي راڳين ۾ سگهڙن ستن سورهين ۾ شـمار ڪيـو آهي . لاڪـــو ڦلاڻي ڪڇ جي ڀُڄ واري علائقي جي مشـهور سـمي سـردار’ ڄـام ڦـل‘ جـو پٽ هـو . سـندس مـاءُ جـو نـالو سـونل ٻـائي هـو .ڄام لاکي ڦلاڻيءَ جي رهـائش وارو هنـڌ ’شـيخاڻي گهـاڙي‘، شـڪور ڍنـڍ کـان ڏهـاڪو ميلن جي پنـڌ تي آهي. هيءَ ڍنڍ 120 چورس ميلن ۾ پکڙيل آهي ۾ پـراڻي وقت ۾ سـاگرو ڍنـڊ، ريڻ نـدي ۾ پـراڻ هن ڍنـڊ ۾

وهندا هئا. لاکي ڦلاڻيءَ جي جنم بابت ڪيئي رايا موجود آهن. پر هڪ نوجوان محقق قاضي مقصود احمد جي تحقيق موجب لاکو ڦلاڻي تيرهين - چوڏهين صديءَ ۾ ٿي گذريو آهي. جيمس برگس، لاکي ڦلاڻيءَ جي حڪمراني جو دور 1320ع کان 1344ع تائين ڄاڻايو آهي. روايتن جي آڌار تي چئي سگهجي ٿو ته لاکو ڦلاڻي، سنڌ جي سومرن حڪمرانن جي آخري دور ۾ ٿي گذريو آهي.

لاکو ڦلاڻي آڳاٽي سنڌ جو سگهارو حڪمران هو ۽ ڪڇ ۽ گجرات جي روايتن ۾ تمام گهڻو مشهور رهيو آهي. سندس نالي ۾ حڪمرانيءَ جي ڇاپ اڄ به ڪڇ، گجرات، مارواڙ ۽ سنڌ جي علائقن تائين پکڙيل آهي. هن جا ڪل ڇهه پائر ٻڌايا وڃن ٿا. لاکي ڦلاڻيءَ پنهنجن انهن پائرن کي کنڙ (Khinara) ، ۽ انگر ڳڙهه (Angorgadh) وارو علائقو ورهائي ڏنو ۽ پاڻ ڪپلگرام (Kapilgram) ۾ پنهنجي راڄڌاني قائم ڪيائين. جنهن جو نالو پنهنجي پيڻ جي نسبت سان ڪيرا ڪوٽ رکيائين ۽ اتي هڪ قلعو ۽ هڪ شوِ جو مندر به تعمير ڪرايائين.

تاريخي ماخذن موجب لاکو ڦلاڻي ڪڇ جي راءِ همير جو همعصر هو ۽ جاڙيجي حاڪم راءِ ڪنگهار جي دور ۾ ٿي گذريو آهي. ڄام لاکو هڪ جنگجو جوڌو هو. روايت آهي ته ان وقت جو حاڪم راءِ ڪنگهار هڪ مالدار ريٻارڻ تي عاشق هو، جنهن جي ڪري ريٻارين جي وقت جي حاڪم تائين رسائي حاصل هئي. ريٻارين وقت جي حاڪم جي ويجهڙائپ سبب پاڻ کي باقي خلق کان مٿيرو ٿي سمجهيو ۽ غريب ۽ بي پهچ ماڻهن خلاف رڻ ٻاري ڏنو هو. هڪ ڀيري ريٻارين ڄام لاکي جا خاص ماڻهو جسو ۽ جسراج کي قتل ڪري ڇڏيو. راءِ ڪنگهار ڄام لاکي کي انصاف ڏيارڻ بدران ڪيس ئي ڏوهي قرار ڏنو. ان ناانصافي سبب ڄام لاکي وقت جي

حاڪم سان بغاوت شروع ڪئي ۽ مٿس حملا شروع ڪري ڏنا. ڄام لاکي قتل جو بدلو وٺڻ لاءِ ريٻارين ۽ راءِ ڪنگهار سميت سندس برادري خلاف گوريلا جنگ شروع ڪئي. جنهن کي شاهه لطيف هن طرح بيان ڪيو آهي.

لاکا لک سجهن، پر ڦلاڻيءَ ڦير هيو،
جنهن پر راڻا راڄيا، ڪوٽن منجهه ڪنبن،
جنهن جو جاڙيجن، ستي سؤنچو نه لهي.

لاکو لوڙائن سين، چوڌس لڙ چڙهي،
وڙهيو ورڀامن جا، ڏٽيو ڏڻ هٽي،
پسين جي پري، سي واهر ڪنهن نه وارئيا.

لاکو لوٽي آئيو، هئي هئي پيئي هاڪ،
پائرڪنان پچڙي، ڏونگر پيئي ڏاڪ،
انيون ۽ عراق، گڏيان تان گهٽيئي ٿيا.

حقيقت اها آهي ته لاکو ڦلاڻي ڪو ڏاڙيل ۽ رهزن نه هيو، پر هو سخي ڏاتار هو. هو ڏاڙا نه هڻندو هو پر ڏاڍن سان انصاف لاءِ جنگ جوٽي هئائين.

ڄام لاکي ڦلاڻيءَ پنهنجي دور ۾ سپ ڪان اڳ ڪيرا ڳڙهه نالي هڪ مضبوط قلعو ٺهرايو، جنهن لاءِ ڪافي اوڏ گهرايائين. ڪوٽ جي ڪم دوران ڄام لاکي جي نگاهه پيلي نالي اوڏ جي خوبصورت نياڻيءَ تي پئي ۽ اُن هتان دل ڪسائي ويٺو. روايت موجب هن پروقت ماٺهو موڪلي ٻيلي اوڏ کان ڌيءَ جو سگ گهريو، جنهن خوشيءَ سان رشتو قبول ڪيو. جنهن بعد ڄام لاکي اُن ڇوڪريءَ سان لانئون لڌيون. ڄام لاکي اوڏن کي تمام گهڻو نوازيو .ملڪ ۾ پاڻيءَ جي اڻاٺ محسوس ڪري، اوڏن هٿان ٻه وڏا تلاءَ کوٽايائين. جن مان هڪ تي 'لاکاسر' ۽ ٻئي تي 'ٻيلاسر' نالو پئجي ويو .اهي ٻئي تلاءَ اڄ تائين ساڳين نالن سان سڏجن ٿا.

اها به روايت آهي ته جڏهن ڄـام لاکـو ڦلاڻي ڪڇ مان ڇڄ وڻي مهر راڻي پرڻجڻ پـئي آيـو ،تـڏهن ٿنـڊي جـان محمـد واري آمـري مقـام وٽـان پـراڻ درياهـه اُڪريـو هـو ۾ آمـريءَ ۾ مـنزل انـداز ٿيـو هو .پراڻ درياهه ۾ ان وقت وڏو پاڻي هو .ان ڪــري سندس ڏاج جو سامان پُسي پيو، جيڪو هن آمريءَ جي ڪنـــڌيءَ تي لـــئيءَ جي ٽـــارن ۾ ٻين وڻن تي سڪائڻ لاءِ وجهرايو هو .جڏهن اهو سـامان اُس تي سُـڪي خشـڪ ٿيـو ۾ لاهڻ جي تيـاري ٿي تـه ڄـام لاکي پنهنجن مـاڻهن کي روڪي ڇيـو تـه اسـان جي اها رسم ۾ روايت آهي ته اسـين شـاديءَ ۾ اوڍاڻي ڏيندا آهيون ،اُن ڪري هن شاديءَ جي هيءَ پهــرين اوڍاڻي آهي .تنهنڪـــري اهي ڪـــپڙا اتي ئي رهڻ ڏيو .ان بعد ٻيو سامان خريد ڪري اڳتي وڌيو.

لاکي جي ان روايت کي شــاهه لطيــف سُــر ڏهر ۾ هن ريت ڳايو آهي:

جهوني تون پراڻ، جڳ ڇتيهه سنبرين،

تو کي ڏنا هاڻ ،لاکي جهڙا ڀهيئڙا.

لاکو ڦلاڻي اڪثر ڪري پنهنجن دوسـتن سـان شيل شڪار تي رهندو هــو. هڪ دفعي ڪنهن ڪيس پوئتي جي سڌ وٺڻ جي صلاح ڏيندي ڇيو ته ائين نه ٿئي جو ڪنهن ڏينهن اچي ڪير ٻڌائي تـه ڦـل مـري ويو. لاکو جـوانيءَ جي گهـوڙي تي سـوار هـو، تنهن کي اها ڳالهه نـه وڻي، ان ڪـري قسـم ڪنيـائين تـه جيڪو به اهڙي منحـوس خـبر آڻينـدو، ان جي زبـان وڍائيندس. گهڻي وقت کان پوءِ ڦـل سـچ پچ گـذاري ويو ۾ لاکو ان وقت بـه گهـر گهـاٽ کـان پـري هـو. دوستن يارن کي خـبر پـئي پـر ڪـير نـه هـو جيڪـو لاکي کي اهــا منحــوس خــبر ٻــڌائي. نيٺ هڪ پٽ فقـير تي ڪم رکيـائون، جنهن اهـا خـبر لاکي تـائين پهچــائڻ جي حــامي ڀــري ۾ لاکي جي اڳيــان اچي ڇيائين ته:

هڪڙا ڦل پسن واڙئين، ٻيا جي ٻنين ڏاج،
لاکا آءُ مهراڻ، تو ريءُ سچو ڪاچڙو.

يعني ڦل هڪڙا واڙين اندر ولين آهن ٻيا ٻنين پچندڙ آهن، باقي ٻيو ڦل ڪٿي به نه آهي. تڏهن لاکي جي وات مان نڪري ويو ته چئبو ته منهنجو پيءُ مري چڪو آهي. پٽ ورندي ڏني ته سائين! اهو مون نه چيو، تو چيو آهي. پوءِ لاکي ميڻ جي زبان ٺهرائي پنهنجي زبان مٿان رکي وڏرائي پنهنجو قسم پورو ڪيو وچي پيءُ جي گادي سنڀالي.

سندس موت بابت به ڪا چٽي مستند ڄاڻ نه ٿي ملي. سندس موت بابت هڪ روايت آهي ته لاکو ڦلاڻي مارواڙ جي راٺوڙ راجا سياجيءَ جي هٿان جنگ ڪندي ماريو ويو هو.

جڏهن ته سندس موت بابت ٻي روايت آهي ته ڄام لاکي ڦلاڻيءَ جي آخري دور گجرات جي حاڪم مولراج سولنڪيءَ ڪڇ تي ڪاهون ڪيون .آخري ڪاهه دوران لاکي ڦلاڻيءَ وطن لاءِ وڙهندي شهادت ماڻي .

لاکو سنڌ جو سورهيه هو. هن ظالم حڪمرانن جي ظلم کان خلق کي نجات ڏياري ظالم حڪمرانن خلاف جدوجهد ڪئي. ان ڪري سنڌ جي هن سورمي جي شخصيت ڪردار جا روشن رخ دنيا آڏو ظاهر ڪرڻ جي ضرورت آهي.

تعليمي نصاب تبديل ڪرڻ جي ضرورت ڇو؟

سنڌ ۾ تعليمي معيـار گـذريل ڪيـترن سـالن کــان خــراب آهي. تعليم واري وزارت طرفــان ان ڏس ۾ فيصــلو ڪيــو ويــو آهي تــه سـنڌ ۾ جيڪــو تعليمي نصاب پڙهايو پيـو وڃي، ان ۾ تبـديلي آنـدي وينـدي ۽ انهيءَ جي معيـار ۾ بهـتري جي ڪوشـش ڪــئي وينــدي. ان ڳالهــه ۾ ڪنهن بــه شــڪ جي گنجـائش نـاهي تــه سـنڌ ۾ پڙهـايو وينـدڙ تعليمي نصاب ۾ تبديلي جي وڏي گنجائش موجـود آهي، ان ڪري هر لحاظ کان نه رڳـو تبـديل ٿيڻ گهـرجي پـر ان ۾ جيترو ممڪن ۾ بهتر ٿي سگهي اوترو تبـديلي آڻي مســتقبل جي معمــارن کي نين راهن ســان روشـناس ڪرايـو وڃي تــه جـيئن اهي اينـدڙ وقت ســان ڪلهــو ڪلهي ۾ ملائي هلڻ جي قابــل ٿي سـگهن. وڏي عرصـي کـان سـنڌ ۾ جيڪـو تعليمي نصـاب پڙهـايو پيـو وڃي ان جي تبـديلي جي گهـرج سختيءَ سان محسوس ٿي رهي هئي پر ان باوجود نصــاب ۾ ڪي خــاطر خواهــه تبــديليون نــه اچي سگهيون هيـون، نـتيجي ۾ سـنڌ جـو نوجـوان نسـل گهـٽي پـاڳي عـالمي محـرڪن ۽ جديـد ٽيڪنـالاجي جهـڙي ڏورس تعليمي سـفر کـان تمـام گهڻـو پـري نظر اچي رهيو هو. هاڻي جـڏهن تعليم واري وزارت طرفان تعليمي نصاب ۾ تبديلي آڻڻ جو فيصلو ڪيو ويو آهي ته يقينن اهو فيصلو نـه رڳـو سـنو سـنئون ثابت ٿيندو.

سنڌ ۾ تعليم جو معيار انتهـائي پوئـتي پيـل ۽ مدي خارج آهي. جنهن جي موجودگي ۾ اسان کــو بهـتر نسـل ۽ باشـعور نوجـوان اڳيـان آني نـه ٿـا سگهون. هن وقت جيڪو تعليمي نصاب پڙهـايو پيـو وڃي ان ۾ وڏي پيمــاني تي مــوثر ۽ مثبت تبــديلي

جي ضرورت ته پنهنجي جاءِ تي واقعي موجود آهي پر جيڪڏهن اها تبديلي وقت حالتن سان گڏ معياري بهتر هوندي ته يقينن اها بهتر نتيجا پاڻ سان گڏ کڻي ايندي. چاڪاڻ ته سنڌ جا ڪيترائي اهڙا انمول هيرا آهن، جن جو موجوده نصابي تعليم ذڪر نه آهي، جنهن ڪري اسان جو نوجوان نسل اهڙن انمول هيرن جي ڪارنامن بهتر ڪارڪردگين کان نا آشنا پئي رهيو آهي. موجوده نصاب جيڪڏهن اها خاطر خواهه تبديلي آندي وڃي ٿي ته ان سان سماجي شعوري طور تي شاگردن نوان لاڙا پيدا ٿيندا جيڪي پنهنجن گم ٿيل ڪردارن هيرن بابت بنيادي ڄاڻ فراهم ڪرڻ کان وانجهيل رهيا آهن، نصاب تبديلي اچڻ جي نتيجي اسان جو نوجوان نسل هڪ بهتر قوم جي شڪل اختيار ڪري اڀري سگهي ٿي، ٻي صورت تاريخ جا اهي گمنام سپاهي جن جو نصابي تعليم ڪو ذڪر نه ٿيل هو يا آهي اهي شايد وقت حالتن جي دز ڪٽي دٻجي وڃن ها.

ان سان گڏوگڏ هن وقت اسان ايڪوهين صدي جي رهيا آهيون، هي جديد ٽيڪنالاجي سافٽ ويئر جو دور هلي رهيو آهي، ان ڪري اڄا به ان ڳالهه جي سخت ضرورت محسوس ٿي رهي آهي ته موجوده نصاب کي گلوبل وليج سافٽ ويئر جي عهد واري سلسلي کي نظر رکندي انهيءَ نصابي تبديلي کي انهيءَ صورتحال سان همڪنار ڪيو وڃي ته جيئن سنڌ جو نوجوان نسل عالمي تناظر ٿيندڙ تبديلين موثر نتيجن کان باخبر رهي سگهي. ان سان هڪ ته نوجوان نسل جديد ٽيڪنالاجي جي ڄاڻ ميسر ٿيندي ٻيو ته ذهني طور ٻار سگهارا ٿيندا، جنهن سان اڳتي هلي سنڌ فڪري، شعوري ذهني آزادي سان گڏوگڏ ڪافي بهتر معياري تعليمي تبديليون اچي سگهن ٿيون.

شرط اهو آهي ته انهيءَ معياري تبديلي کي وڏ ڪان وڏ بهتر بڻائي مستقبل جي معمارن کي وقت ۾ حالتن سان گڏ بيهاريو وڃي ته جيئن ان جا هر ايندڙ ڏينهن تبديل ٿيندڙ نتيجا ملي سگهن، ٻي صورت ۾ پراڻو نصاب پڙهڻ جي نتيجي ۾ شاگرد توڙي شاگردياڻيون ڪا بهتر اڳڀرائي نه ڪري سگهنديون ۾ عين ممڪن آهي ته ان سان گهٽو پوئتي رهجي وڃون، ان ڪري دنيا سان گڏ هلڻ جي لاءِ اسان کي پنهنجي تعليمي نصاب ۾ نه رڳو تبديليون آڻيون پونديون پر تعليمي نصاب ۾ سڌارو آڻ سان گڏوگڏ بهتر ۾ ڪارآمد ثابت ٿيندڙ تعليمي سرشتي کي به متعارف ڪرائڻو پوندو ۾ نيون پاليسيون تخليق ڪرڻيون پونديون، تڏهن وڃي اصل جوهر موجب اسان ڪاميابي ماڻي سگهون ٿا.

سنڌو سڀيتا جي وارثي ڪرڻ جي ضرورت

اڄ سنڌ ۾ سنڌو ماٿري جي تهذيب جو ڏهاڙو ملهايو پيو وڃي. پاڻ ان تي ڳالهه ٻولهه ڪنداسين

ته سنڌو سڀيتا جو ڏهاڙو ملهائڻ ڇو ضــروري آهي؟ ان جو کهڙو ڪارج آهي. سنڌو مـاٿري جي تهـذيب اڄ ڪان هڪ صدي اڳ برصغير تي برطانوي قبضــي دوران دريافت ڪئي وئي. اڄ به دنيا جهان جا مـاهر ان تي تحقيق ڪري رهيا آهن. ان سلسلي ۾ ڪيئي پراجيڪٽ تيار ڪري ۾ ادارا جوڙي کوجنا ڪئي پئي وڃي. سنڌو سڀيتا تي دنيا جي ٻين ملڪن ۾ جيـتري تحقيق ٿي آهي، افسوس جــو ان بـابت ان خطي ۾ ايـتري کوجنا نـه ٿي آهي، جـتي اهـا عظيم تهـذيب پنهنجو وجـود رکي ٿي. پـارت کي ڇـڏي، جيڪــڏهن پاڪستان تي نظـر وجهجي تـه هـتي سـنڌو تهـذيب ڪان لاتعلقي جو رجحـان انتهـائي ڏکوئينـدڙ آهي. ان جو نتيجو اهو نڪتـو آهي تـه دنيـا جـا مختلـف مـاهر ســنڌو تهــذيب جي پنهنجي مفــادن تحت تشــريح ڪري، ان جو تشخص تبديل ڪري رهيا آهن. ڪٿي، هن تهـذيب کي سـنڌ کـان 2 هـزار ڪلوميـٽر پـري رهندڙ تامل ناڊو جي دراوڙن جي تهـذيب قـرار ڏنـو پيو وڃي ته ڪٿي وري پارت ۾ رهندڙ منڊا قبيلي جا ماڻهو ان کي پنهنجي تهـذيبي ورثـو قـرار ڏئي رهيـا آهن. اهــو سـپ ڪجهــه ان ڪــري ٿي رهيــو آهي، ڇاڪــاڻ تــه سـنڌو مـاٿري ۾ رهنـدڙ مـاڻهن پنهنجي تهذيب جي وارثي ڪـرڻ ڇـڏي ڏني آهي. دنيـا انـدر سنڌو ماٿري جي تهذيب تي جيڪا جديـد تحقيـق ٿي رهي آهي. ان کان به هتان جي مـاڻهن کي اڻ ڄـاڻ رکيو ويو آهي. اڄ به کين سنڌو سڀيتا بابت برصـغير تي برطانوي بيٺڪيت واري دور يعني هڪ صدي اڳ جوڙيل يا طئه ڪيـل ٿيوريـون پڙهـايون وڃن ٿيـون. جيڪي وقت گــذرڻ سـان نـئين کوجنـا بعـد رد ٿي چڪيـون آهن. اڄ بــه اســان جي نصـابي ڪتـابن ۾ لکيـل آهي تــه سـنڌو مـاٿري جي سـڀيتا جي وارث دراوڙ نسل جا ماڻهو هئا ۾ اسان پنهنجي اڻ ڄاڻائي سبب نه فقط ان کي قبول ڪـري رهيـا آهيـون. پـر پــاڻ کي ســنڌي بــدران دراوڙ قــرار ڏيڻ ۾ فخــر محسوس پيا ڪريون. اڄ به اهـو چيـو پيـو وڃي تـه

سنڌو ماٿري جي سپيتا جي زوال جو ڪارڻ سينٽرل ايشيا رستي ڪهي آيل آرين جو حملو هو. جن يورپي نسل جي آرين سنڌ جي هن پرئي پاڳئي پرڳٽي جي شهري تهذيب کي رات وچ ۾ ناس ڪري ڇڏيو. سندن شهر اجاڙي ڇڏيا، ڪين سنڌو ماٿري مان نيڪالي ڏئي، ان جا والي وارث پاڻ ٿي ويٺا. آرين جي حملي سبب سنڌو ماٿر جهڙي ترقي يافته تهذيب جا وارث، جن کي ماهر هن ڪان اڳ دراوڙ قرار ڏين پيا، سي هتان پڇي وڃي، هندستان جي ڏاکڻين رياستن تامل نادو، ڪرناٽڪا ۾ تيلگو نڪتا. جڏهن ته هاڻي ان دعوی کي نئين تحقيق بعد ماهرن رد ڪري ڇڏيو آهي.

برصغير تي برطانوي قبضي دوران يورپي ۾ خاص ڪري جرمن آرڪيالاجسٽن طرفان سنڌو سپيتا جي وارثن کي دراوڙ قرار ڏيڻ پويان پڻ آرين جي حملي واري مفروضي کي سچ ثابت ڪرڻ جي ڪوشش هئي. برطانوي تاريخدانن ۽ آرڪيالاجي جي ماهرن هڪ گهري سازش ۽ حڪمت عملي هيٺ سنڌو ماٿري تي آرين جي حملي جو تصور آڏو آندو. جيئن هن خطي ۾ سندن بيٺڪي مفاد سلامت رهي سگهن. سندن ان ٿيوري جو ڪيتو اڄ تائين برصغير سنڌ هند جا ماڻهو پوڳي رهيا آهن. اڄ به برصغير جا ماڻهو انگريزن جي ان سازشي ۽ ڪوڙي ٿيوري ۾ يقين رکن ٿا. جڏهن ته انساني علم ۽ قديم آثارن جي ماهرن ثبوتن سان سنڌو ماٿري تي آرين واري حملي جي ٿيوري کي رد ڪري ڇڏيو آهي. تازي ٿيل تحقيق جي بنياد تي اها ڳالهه ثابت ٿي آهي ته سنڌو سپيتا جا وارث دراوڙي نسل جا نه هئا، پر هو هن ئي ڌرتي جا اڳاڻا سنڌي هئا. جيڪي تامل نادو ۾ نه پر اڄ به سنڌ، پنجاب، خيبر پختون خواهه، بلوچستان، ڪاٺياواڙ، ڪڇ ۽ راجستان ۾ رهندڙ آهن. جيڪڏهن ڪو ائين سمجهي ٿو ته سنڌو ماٿري جي تهذيب سنڌي ماڻهن جي سپيتا نه پر تامل نادو جي دراوڙ نسل

جي ماٺهن جي تخليق آهي ته اهو ڳاڌيءَ کي گهوڙي جي اڳيان جوٽڻ برابر ٿيندو. جديد سائنسي بنيادن تي تحقيق اها ڳالهه ثابت ڪئي آهي ته سنڌو ماتري جي سپيتا جي پوئتي پوڻ بعد هن خطي تي 1500 ق م ۾ يورپ يا سينٽرل ايشيا کان آرين نالي نسل جو ڪوبه حملو نه ٿيو هو ۾ نه وري آرين طرفان برصغير طرف ڪا لڏپلاڻ ڪئي وئي. يورپي ماهرن طرفان جنهن اندو يورپين ٻولين جي گروپ جي دعوى ڪئي وئي آهي. اهو اصل ۾ آڳاٽي سنڌي زبان جي اثر هيٺ ٻولين جو گروپ هيو. جنهن کي جديد تحقيق بعد مليل ثبوتن جي بنياد تي سنڌو يورپين زبانن جو گروپ قرار ڏيڻ گهرجي. ڇاڪاڻ ته سنڌو يورپين زبانن واري گروپ جو اصل وطن سنڌو ماتري هئي. سنڌو سپيتا جي پوئتي پوڻ بعد هن ماتري ۾ تهذيب جو ڦيٿو ڦرڻ رڪجي نه ويو، نه وري هن خطي تي ٻاهران آيل آرين حملو ڪري پنهنجي تهذيب ۾ ٻولي جو بنياد وڌو پر سنڌو تهذيب پوئتي پوڻ بعد ويدڪ دور ۾ داخل ٿي. ويدڪ دور سنڌو سپيتا جو تسلسل هيو. برصغير ۾ هندو مذهب جي شروعات ٻاهران آيل آرين نه ڪئي هئي، پر سنڌو ماتري هندو ڌرم جو جنم هنڌ آهي. 1500 ق م ۾ رگ ويد سنڌو ندي جي ڪنارن تي لکيو ويو. جنهن جا خالق سنڌو ماتري جا رهواسي هئا.

هن وقت تائين پاڪستان ۾ انڊيا ۾ سنڌو سپيتا جا 15 سو کان وڌيڪ قديم ماڳ دريافت ٿي چڪا آهن. سنڌو سپيتا تي تحقيق جو ڪم پاڪستان ۾ انڊيا کان وڌيڪ ٻين ملڪن ۾ ڪيو ويو آهي، خاص ڪري ان مقصد لاءِ الڳ ادارا قائم ڪري ۾ وڏا وڏا پراجيڪٽ جوڙي تحقيق جو ڪم شروع ڪيو ويو آهي. جيڪو اڄ به جاري آهي. ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته سنڌو ماتري جي تهذيب کي ان جا اصل وارث پنهنجو ڪن. ان تي پاڻ تحقيق ڪن. سنڌ ۾ تحقيقي ادارا قائم ڪري جديد سائنسي

بنيادن تي کوجنا کئي وڃي. ان ئي مقصد لاءِ سنڌ ۽ اڄ 22 مارچ تي سنڌو سڀيتا جو ڏهاڙو ملهايو پيو وڃي. هن ڏهاڙي ملهائڻ جي شروعات مقصود قاضي سميت ڪجهه سنڌ دوست ساٿين طرفان گذريل ٻن ٽن سالن کان ڪئي وئي آهي. هن ڏينهن ملهائڻ جو مقصد پنهنجي تهذيب جي وارثي ڪرڻ جي هڪ ڪوشش آهي. سنڌ جي ماڻهن منجهه پنهنجي تهذيب سان دلچسپي ۽ لڳاءُ پيدا ڪرڻ جي هڪ جستجو آهي. سنڌو تهذيب کي مسخ ڪرڻ وارين ڪوششن اڳيان بند ٻڌڻ لاءِ هڪ اڳڀرائي آهي. چاڪاڻ ته جيستائين اسان پنهنجي تهذيبي ورثي جي پاڻ مالڪي نه ڪنداسين، تيستائين ان جي حقيقي ۽ روشن رخ کي دنيا آڏو نروار ڪري نه ٿا سگهون.

سنڌ جي زرعي سائنسدان فرزانه پنهور

فرزانه پنهور سنڌ جي پهرين عورت زرعي سائنسدان هئي. جنهن زراعت، خوراڪ ۽ ماحول سميت مختلف موضوعن تي تحقيق ڪئي. سندس ان تحقيق جي نتيجن تي ٻدل 100 کان به وڌيڪ مقالا ۽ مضمون عالمي سطح جي رسالن ۾ شايع

ٿيا آهن. سندس پندرهن ريسرچ پيپر مختلف ملڪن پـاران انـٽرنيٽ تي جـاري ڪيـا ويـا. سـنڌ سـميت پاڪستان ۾ گهٽ ماڻهن کي خبر هوندي تـه فرزانـه فروٿ جـون ڪيـٽريون ئي نيـون جنسـون متعـارف ڪـرايون. هن سنڌ ڏياڻي سياستدان انب جي سڪل وڻن کي سائنسي طريقي سان ٻيهـر قـل ڏيڻ لائـق بڻايو.

فرزانــه 15 ســپٽمبر 1957ع تي ســنڌ جي گادي واري شهر ڪـراچي ۾ جنم ورتو. پاڻ 1980ع ۾ ڪـراچي يونيورسٽيءَ مان بائيو ڪيمسٽريءَ ۾ بي .ايس .سي (آنـرس) ڪيـائين ۽ 1981ع ۾ سـاڳيءَ يونيورســـــٽيءَ مــــان بــــائيو ڪيمســــٽريءَ ۾ ايم .ايس .ســـي جي ڊگـــري حاصل ڪـــئي. هن زراعت جي ماهر ۽ محقق ايم ايچ پنهـور سـان 1983ع ۾ شادي ڪئي. فرزانه سوائل ڪيمسـٽري، ميڪـرو ۽ مـائڪرو نيوٽريشــن، آرگينڪ فرٽيلائــيزر (وٽاڻ جي پاڻ)، فروٽ ڪراپس لاءِ استعمال ٿينــدڙ گـــروٿ ريگوليـــٽرس ۽ پوســـٽ ڪـــار ويســـٽ ٽئڪنالاجيءَ تي تحقيقي ڪم ڪيو.

هن ٻه ڪتـاب ڪيميڪلس وچ ڪـاز ڪئنسـر، جـــــنيٽڪ انجينئرنــــگ اينــــڊ فيــــوچر آف ايگريڪلچر ان پاڪسـتان لکيـا آهــن. جـڏهــن تــه هـن پـنهـنجـي مـڙس ايم .ايچ .پنهـور سـان گـڏ ٻـه 25 ڪتاب لکيا آهن. هـوءَ سـنڌ رورل وومين اَپلِفٽ گروپ جي چيئرپرسن ٻـه رهي. جـڏهن تـه سـوائل ٽيسـٽنگ ليبـارٽري (بي وي ٽي) جي سـال 1992ع کـــان 1994ع تـــائين مئنيجنـــگ ڊائريڪـــٽر ٻـــه رهي .ان کان سواءِ مئنيجنگ ريسرچ اينڊ ڊويلپمينٽ انجنيئرس جي 1982ع کـان 1992ع تـائين مئـنيجر رهي چڪي آهي .

سـندس خـدمتن جي مڃتـا طـور 1997ع ۾ کيس سوئٽزرلينڊ پاران رورل ايڪٽـوٽي ايـوارڊ ڏنـو ويـو ۽ 1998ع ۾ آمريڪا پـاران ميـڊل آف آنـر جي

نالي سان گولڊ ميڊل ڏنو ويو. جڏهن ته گڏيل قومن پاران کيس ”دا بيسٽ پريڪٽس ايوارڊ“ ڏنو ويو هو، هوءِ ٻيا ننڍا وڏا اعزاز ۾ سرٽيفڪيٽ پڻ ماڻي چڪي آهي.جڏهن ته 1997ع ۾ بي بي سيءَ تان سندس هڪ ڪلاڪ براهِه راست انٽرويو پڻ نشر ٿي چڪو آهي. جيتوڻيڪ هوءَ دنيا جي انهن چند عورتن مان هڪ آهي. جن گهٽ عمر ۾ عالمي سطح تي ايتري شهرت حاصل ڪئي. فرزانه پنهور کي آمريڪا طرفان آڇ ڪئي وئي ته هو سندن ملڪ ۾ اچي تحقيق ۾ مدد ڪري، يعني هو آمريڪا جي ٿنڪ ٽينڪ جو حصو بڻجي، پر هن اها آڇ رد ڪري پنهنجي وطن ۾ تحقيق کي ترجيح ڏني. سنڌ جي هي زرعي سائنسدان 15 فيبروري 2020 تي لاڏاڻو ڪري وئي. فرزانه پنهور جو مڙهه سندس ئي فروٽ فارم ٽنڊو ڄام لڳ مٽي ماءُ حوالي ڪيو ويو.

پرديسي ڪهڙا پرين، سُندري اُتمچنداڻي

سُندري اُتمچنداڻي سنڌ جي ثقافتي سڃاڻپ رکندڙ شهر حيدرآباد ۾ 28 سيپٽيمبر 1924ع تي جنم ورتو. جڏهن ته برصغير تان انگريزن جي قبضي جي خاتمي کان پوءِ پنهنجي وطن جا وڻ ڇڏي پرديس لڏپلاڻ ڪري هلي وئي. هن پرائمري تعليم حيدرآباد جي شو قيرام چانڊومل ميونسپل

اسـكول مـان حاصـل كـئي. جـڏهن تـه مئـترڪ 1942ع □ تـولارام گـرلس هـاءِ اسـكول مـان 18 ورهين جي ڄمار □ كيائين. انٽر سائنس كرڻ بعـد كــراچيءَ جي ميــڊيكل كــاليج □ داخلا نــه ملڻ كري، هن پنهنجي پڙهـائي اڌ □ ڇـڏي ڏني. كجهـه مهينن كان پوءِ سندس مڱڻو اي. جي. اتم سان ٿيو، جنهن كيس پـــڙهڻ لاءِ همٿـــايو، پـــر انهن ڏينهن □ حيدرآباد □ ميڊيكل كاليج نه هو، ان كري پڙهـائي جاري ركڻ لاءِ ساڌو واسـواڻيءَ جي مـيران كـاليج جي آرٽس فئكلــٽيءَ □ داخلا حاصــل كــئي. جنهن بعد هن بنارس يونيورسٽيءَ مان 1949ع □ بي. اي جي ڊگـري حاصـل كـئي. سـندري ننـڍي كنـڌ جي ورهـاڱي كـان پـوءِ ايس. اين. ڊي. ٽي يونيورسـٽيءَ مـان سـنڌي □ انگريـزي ادب □ ايم. اي جي ڊگـري حاصـل كـئي. تعليم مكمـل كـرڻ كـان پـوءِ هن كجهــه وقت لئـبريرين □ بعــد □ ماســترياڻيءَ جي نـوكري بـه كـئي. جنهن بعـد كيس ممبـئيءَ جي كي. جي. كلنـاڻي كـاليج □ ليكچـرار مقـرر كيـو ويو، جتان رٽائرمينٽ حاصل كيائين.

سندري سنڌي ٻـولي جي تـرقي پسـند ليكڪ اي.جي.اُتم سان شادي كئي. سُندري 1946ع كان 22 سالن جي عمر □ لكڻ جي شروعات كئي. پاڻ نه رڳو كهاڻيون لكيون، پر شاعري به كـئي □ پـاڻ بهترين قسم جي ناول نگار □ ناٽڪ نويس به هــئي. ناميارو ليكڪ يوسف سنڌي سـندري بـابت پنهنجي مقـالي □ لكيـو آهي تـه سـندري كي راڳ پڻ تمـام گهڻو وڻندو هو. جنهن جي لاءِ هن سنڌ □ ’برهمانـنـد‘ كان باقاعده راڳ ڳائڻ جي سكيا ورتي هئي. انهيءَ كان علاوه هن كي نـاٽڪ سـان بـه لڳـاءُ رهيـو. هن اداكارا جي حيثيت سان ”املهه ماڻكن جـو واپـار“ □ ٻين كيترن ئي ناٽكن □ پڻ كم كيو. هن سنڌي فلم ”سـنڌوءَ جي كنـاري“ □ پڻ سـٺي اداكـاري كئي. انهيءَ كان علاوه آل انـڊيا ريـڊيو تـان بـه هن كيترن ئي ناٽكن □ حصو ورتو. سندري ريڊيو، ٽي.

وي سميت اسٽيج جي آرٽسٽ طور به پنهنجا جوهر ڏيکاريا.

سندري ڪراچيءَ ۾ عورتن جي رسالي ”ساٿي“ جي ڪجهه وقت ايڊيٽر به رهي ۾ ان دوران هڪ روسي ڪهاڻي ترجمو ڪري، ان رسالي ۾ ڇپايائين. هن کي اتندي ئي ادبي ماحول مليو، ترقي پسند ويچارن ڏانهن لاڙو هيس، سندس پهرين لکڻي ”منهنجي ڌيءَ“ هئي، جيڪا 47-1946ع ڌاري ”ساٿي“ ميگزين ۾ شايع ٿي. سنڌ مان ڀارت لڏي ويل سنڌي اديبن جڏهن 1949ع ۾ ممبئيءَ ۾ سنڌي ساهت منڊل جو بنياد رکيو ته پاڻ به ان ۾ سرگرم ڪردار ادا ڪرڻ لڳي. پاڻ سنڌي ساهت منڊل جي هفتيوار گڏجاڻين ۾ بهرو وٺندي رهي. سندري سنڌ مان ڀارت ۾ وڃي رهائش اختيار ڪرڻ بعد ادبي طور ڪافي سرگرم رهي ۾ پاڻ باقاعدي لکندي رهي. هن پنهنجي مڙس اي جي اُتم جي رسالي ”نئين دنيا“ سميت هندو واسي، مارئي، سنگيتا، هلچل، الڪا ۾ ٻين رسالن ۾ ڪافي ڪهاڻيون لکيون. اهڙي طرح هن ڀارت ۾ سنڌي اديبن جي سٿ ۾ مقبوليت حاصل ڪري ورتي.

سندس ڪهاڻين جا ڪيترائي ڪتاب شايع ٿيل آهن، جن ۾ اڇا وار ڳاڙها گل، تو جنين جي تات، ٻوري، ٻنڌن، وڇوڙو، يگانتر، ڪيڙيل ڌرتي، مرڪ تي منع، آتم وشواس، نخريليون شامل آهن.

ڪهاڻين جي ڪتابن کان سواءِ سندري جا ٻه اهم ناول ڪرندڙ ديوارون ۾ پريت پراڻي ريت نرالي به شايع ٿيل آهن. ناميا ري اديب يوسف سنڌي سندري جي ناولن بابت لکي ٿو ته سندري جو ”ڪرندڙ ديوارون“ هڪ گهريلو ناول آهي، جنهن ۾ شادي ۾ گهريلو ماحول ۾ زال ۾ مڙس جي هڪٻئي لاءِ عزت ۾ همدردي ڏيکاريل آهي. هن ناول ۾ لڏپلاڻ ڪانپوءِ سنڌ مان هندستان لڏي ويلن

جي حالتن ۾ انهيءَ وقت جي معاشي ۽ اقتصادي حالتن جو ذڪر ڪيل آهي. جنهن ۾ روزگار جو مسئلو پڻ اچي وڃي ٿو. سندري پنهنجي هن ناول بابت چوي ٿي ته ”ڪرندڙ ديوارون مون انهي وقت لکيو هو، جڏهن سچ پچ اسان جي سماج جون ديوارون ڪري رهيون هيون. اسين مدل ڪلاس جا ماڻهو جڏهن هتي آياسين، تڏهن ڏاڍا ڏنل هئاسين. اسان جي چؤگرد اقتصادي ديوار هئي، سا ته ڪري اچي پٽ پئي هئي. ڪهڙيون نه ڏکوئيندڙ حالتون هيون اهي.......اهي حالتون رڳو منهنجي گهر جون نه هيون. پر اسان جو سڄو سنڌي سماج پيڙهجي رهيو هو. اهو ئي درد هو، جنهن مون کان اها آکاڻي لکائي ۾ اها ئي آکاڻي ان وقت جي سنڌي سماج جو عڪس آهي. هڪ اتهاس آهي.“

”پريت پراڻي، ريت نرالي‘،سندري جو ٻيو ناول آهي. ناول جو موضوع پڻ عنوان وانگر انوکو آهي. پيار هڪ پراڻو ازلي ۽ همه گير جذبو آهي، پر وقت بوقت روپ مٽائيندو رهي ٿو. انهي موضوع کي سندري تمام سلجهيل ۽ سهڻي طريقي سان پيش ڪيو آهي. انهيءَ ڪانسواءِ ڪردارن جو موضوع سان لڳاءُ به نهڪي اچي ٿو.

سنڌي ٻولي جي هن ليکڪا دنيا جي بهترين ادب مان ڪجهه ناول پنهنجي ٻولي سنڌي ۾ به ترجمو به ڪيا. جن ۾ مئڪسم گورڪي جو ناول ٽٽل ساز، ڪرشن چندر جو ناول پياسي ڌرتي پياسي دلڙيون، امرتا پريتم جو ناول هڪ سسئي سؤ سور ۽ ملايالم ٻوليءَ جي ليکڪ تڪشي شنڪر جو ناول ساگر جي سنتان شامل آهن.

سندريءَ ڪهاڻين ۽ ناولن سان گڏ مختلف موضوعن تي مضمون به لکيا. سندس مضمونن جو هڪ ڪتاب ”پارت روس به پانهن ٻيلي“ 1975ع ۾ شايع ڪيو ويو. سندس ناٽڪن ”’املهه ماٽڪن جو واپار“ ۾ ”ساهيڙي“ ادبي حلقن سميت عام

پرهنـدڙن ۾ وڏي مقبـوليت حاصـل ڪـئي. سـندري جي نـاٽڪن جـو ڪتـاب ”سـنڌو“ 2000ع ۾ ڇـپيو، جنهن ۾ سندس ڏهه ناٽڪ شامل آهن.

سـندريءَ اتم چنـدائي ڪهاڻيڪـارا سـان گـڏ سـٺي شـاعره بـه هـئي. سـندس شـاعريءَ جـا ٻـه ڪتاب ”هڳـاءُ“ ۽ ”ذات ٻـٽي لات“ شـايع ٿيـل آهن. هن نـه صـرف پـاڻ شـعر لکيـا پـر ٻين ٻـولين جي شاعري به ترجمو ڪري سنڌي ٻـولي جي جهـول ۾ وڌي. سـندري 95 روسـي شـاعرن جي چونـڊ شـاعري جـو ترجمـو ڪيـو. اهـو ڪتـاب 1965ع ۾ ”امن سڏي پيـو“ جي نـالي سـان شـايع ڪيـو ويـو، جنهن تي کيس 1966ع ۾ سوويت لئنڊ نهـرو انعـام ڏنو ويو. سندري جو روسي ادب مـان چونـڊ ڪـري ترجمو ڪيل مواد ”شـولوخوف جي جهلڪ“ عنـوان سان شايع ڪيو ويو. ان کان سواءِ ليونڊ بريـز نيـف جـون يـادگيريون، ٽن ڪتـابڙن جي صـورت ۾ بـه سـنڌي ۾ ترجمـو ڪـري شـايع ڪرايـون. جن ۾ ”ملايازيمليــا“، ”نئــون جنم“ ۽ ”ڪنــواري ذرتي“ شامل آهن. هن ڪتاب تي کيس ٻيـو ڀيرو سـوويت لئنڊ نهرو ايوارڊ ڏنو ويـو. ان سـان گـڏ سـندري کي سـوويت يـونين حڪـومت طرفـان دورو ڪـرڻ لاءِ خاص مهمـان طـور گهرايـو ويـو. سـندري سـوويت يونين جي ان دوري جو احوال پنهنجي ڪتاب ”نئين سپيتا جو درشن“ جي عنـوان سـان شـايع ڪرايـو، سـنڌي ٻــولي جي هن ڀهڳــٽي ليکڪــا کي پنهنجين لکڻين تي ڪيترائي انعام ۽ ايوارڊ بـه مليـا. 1952ع ۾ ڪهاڻي چٽاپيٽي ۾ کيس ”ممتا“ ڪهاڻي تي انعـام ڏنو ويو. جنهن بعد 1954ع ۾ ”ڪوشان“ ڪهـاڻي ۾ بعـد ۾ 1960ع ۾ مکيـه ڪهاڻيڪـارن جي چٽـاپيٽيءَ ۾”وڇـوڙو“ ڪهـاڻي تي انعـام سـان نوازيـو ويـو. 1981ع ۾ سندري کي سندس ڪهـاڻين جي ڪتـاب ”پـوري“ تي ڀـارت سـرڪار جي تعليم کـاتي پـاران انعـام مليـا. ”وڇـوڙو“ ڪتـاب تي سـاهت اڪـادمي طرفـان ڏهـه هـزار رپيـا انعـام، 1985ع ۾ ٻـولي ۾

ساهت سڀا' اکل ڀارت سنڌي ٻولي ۾ ساهت سڀا مبمئيءَ پاران ڏهه هزار رپيا انعام، سنڌي پنچائت فيڊريشن پاران انعام ڏنو ويو. اهڙي طرح 1985ع ۾ مرڪزي ساهتيه اڪادمي پاران ”گوڙو پراسڪار“ انعام هڪ لک رپيا روڪ ڏنو ويو. هن کي سندس سنڌي ۾ مختصر ڪهاڻين جي ڪتاب وڇوڙو، تي ساهتيا اڪيڊمي طرفان 1986 ۾ ايوارڊ ڏنو ويو.

سنڌري اُتم چنداڻي 8 جولائي 2013ع ۾ سنڌي ٻولي ڳالهائيندڙن کان هميشه لاءِ وڇڙي وئي. سندس سنڌي ٻولي ۾ ادب لاءِ خدمتون هميشه ياد رکيون وينديون.

سنڌي ٻوليءَ جي سرڪش ڪهاڻيڪارا نسيم ٿيٻو

اڄ پاڻ سنڌ جي ان سرڪش ڪهاڻيڪارا نسيم ٿيٻو بابت ڳالهه ٻولهه ڪنداسين. جنهن پنهنجي لکڻين جي ذريعي سنڌ جي ماڻهن سان عشق ڪيو. جنهن ڦوهه جواني ۾ ٻين شاگردياڻين وانگر رڳو پنهنجي شڪل ۽ صورت، ڪپڙن ۽ سينڊلن، لپ اسٽڪ ۽ ڪجل تي ڌيان نه ڏنو، پر سنڌ جي سچائپ بحال ڪرائڻ لاءِ حيدرآباد جي رستن تي ٻين سنڌياڻين سان گڏ بک هڙتال ڪري نئين ۽ صحتمند روايت کي جنم ڏنو. هن ننڍڙي وهيءَ ۾ ثابت ڪيو ته عورتون ڪمزور ناهن، پر

مـــردن وانگـــر پنهنجي وطن جي دفـــاع لاءِ اڳين مورچي تي وڙهي سگهن ٿيون.

نسـيم ٿيٻـو پهـرين اپريـل 1948ع تي تعلقي ميهڙ جي ڳوٺ گهـاڙي ۾ مـير عبـدالباقي ٿيٻي جي گهر ۾ جنم ورتو. سندس والده بيگم بـادام نـاتوان، بـــه پنهنجي دور جي بهــترين ليکڪــا هــئي. جنهن ’خــوش خصــلت خــاتون‘ جهــڙو ڪتــاب لکي ادبي ميدان ۾ مڃتا حاصل ڪئي. اهو ڪتـاب پـوءِ سـنڌي ادبي بورڊ ڇاپي پڌرو ڪيو. نسيم جـو والـد روايـتي قسـم جـو زمينـدار هـو ۽ هـو نيـاڻين جي تعليم جـو مخالف هيـو. ان ڪـري هن نسـيم جي پڙهـائي جي مخالفت ڪئي. پـر سـندس مـاءِ بيگم بـادام نـاتوان جيڪا نه فقـط پـاڻ پڙهيـل لکيـل عـورت هـئي، پـر انتهــائي باشــعور عــورت هــئي. جنهن مــڙس جي مخـــــالفت بـــــاوجود پنهنجي ڌيءُ کي اعلیٰ تعليم ڏياري. نسـيم ابتـدائي تعليم دادو ضـلعي جي ڳـوٺ ڳاڙهيءَ مان حاصل ڪئي، جڏهن تـه سـندس والـد طرفان وڌيڪ تعليم حاصل ڪرڻ جي مخالفت بعــد ماءُ کيس شڪارپور ناناڻن جي گهر مــوڪلي ڇــڏيو. جتي هن وڌيڪ تعليم حاصـل ڪـئي. نسـيم روايـتي وڏيــــرڪي ســــوچ کي شڪســــت ڏينــــدي ســــنڌ يونيورسٽي ڄامشورو مان اقتصاديات ۾ ايم اي جي ڊگري حاصل ڪـري ورتي.

نسـيم ٿيٻـو پيشـي جي حـوالي سـان سـنڌ يونيورسٽيءَ ۾ اقتصـاديات جي شـعبي ۾ اسسـٽنٽ پروفيســــــــر جي عهــــــــدي تي رهي ۽ 2000ع ۾ رٽائرمينٽ ورتائين. نسيم سنڌي ٻـولي جي بهـترين ليکڪا هئي، خاص ڪـري ڪهاڻيءَ ۾ کيس مخصوص سـڃاڻپ ۽ حيـثيت حاصـل رهي. هن کي لکڻ جـو ڏانءُ پنهنجي والده بادام ناتوان وٽان ورثي ۾ مليـو. جڏهن سندس پهرين ڪهاڻي ڳوڙهن جي ريکا شايع ٿي ان وقت پاڻ ڏهين ڪلاس جي شاگردياڻي هئي. ان بعد هن ڪيترين ئي شـاهڪار ڪهـاڻيون لکيـون

جن ۾ ”گهايل ٿي گهاريان“، ”وڍي جن وڏياس“، ”مون جهيڙيندي ڇڏيا“، ”اپر چنڊ پس پرين“، رسندو پرجندو گهاءُ“ ۽ ”احساس جا چڪ“ خاص ذڪر جي لائق آهن. نسيم پنهنجي لکڻ بابت هڪ انٽرويو ۾ چيو هو ته ”آءٌ ننڍي هوندي کان ان ادبي ماحول ۾ پلي آهيان، جتي جذبن جو اظهار قلم ذريعي ٿيندو هو“. سندس ڪهاڻين جا اڪثر عنوان لطيف جي بيتن مان ورتل آهن. هن 80-70 وارن ڏهاڪن ۾ تمام سٺيون ۽ چرڪائيندڙ ڪهاڻيون لکي ادبي حلقن ۾ پنهنجي الڳ سڃاڻپ پئدا ڪئي. هن 25 جي لڳ ڀڳ ڪهاڻيون لکيون جيڪي ان وقت جي مشهور ادبي رسالن سوجهرو، برسات، هلچل ۽ مهراڻ ۾ ڇپيون. سندس ڪهاڻين ۾ ڳوٺاڻي زندگيءَ جا چٽا عڪس ملن ٿا. عورتن سان ٿيندڙ معاشرتي ڏاڍايون، زميندارن جا هارين تي ٿيندڙ ظلم ۽ پوليس جون ارهه زورايون سندس ڪهاڻين جا موضوع آهن. 80 واري ڏهاڪي ڪانپوءِ هن لکڻ گهٽائي ڇڏيو. رٽائرمينٽ ڪانپوءِ هن ڪراچيءَ ۾ سچل ڳوٺ واري علائقي ۾ رهائش اختيار ڪئي. نسيم ٿيٻو جا ناناڻا شڪارپور جا وينل هئا، تنهنڪري هن جو ننڍپڻ ۽ جواني به شڪارپور ۾ گذري. سندس ڪهاڻين جو مجموعو ’اُپر چنڊ پس پرين‘ سنڌي ادبي بورڊ طرفان 2013ع ۾ڇپائي پڌرو ڪيو ويو، جنهن جو مرتب دين محمد ڪلهوڙو آهي.

ڊاڪٽر فيض جوڻيجو نسيم ٿيٻو جي لکڻين تي راءِ ڏيندي چوي ٿو ته هن جا افسانه ڪافي احساساتي آهن ادب ۾ خاص ڪري سنڌي ادب ۾ اڪثر ڪري اهو ڏنو ويو آهي ته مردن تي تنقيد ڪئي وئي آهي يا انهن جي اوڻاين، براين ۽ بدڪارين ڪي بيان ڪيو ويو آهي. پر نسيم جو رويو بلڪل الڳ آهي هو جتي مردن ڪي سٺو نتي سمجهي اتي عورت جي ان رويي ڪي پڻ ننڍي ٿي. جيڪو حقيقت تي ٻڌل نه آهي. اسان جي افسانوي ادب ۾ پڙهيل مرد ڪي ذهني طور ان ڳالهه طرف

راغب ڪيو ويو آهي تہ هو اڻ پڙهيل عورت کي قبول ڪري پر هڪ پڙهيل عورت گهٽ پڙهيل يا ننڍي نوڪري واري مرد کي قبول نٿي ڪري ڇو؟ نسيم اهڙا سوال اڀاري ٿي اهڙي عورت کي سٺو نہ سمجهندي، هوءَ اهو سمجهائي ٿي تہ انسان جو ڪردار سٺو آهي تہ اهو ان پڙهيل کان بهتر آهي جنهن ۾ انسانيت جي بوءِ بہ نہ آهي.

نسيم ٿيٻو پنهنجي شاگرد هجڻ واري دور ۾ سياسي طور تي بہ سرگرم رهي. هن ون يونٽ ٽوڙڻ واري تحريڪ ۾ بہ حصو ورتو.، ون يونٽ خلاف بک هڙتالن ۾ مظاهرن دوران نسيم ٿيٻو ٻين سنڌ جي نياڻين اختر بلوچ، رياض ميمڻ ۾ نسيم سنڌي سان گڏجي ڀرو ورتو.

نسيم ٿيٻو ملڪ جي نالي واري سياستدان رسول بخش پليجي جي گهر واري ۾ ناليواري ڪميونسٽ اڳواڻ مير ٿيٻي جي ڀيڻ هئي. پليجي صاحب سان سندس شادي 1968ع ۾ ٿي، جنهن مان ڪيس تانيا ۾ انيتا نالي ٻہ نياڻيون پيدا ٿيون. ٻئي ادبي ڪيتر ۾ چاتل ۾ سڃاتل ليکڪائون آهن. نسيم ٿيٻو جي سڃاڻپ اها نہ هئي تہ هو رسول بخش پليجو جي گهر واري هئي پر هن جي سڃاڻپ هڪ ڪهاڻيڪار ۾ اديب طور هئي. هن جي سنڌ جي ناميار سياستدان رسول بخش پليجي سان شادي ڪئين ٿي. ان ست کي سلجهائڻ بدران پاڻ هتي اها ڳالهہ واضح ڪندا هلون تہ اهو سندس زندگيءُ جو تلخ تجربو هيو. پنهنجي هڪ انٽرويو ۾ هن شادي بابت سوالن جا جواب ڏئي، پنهنجا ڦٿ ڀيهر کولڻ نہ ٿي چاهيا. امبرين هيسباڻي جڏهن هڪ انٽرويو دوران ڪانئس اهو سوال پڇيو هو تہ ”توهان کي پنهنجي شاديءَ جو تجربو ڪيئن لڳو؟“ تہ بقول امبرين هسيباڻي جي هن جي ٻن لفظن واري جملي جي پهرئين لفظ جو اچار تمام ڏکهو هو. اهي لفظ هئا ”تمام – تلخ“ هن پنهنجي زندگيءَ جي

انتهـائي اهم نـازڪ سـوال جي جـواب تڪـڙ چيل انهن لفظن جي تصحيح ڪـئي چيـو ”تلخ بـه اچـا هلڪـو لفـظ آهي – مـون وٽ اهي لفـظ بـه ڪـــونهن، جنهن ڪي آءٌ انهيءَ لاءِ اســتعمال ڪـــري سـگهان. ”مـرد بنيـادي طـرح بيوفـا آهي. هـو پيـار ڪري نه ڇاڻي“. امبرين چوي ٿي ته سندس جـواب ڏيڻ مهل موڊ جي ڳنڀيرتا ڏسي مون ڪان ان ساڳي موضوع تي ٻيـو سـوال ڪـرڻ جي جـرئت نـه ٿي موضوع مٽائي ڇـڏيو. رسـول بخش پليجي نسـيم ٿيٻـو وچ باضـابطا طلاق تـه نـه ٿي هـئي. پـر هـو عملي طور هڪ ٻئي ڪان الڳ ٿي چڪـا هئـا. نسـيم پنهنجي ٻن نيــاٽين انيتــا تانيــا جي پــاڻ پنهنجي وسيلن مان بهترين پرورش ڪئي. سندس ڌيءُ تانيا پليجو به هڪ سٺي ليکڪا آهي. جـڏهن تـه سـندس ٻي ڌيءُ انيتـا مشـهور ليکڪ ڪـالم نگـار اعجـاز منگيءَ جي گهـر واري آهي. نسـيم ٿيٻـو 19 مـارچ 2012ع تي 64 سالن جي ڄمار وفات ڪئي.

ناميـاري ڪالم نگار اعجاز منگي نسيم ٿيٻو ڪي لفظن جي جيڪا خوبصورت پيٽا ڏني آهي. اچو ته پاڻ به ٻڌون:
اونهارا سيارن
 سيارا اونهارن
اولجي اڳتي وڌن ٿا!
وقت جون ويرون سانجهيءَ جي سرمئي رنگن زندگيءَ جا اهي پل پسائن ٿيون،
جيڪي ڪڏهن اکيون آليون ٿيون ڪن ڪڏهن چپن مٿان مرڪ موٽائن ٿيون،
اڄ گهايل ڪونج وانگر ادي نسيم جي ورسي آئي آهي، تڏهن ياد آئي هن جي ٿڌي پيشاني. هن جي خاموش صورت. هن جون بند اکيون هن جي سمهي پيل ڪجهه ٿڪ ڪجهه سڏڪا!
گذريل ڇهن سالن کان وٺي مون مسلسل سوچيو آهي ته ان مسافر مائيءَ جي لاءِ ڪجهه لکان جيڪا زندگيءَ جي پليٽ فارم تي منهنجي هٿ پنهنجين

مڪمل ۽ غيرمڪمل ڪهاڻين وارو بريف ڪيس ڏئي
پاڻ ان ريل ۾ چڙهي هلي وئي، جنهن جي ڪائي
منزل ڪونهي!
هوءَ هلي وئي ۽ پويان رهجي ويون هن جون
اهڙيون ساروڻيون جن کي صرف سلجهائجي به ته
ڳوٺاڻيءَ عورت ڪي چوٽيءَ جهڙو هڪ ناول وجود ۾
اچي وڃي.
اهو ساڳيو اهو ئي ناول هوندو، جيڪو هن اڌورو
ڇڏيو. اهو ناول جنهن جو عنوان هو ”رسندو پرجندو
ڳهاءُ“
ڪي به ٽي لفظ زندگيءَ جي ايتري خوبصورت
وضاحت نه ٿا ڪري سگهن، جيڪي اهي ٽي لفظ
آهن!
زندگي واقعي ”رسندو پرجهندو ڳهاءُ“ آهي.
جڏهن اها زندگي سنڌي ٻوليءَ جي سرڪش ۽
سهڻي ڪهاڻيڪاره نسيم ٿيٻو جي هجي ته ان ۾
حسن جا هزارين پهلو چمڪي پون ٿا.
هوءَ جيڪا بهادر دل ۽ باغي دماغ واري عورت
هئي، ان جي زندگي صرف ڪتابن واري شيلف نه
هئي. هوءَ هڪ ڪلاسيڪل عورت هئي. مٺڙي آواز
واري ڳائڻي ۽ موسيقيءَ سان ايتري محبت ڪندڙ
جيتري محبت پهرين ۽ پوئين پيار ۾ هوندي آهي.
هن جي وجود ۾ نرت جون ڪيئي نهارون به هيون.
هوءَ اياز جي انهن ٻولن جهڙو رقص ڪندي هئي ته:
”پريت پرينءَ جي پايل پايل
آيل آيل ڳهايل ڳهايل
منهنجا پير“
پر هوءَ ڪلا جي ڪوڙي جهان جي ڪوڏي نه هئي.
هوءَ سچي موتيءَ جهڙي معصوم عورت هئي.
هن جي جهڙي خوبصورت، بي خوف ۽ ڪلاسيڪل
عورت سنڌ ۾ ڪڏهن پيدا ٿيندي؟
هوءَ هاڻي اسان جي ايترو ويجهو ناهي جو اسان
هن کي ڇهي سگهون.
اسان صرف چنڊ کي اها وينتي ڪري سگهون ٿا ته:

”اپر چنڊ پس پرين
تو ويجها مون ڏور!..........

ڊاڪٽر نجم عباسي، سنڌ جو باغي ڪهاڻيڪار

اج پاڻ سنڌ جي ان ڪردار بابت ڳالهه ٻولهه ڪنداسين، جنهن سنڌ ۾ هڪ باغي نسل پئدا ڪيو. جنهن مذهبي متڀيد، ڪٽرپڻي، پير پرستي ۽ قبر پرستي سميت مڙني فرسوده رسمن ۽ رواجن خلاف قلم ذريعي جنگ جوٽي. سنڌ جي ماڻهن منجهه قوم پرستي، وطن دوستي ۽ ترقي پسند فڪر جو ڦهلاءِ ڪيو. اهو ڪردار ڊاڪٽرنجم عباسي آهي، جنهن سنڌ جي هڪ ننڍڙي شهر ۾ 18 آڪٽوبر 1927ع تي

جنم ورتو. ڊاڪٽر نجم عباسي پنهنجي شخصيت ۾ هڪ عام سادو ماڻهو هو ۽ هن جي ڪهاڻين ۽ ناولن جا موضوع به عام ماڻهوءَ جي زندگيءَ جا هئا. ڊاڪٽر نجم عباسي انتهائي نازڪ ۽ حساس مسئلن تي قلم ڪنيو. هن مظلوم ۽ محڪوم ماڻهن جي حقن لاءِ آواز اٿاريو. هو بنيادي طور قومپرست خيالن جو هو پر ڪيس انسانذات جي حقيقي آزادي ۽ خوشحالي سوشلسٽ نظريي ۾ نظر ايندي هئي. پنهنجي نظريي جي پرچار لاءِ هن ڪهاڻي، ناول ۽ ڪجهه ٻين صنفن جو سهارو ورتو. ترجما به اهڙين لکڻين جا ڪيائين جن سندس

نظريي يا سوچ جي ترجماني ٿي ڪئي. سنڌ جو شايد ئي ڪو اديب يا ليکڪ اهڙي بي باڪي يا دليريءَ سان پنهنجي پڙهندڙن سان مخاطب ٿيو هجي.

هن جو ننڍي هوندي کان ئي لکڻ پڙهڻ سان چاهه پيدا ٿي پيو. اهوئي سبب هو ته ٻاراڻي عمر ۾ ئي ڪتاب سان گڏ قلم به سنڀالي ورتي هيائين. هن ورهاڱي کان اڳ پنهنجي ڳوٺ ۾ مسلم نيشنل گارڊ جو بنياد به وڌو، جنهن مان ظاهر ٿئي ٿو ته ڪيس انهن ڏينهن کان ئي سياست ۾ دلچسپي پيدا ٿي چڪي هئي. نجم عباسي جي پهرين ڪهاڻي ”همت ۾ ڪوشش“ مهراڻ رسالي ۾ 1944ع ۾ ان وقت ڇپي جڏهن سندس عمر سترنهن سالن مس هئي. مهراڻ رسالي جي ان وقت جي ايڊيٽر لعل چند امر ڏني ڪيس لکڻ طرف مائل ڪيو. پيشي جي لحاظ کان پاڻ ڊاڪٽر هو پر پنهنجي آزاد طبيعت جي ڪري سرڪاري نوڪريءَ کي اٺن نون سالن جي عرصي دوران ئي الوداع ڪري حيدرآباد ۾ مستقل طور پنهنجي ذاتي ڪلينڪ کولي ويهي رهيو.

نجم عباسي نوڪريءَ جي شروع وارن سالن دوران سنڌ جي اڪثر شهرن ۾ رهيو ۽ ان سموري عرصي ۾ سنڌ جي سياسي، معاشي ۽ سماجي حالتن جو گهرائيءَ سان جائزو وٺندو رهيو. هو ان نتيجي تي پهتو ته هن وقت ڌرتيءَ تي سوشلزم ئي اهڙو نظام آهي، جنهن سان هر قسم جو استحصال ختم ٿي سگهي ٿو. تنهن بعد سموري حياتي سوشلسٽ سماج جي قيام لاءِ جدوجهد ڪندو رهيو ۽ پنهنجي پوري حياتي سنڌي قوم ۽ انسانذات جي ذهني ۽ جسماني غلاميءَ جي خاتمي لاءِ وقف ڪري ڇڏيائين.

سندس هر ڪتاب ۾ سنڌ جي دردن جي عڪاسي ٿيل آهي. ڊاڪٽر نجم عباسي کي عام

ماڻهن جي تڪليفن ۽ اهنجن جي پوري پوري ڄاڻ ڪانسواءِ سماج لاءِ ناسور بڻجي ويل ڪڌين ريتن ۽ رسمن جو به بهتر ادراڪ هو. تنهن ڪري ئي پنهنجي ڪهاڻين ۾ اهڙن وهمن، وسوسن ۽ من گهڙت خيالن بابت ڀرپور لکندو ۽ ننديندو رهيو. جامي چانڊيو نجم عباسي بابت وڏيڪ راءَ ڏئي ٿو ته سنڌ سان عشق جون دعوائون ته بي حد عام آهن، پر جيڪڏهن ڪنهن شخص کي مون سچ پچ سنڌ جي عشق ۾ بدل ڏٺو ته اهو ڊاڪٽر نجم عباسي هو.

نجم عباسي سموري حياتي بيدپو ۽ بيباڪ ٿي گذاري ۽ جيڪي سوچيو سو ئي ڳالهايو ۽ جيڪو سمجهيو سو ئي لکيو. نه ڪنهن کان خوف ڪاڌائين نه ئي ڪنهن کان ڊنو. نجم عباسي تمام گهڻو ۽ معياري لکيو آهي. پاڻ ڪجهه ناول به لکيا ۽ ترجمو ڪيا اٿس، جن جا موضوع سماجي حقيقت نگاريءَ جو چٽو عڪس آهن. جنهن ۾ سندس ناول ”تلاش“ کي وڏيڪ اهميت حاصل آهي، جيڪو هڪ وڏيري جي ڪوٽ ۾ قيد ڇوڪريءَ جي ڇوڏاري ڦري ٿو. تنهن کان علاوه ”پابنديون“ ۽ ”پيار“ پڻ اهم ناول آهن. تنهن کان علاوه پاڻ تصوف جي موضوع تي پڻ مضمونن جو هڪ ڪتاب ”تصوف جي چيرڦاڙ“ به لکيو اٿائين.

ڊاڪٽر نجم عباسي لکڻ ۽ پڙهڻ سان سڄي عمر ناتو نڀايو ۽ زندگيءَ جي تند ٽٽڻ تائين پنهنجي انقلابي اشتراڪي اصولن سان جڙيو رهيو. سنڌ جي اڪثر اديبن جيان پنهنجي نظريي تان رتيءَ برابر به نه هٽيو ۽ سموري حياتي عقليت پسنديءَ سان سلهاڙيل رهيو. ڪيس ڪنهن به عقيدي ۾ تر جيترو به ويساهه نه هو. هو آخري وقت تائين امن، ڀائيچاري ۽ انساني برابريءَ وارن اعليٰ آدرشن جي پوئيواري ۽ پرچار ڪندو رهيو. سنڌي ادب ۾ ترقي پسند لاڙي کي متعارف ڪرائڻ ۾ سندس نمايان

ڪردار رهيو. سندس ڪتاب ”سوچون هڪَ سچار جون“ جي مهاڳ ۾ خاڪي جويي لکيو آهي ته ”ڊاڪٽر نجم عباسي سنڌي ادب ۾ سنڌ جي ماڻهن لاءِ اهو ڪردار ادا ڪيو آهي، جيڪو روسي ادب ۾ روسين لاءِ گورڪي، ٽالسٽاء، خروشيف ۽ دوستووسڪي ادا ڪيو.“

همسفر گاڏهي پنهنجي مقالي ۾ ڊاڪٽر نجم لاءِ لکيو آهي ته سائين جي ايم سيد لاءِ نجم عباسي جي راءِ هئي ته : سائين جي ايم سيد عملي سياست ۾ ڪڏهن به عوام دوست نه رهيو آهي. هن تمام گهڻن موقعن تي عوام دشمني وارو ڪردار پڻ ادا ڪيو ۽ پنهنجي جاگيردار اَنا کي تسڪين ڏني” ايئن هو ذوالفقار علي ڀٽو کي به عوام دشمن سمجهندو هو، هن جي خيال ۾ : “ڀٽو به عوام دشمن هيو هن رڳو لفاظي طور سوشلزم جو نعرو هنيو، باقي هو پاڻ به سوشلسٽ ڪو نه هو”.

ڊاڪٽر نجم عباسي ٽن ڪان چئن ڏهاڪن تائين نوجوان نسل جي ذهني آبياري ڪئي. وطن پرستي جهڙي سوچ کي اڳتي وڌايو، فرسوده رسمن، وهمن وسوسن ۽ جاگيرداراڻا سماج ۾ پيري مريدي خلاف محمد عثمان ڏيپلائي جيان قلمي جنگ ڪئي. پنهنجي ڪهاڻين ۾ هر فرسوده روايت، رسم رواج، غلط عقيدن ۽ اعتقادن خلاف بغاوت جو علم بلندو ڪيو. ڊاڪٽر نجم عباسي بابت جامي چانڊيو جي راءِ آهي ته مذهبن، عقيده پرستيءَ، جاگيرداريءَ ۽ روحانيت بابت نجم عباسي جا ويچار تمام سائنسي، عقليت پسند ۽ چٽا هئا.

جيڪڏهن سندس هر ڪهاڻي جو اڀياس ڪجي ته ان ۾ سماج جي بهتري، سياسي سماجي شعور، علمي، ادبي اپٽار سندس موضوع رهيو آهي

اهڙو ڪو بہ موضوع ناهي جنهن تي هن مصوري واري عڪس نہ چٽيو هجي.

ڊاڪٽر جا لڳ ڀڳ 30 کن ڪتاب شايع ٿيل آهن. هن جي بهترين ادبي تخليقن ۾ “طوفان جي تنما، پٿر تي ليڪو، ڳاڙهو لالٽين، جيڪي منهنجي من ۾ آهي، ناچٽي، ايڏو سور سهي، مون پڻ ڳايو هو، ڏنم اڻ ڏٺل، رشتا ناتا، اڪيلا ناهيون، سورج هوندي مرجهايل، للڪار، پهاڙن ۾پڪار، پيار ڪهاڻي، بلنديون، پروفيسر، دارون هن ديواني جو، ڪهاڻين جو قافلو، گانڌي، تصوف جي چير ڦاڙ، تلاش، ماسترياڻي، دوڪو، مٽي سينڌ سڪار، زلزلو، لينن جي انقلابي ڪهاڻي، جبل مٿي باهڙي، منهنجون بهترين ڪهاڻيون، پاڻ ۾ ويٺا آهيون، اوچا ڳاٽ پهاڙن جا شامل آهن.

نجم عباسي، زندگيءَ جي آخري ڪجهه سال سخت بيماريءَ ۾ گذاريا، اڌ رنگ جهڙي موذي مرض کيس هلڻ چلڻ کان هلاڪ ڪري ڇڏيو. 1990ع ۾ حيدرآباد ۾ ٿيل لساني فسادن دوران دهشتگردن سندس گهر تي حملو ڪيو ۾ گهر جي سامان کي بيدريءُ سان لٽيو. سندس لئبرري، جيڪا کيس ساهه جيان عزيز هئي، ان کي باهه ڏئي برباد ڪري ڇڏيو. جنهن جو کيس سجي زندگي سخت صدمو رهيو. پاڻ سچي حياتي سماجي برابري ۾ انساني حقن لاءِ جاکوڙ ڪيائين ۾ پنهنجي اصولن تي سوديبازي نہ ڪيائين. هي مهان اديب 25 آڪٽوبر 1995ع تي وڇڙي ويو. کيس پنهنجي اباڻي ڳوٺ خانواهڻ ۾ مٽي ماءُ حوالي ڪيو ويو.

سنڌ تي ڌارين جي ڪاهه کي ناڪام بڻائيندڙ راڻي سونهن ديوي

اڄ پاڻ 14 سو سال اڳ سنڌ تي ڌارين جي حملي کي ناڪام بڻائيندڙ بهادر سورمي ۽ راڄ راڻي سونهن ديوي جي جرئت جو داستان بيان ڪنداسين. هي اها بادشاهزادي هئي، جنهن پنهنجي تدبر ۽ همت سان سنڌ جون سرحدون سلامت رکيون.

سنڌ جي مقامي برهمڻ گهراڻي جي راجائن 644ع کان 712ع تائين يعني 60 ورهيه سنڌ تي حڪومت ڪئي. برهمڻ گهراڻي جي راجائن جي حڪمراني سنڌ تي عربن جي ڪاهه ۽ قبضي تائين جاري رهي. برهمڻ گهراڻي جا ٽي راجا سنڌ جا حڪمران رهيا. جن ۾ پهريون چچ پٽ سيلائج، ٻيو سندس ڀاءُ چندر پٽ سيلائج ۽ ٽيون سندس پٽ راجا ڏاهر شامل هئا .سنڌ تي برهمڻ گهراڻي جي حڪومت کان اڳ راءِ گهراڻي جي بادشاهت قائم هئي. سنڌ تي راءِ خاندان 550ع کان 644ع تائين لڳ ڀڳ 94 سال حڪمراني ڪئي. راءِ خاندان جا 5 بادشاهه سنڌ جا حڪمران رهيا. ان خاندان جو آخري حڪمران راءِ ساهسي ٻيو هيو. راءِ ساهسي ٻيو کي ٻه مختلف تاريخن ۾ سهاسي جي نالي سان پڻ لکيو ويو آهي. راءِ ساهسي ٻيو جي گهر واري جو نالو سونهن ديوي هيو. ڪجهه تاريخدانن سندس نالو شويا ته ڪجهه محققن سندس نالو

سونهندي به لکيو آهي. پر سونهن ديوي سندس مشهور نالو هو.

چچ راءِ گهراڻي جي آخري بادشاهه راءِ ساهسي ثانيءَ جي وزير رام راءِ وٽ منشي هو. چچ لکڻ پڙهڻ جي فن ۾ نهايت هوشيار هو، ان ڪري کيس دربار ۾ ملازمت ملي وئي. هن پنهنجي قابليت سبب راجا ساهسي جي دربار ۾ وزير رام راءَ کان به وڌيڪ شهرت حاصل ڪري ورتي. جنهن ڪري سندس سڌو رابطو راجا ساهسي سان به ٿيڻ لڳو. چچ سرڪاري ڪم ڪار سان راجا ساهسي جي حويليءَ ۾ به اچڻ وڃڻ لڳو. روايت آهي ته حويلي ۾ اچڻ سبب چچ جا راڻي سونهن ديوي سان به رابطا ٿيڻ لڳا. راجا جي خاص ماڻهن ۾ شمار ٿيڻ سبب چچ جي راڻي سان ويجهڙائپ ٿيڻ فطري ڳالهه هئي. تاريخدانن لکيو آهي ته راڻي يعني سنڌ جي بادشاهزادي نوجوان هجڻ سميت سونهن ۾ پنهنجو مٽ پاڻ هئي. جڏهن ته چچ جو به سهڻن سيبتن نوجوانن ۾ شمار ٿيندو هو. راڻيءَ کي راءِ ساهسيءَ مان ڪوبه اولاد نه هو، ۽ پاڻ بيمار به رهڻ لڳندو هو. ان پس منظر ۾ به راڻي جي خوبصورت نوجوان چچ سان محبت ٿيڻ لازم ۽ فطري عمل هيو.

راجا راءِ ساهسي جي بيماري دوران چتور جي حاڪم مهرٿ جون هر وقت سنڌ تي قبضي لاءِ اکيون ڪتل هونديون هيون، هو راءِ ساهسي خلاف سندن مِٽن مائٽن کي ڀڙڪائيندو ٿي رهيو. جنهن ڳالهه کان راڻي سونهن ديوي پوريءَ ريت واقف ٿي چڪي هئي. راءِ کي ڪوبه اولاد ڪونه هيو، تنهن ڪري راجا راءِ ساهسي جي وفات کان پوءِ سنڌ تي چتور جي حاڪم مهرٿ جي قبضي جا وڏا انديشا موجود هئا. ان صورتحال کي محسوس ڪندي راڻيءَ نهايت هوشياريءَ کان ڪم ورتو، هن سنڌ ملڪ، چتور جي راجا جي هٿ هيٺ اچڻ کان

بهتر ڄاتو ته چچ جيڪو اڳ ئي ملڪ جي ڀلي لاءِ ڪيئي ڪارناما سر انجام ڏيئي چڪو آهي، تنهن جي هٿ ۾ واڳون ڏيئي ملڪ کي ڌارئي حملي آور کان بچائي وٺجي، اهو سوچي هن راءِ جي بيماري دوران بادشاهه جا اهي عزيز جيڪي چتور جي حاڪم جي چُرچ تي ڪم ڪري رهيا هئا، تن کي راءِ سان ملاقات جي بهاني گهرائي، ڪن کي قيد ڪيو، ته ڪن کي خاموش ڪرائي ڇڏيو. ان وچ ۾ هن شاهي دربار منعقد ڪرائي ان ۾ پاڻ پردي پويان ويهي ٻڌيمن وزير جي معرفت پنهنجي مڙس راءِ ساهسي پاران چچ کي نائب مقرر ڪرڻ جو اعلان ڪرايو. چچ منجهان عوام ته اڳ ئي راضي هيو تنهن ڪري سڀني ادب سان گوڏا کوڙيا ۽ زمين تي مٿا ٽيڪيا ۽ چيو”راءِ جي حڪم جا تابعدار آهيون ۽ چچ وزير)پڻ (بهرحال سهڻن ۽ وٽندڙ عادتن سان سينگاريل آهي ۽ سندس عقل جي بدولت ملڪ جو ڪاروبار درست هلي رهيو آهي. اهڙي طرح عوام جي اڪثريت جي راءِ سان چچ ملڪ جو نائب حاڪم بڻجي ويو.

نيٺ راجا راءَ ساهسي (ٻيو) بيماري سبب لاڏاڻو ڪري ويو. جنهن بعد راڻي سونهن ديوي حڪمراني جون واڳون پاڻ سنڀاليندي، اصل حڪمراني پنهنجي نائب چچ جي حوالي ڪري ڇڏي. ان اعلان تي به عوام طرفان ڪنهن به قسم جي مخالف ردعمل ظاهر نه ڪيو ويو، ڇاڪاڻ جو ملڪ جو عوام چچ جي صداقت، محنت ۽ ملڪ سان وفاداريءَ منجهان پوري ريت واقف هيو. چچ محنت ۽ جفاڪشيءَ سان عوام جون همدرديون حاصل ڪري چڪو هو. چچ هوشيار ۽ قابل ماڻهو هو تنهن ڪري عوام هن مان هر طرح راضي رهندو پئي آيو.

راجا راءِ ساهسي جي لاڏاڻي بعد چتور جي حاڪم مهرٿ سنڌ تي حملو ڪري قبضو ڪرڻ جي

رٿابندي ڪري ورتي. مهرٽ ڄاتو ٿي ته چچ برهمڻ راهب آهي، سو تلوار منجهان ڇا ڄاڻي تنهنڪري سنڌ ڪي جلد فتح ٿو ڪري ونان. هن فوج جو وڏو تعداد ساڻ ڪري جنهن ۾ مست هاٿي به شامل هئا، اچي اروڙ کان ٽن ميلن تي ڪئمپ هنئي ۽ چچ کي چوائي موڪليائين ته ”ملڪ منهنجي حوالي ڪر ته توکي ساڳي وزيري ۽ نائبيءَ جي عهدي تي قائم رکندس.“ راجا مهرٽ جي مٿين جملن منجهان به ان ڳالهه جي تصديق ٿئي ٿي ته اصل حڪمران راڻي سونهن ديوي هئي. چچ کي نائبيءَ وارو عهدو هو، جنهن ڪري چتور جي حاڪم کيس نائبي برقرار رکڻ جي آڇ ڪئي

چچ پنهنجو پاڻ جنگ ڪرڻ جو اعلان نه ڪيو پر راجا طرفان موڪليل پيغام ڪٽي راڻي سونهن ديوي اڳيان حاضر ٿيو ۽ کيس چيائين ته:

”دشمن گهر جي در تي اچي پهتو آهي، ملڪ ۽ ميراث جي دعويٰ ڪري ٿو،

هاڻي ڪهڙي صلاح آهي؟“ راڻيءَ سمجهي ورتو ته هن برهمڻ جو حال هيٺو

ٿي پيو آهي. تنهن تي سندس دل ۾ ٻڌائڻ ۽ جذبي جاڳائڻ لاءِ کيس اهڙا جملا

چيائين جو هو هڪدم جنگ ڪرڻ لاءِ تيار ٿي ويو. هن کيس چيو ته ”مان پرده

نشين عورت آهيان، جيڪڏهن مون کي ئي جنگ ڪرڻي آهي ته پوءِ تون منهنجا

ڪپڙا پائي گهر ۾ ٿي ويهه ۽ پنهنجا ڪپڙا مون کي ڏي ته ٻاهر نڪري وڃي جنگ ڪريان.“

سنڌ ۾ اهو آڳاٽو رواج رهيو آهي ته عورتن طرفان مردن کي ميدانِ جنگ ۾ اٿڻ لاءِ ڪين رئو يا چوڙيون ڏياري موڪلبيون آهن، جنهن جو مطلب اهو هوندو آهي ته يا ميدان ۾ ڪُڏي ڪاهي پئو يا

وري اهي اسان جا ڳهه ۾ ڪپڙا پائي گهر ۾ ٿي وهو. راڻي سونهن ديوي پڻ ساڳي ريت ڪيو. نه صرف ايترو پر هن چچ جي غيرت جاڳائڻ لاءِ ڪيس وڏيڪ اهو به چيو ته "جڏهن بادشاهي تنهنجي حوالي ۾ توڏانهن منسوب ٿي چڪي ته پوءِ منهنجي صلاح جي ڪهڙي ضرورت آهي؟ تيار ٿيءُ ۾ گجندڙ شير وانگيان ميدان ۾ وڃي، دشمن کي دفع ڪرڻ جي ڪوشش ڪر، چاڪاڻ ته عزت ۾ نالي سان مرڻ، ذلت برداشت ڪرڻ کان بهتر آهي. راڻيءَ پاران اهڙي قسم جي جوش ڏيارينڊڙ جملن چچ جي دل تي ايڏو ته اثر ڪيو جو هو واقعي گجندڙ شينهن بڻجي راجا مهرث جي فوج تي ٽُٽو ۾ ڪيس شڪست ڏنائين.

راڻيءَ کي راءِ ساهسي مان ڪوبه اولاد ڪونه هو. تنهن ڪري راءِ جي وفات بعد هن ٻي شاديءَ جو اظهار ڪيو. جيئن ته چچ، راجا مهرث کي شڪست ڏيئي سوڀ حاصل ڪئي هئي، تنهن ڪري اهو موقعو غنيمت ڄاڻندي راڻي شهر جي وڏن ماڻهن کي گهرائي کين چيوته، "جنهن صورت ۾ راءِ ساهسي گذاري ويو آهي ۾ مون کي منجهائنس ڪوبه فرزند ڪونهي، جو ملڪ جو وارث ٿئي ها، هن وقت چچ منهنجو نائب بڻجي حڪومت جو ڪار وهنوار هلائي رهيو آهي، تنهنڪري آئون ساڻس شادي ڪرڻ چاهيان ٿي. ان ڪري مونکي صحيح ويڏي ۾ ڏاج سان چچ جي حوالي ڪريو." اهڙي ريت مذهبي رسمن موجب راڻي سونهن ديوي چچ جي زال بڻجي ويئي. چچ مان ڪيس هڪ ڌيءُ ماين ۾ به پٽ ڏاهر ۾ ڏهرسين پيدا ٿيا. پنهنجي وطن تي ڌارئي حملي کي تدبر سان ناڪام بڻائيندڙ هن راڻي تي سنڌ جا ماڻهو فخر ڪري سگهن ٿا.

ڊاڪٽر درشهوار سيد

ڊاڪٽر در شهوار سيد سنڌ لاءِ جدوجهد جي علامت بڻيل ان خاندان سان واسطو رکندڙ هئي. جنهن خاندان سان ٻين معاملن تي ته هزارين اختلاف ڪري سگهجن ٿا، پر سندن سنڌ سان محبت تي شڪ ڪري نه ٿو سگهجي. در شهوار سيد 21 مارچ 1942ع تي سنڌ جي سائين جي ايم سيد جي گهر سن ضلعي دادو ۾ جنم ورتو. ڪيس پنهنجي اباڻي ڳوٺ سن ۾ ابتدائي تعليم ڏيارڻ لاءِ هڪ پرائمري اسڪول ۾ داخل ڪيو ويو پر برصغير جي ورهاڱي سبب اسڪول ۾ پڙهائيندڙ ماسترياڻيون پارت لڏي ويون. جنهن سبب ڪيس علم حاصل ڪرڻ لاءِ ڪراچي موڪليو ويو. جتي پرائمري کان مئٽرڪ تائين سينٽ جوزف اسڪول ۾ تعليم حاصل ڪئي. بعد ۾ بي اي جي ڊگري 1967ع ۾ حاصل ڪئي. در شهوار سيد ڪراچي يونيورسٽيءَ مان 1969ع ۾ ايم .اي فلاسافيءَ ۾ ڪيائين. جڏهن ته سنڌ يونيورسٽي ڄام شوري مان فارسي زبان جو سرٽيفڪيٽ ڪورس 1972ع ۾ حاصل ڪيو. سائين جي .ايم .سيد پنهنجي ڌيءُ جي وڌيڪ تعليم حاصل ڪرڻ واري خواهش تي ڪيس پي ايڇ ڊي ڪرڻ لاءِ لنڊن موڪليو. سيد خاندان جي هن نياڻي جي اعلى تعليم حاصل ڪرڻ جي گهر ڀاتين سميت روايتي سيد سڳورن ۾ سندن سادات تنظيم به سخت مخالفت ڪئي. پر سائين جي ايم سيد هر مخالفت جو مقابلو ڪندي پنهنجي نياڻي کي نه صرف ملڪي سطح تي بهترين تعليم سان مالامال ڪيو پر ڪيس لنڊن موڪلي نياڻين جي تعليم جي مخالفت ڪندڙن جا منهن بند ڪري ڇڏيا. سائين جي ايم سيد لنڊن ۾ تعليم حاصل ڪرڻ دوران پنهنجي نياڻي جي وڏي پئماني تي حوصلي افزائي ڪئي ۾ ڪيس خط لکي مخالفت

جي ڪابه پرواهه نه ڪرڻ لاءِ همٿايو. اهي خط جي ايم .ســـيد جي ڪتـــاب ’ڏونگـــر ســـي ڏوريـنـــديون ‘۾موجــود آهن. هڪ خــط ۾ ســائين جي .ايم .سيد پنهنجي ڌيءُ درشهوار سان مخاطب ٿيندي ڪيس چوي ٿي تـه ”تنهنجي علم جي حصـول ۾ ڪاميـابي، منهنجي مشـن جي تڪميـل هونـدي. خاندان جي سخت مخالفت باوجود هي بهادر نيـاٽي ڊاڪـــٽر در شـــهوار 1974ع ڌاري ڊاڪـــٽريٽ جي ڊگري حاصل ڪرڻ لاءِ لنڊن وئي. جتي هن سـائوٿ ايشين اسٽڊيز يونيورسٽي آف انگلينڊ مـان 1977ع ۾ ايم اي ڪـــئي. جنهن بعـــد “شـــاهه لطيـــف جي شاعري” تي يونيورسٽي آف ايڊنبرا مان 1984ع ۾ پي ايڇ ڊي جي ڊگـري حاصـل ڪـئي. سـنڌ سـان واسـطو رکنـدڙ هيءَ پهـرين سـنڌي عـورت هـئي، جنهن شاهه لطيـف تي انگريـزيءَ ۾ ڊاڪـٽريٽ جي ڊگـري حاصـل ڪـري ورتي. هن پنهنجي تحقيـق لاءِ ’سـنڌ جي صـوفين جـو عـالمي سـيڪيولر ازم جـو پيغام‘ جي موضوع جي چونڊ ڪئي.

“شاهه لطيف جي شاعري” تي انگريـزيءَ ۾ سندس لکيل اها ٿيسز 1988ع ۾ سنڌي ادبي بـورڊ طرفان شايع ڪئي آهي. هن ٿيسز ۾ ڪـل پنج بـاب آهن. پهرئين باب ۾ راجـا ڏاهـر ڪـان وٺي مغـل دؤر تائين تاريخي جائزو ڏنل آهي، ٻئي باب ۾ شاهه جي ڪلام ۾ عـورت ســان شــاهه جي وابســتگي ۾ ٻين ڪلاسيڪي شـاعرن جي شـاعريءَ جي ڪـردار تي پڻ روشني وڌي وئي آهي. باب ٽئين ۾ شاهه سائين جو جوڳين سان ٽن سالن تائين گڏ رهڻ تي روشني وڌي وئي آهي. بـــاب چـــوٿين ۾ شـــاهه لطيـــف ۽ فريدالدين عطار جي شاعريءَ جي ڀيٽ ڪيل آهي. آخــري بــاب پنجين ۾ جلال الــدين رومي ۽ شــاهه لطيف جي شـاعراڻي تصـور ۾ هڪجهـڙاين ۾ فـرق جي ڀيٽ ڪئي وئي آهي. هن باب جي آخر ۾ شـاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ لوڪ ڪهـاڻين جن ۾ سـهڻي ميهار، سسئي پنهون، سورٺ راءِ ڏياچ، ليلا چنيسر،

نوري ڄام تماچي، مومل راڻو جو مختصر جائزو ورتل آهي.

ڊاڪٽر درشهوار سيد کي سنڌي، انگريزي، اردو ۾ فارسي ٻولين تي عبور حاصل هو. لنڊن مان ڊاڪٽريٽ جي ڊگري حاصل ڪرڻ بعد پاڻ ڪراچي يونيورسٽيءَ جي پاڪستان اسٽڊي سينٽر ۾ ملازمت حاصل ڪئي. جتي هو 1985ع کان 1991ع تائين ليڪچرار ۾ اسسٽنٽ پروفيسر جي عهدي تي فائز رهي. پاڻ ڪراچي يونيورسٽي ۾ تاريخ جو مضمون پڙهايائين. ڪراچي يونيورسٽيءَ ۾ درس تدريس جا فرض سرانجام ڏيڻ سان گڏ پاڻ 1991ع ۾ ڪراچي يونيورسٽيءَ جي 'شاهه عبداللطيف چيئر'جي ڊائريڪٽر جي عهدي تي به فائز رهي. پاڻ ڪراچي يونيورسٽي ۾ ملازمت دوران ڪيئي ڪتاب مرتب ڪري شايع ڪرايا. شاهه لطيف چيئر ۾ رهڻ دوران ڊاڪٽر صاحب "تحقيق جو طريقيڪار '،'شاهه لطيف تي تحقيق '، ببليوگرافي آف شاهه لطيف '، 'شاهه جو رسالو '(چئن ٻولين ۾) لکيا، مرتب ڪيا ۾ شايع ڪرايا. سندس 'لطيفي ڪهاڻيان 'ڪتاب اردوءَ ۾ 1993ع ۾ شايع ٿيو . جڏهن ته 'شاهه عبداللطيف جي موسيقي'عنوان سان سندس ترتيب ڏنل ڪتاب 'شاهه عبداللطيف ڀٽائي چيئر طرفان '1992ع ۾ شايع ڪيو ويو. سندس سنڌي، اردو ، انگريزي ٻولين ۾ لکيل ڪوڙ سارا مقالا مختلف رسالن ۾ اخبارن ۾ شايع ٿيندا رهيا. ڊاڪٽر درشهوار ڪيترن ئي قومي ۾ عالمي سطح جي سيمينارن ۾ ڪانفرنسن ۾ شرڪت ڪئي ۾ اتي مقالا پڙهيا .کيس ڪافي تعداد ۾ ايوارڊ به مليا، جن ۾ 1985ع ۾ 'ارنسٽ ٽرمپ ايوارڊ '، 1988ع ۾ 'لطيف گولڊ ميڊل ايوارڊ، ساڳئي سال ۾ 'گورنمينٽ آف سنڌ ڪيش ايوارڊ، 1990ع ۾ سچل سرمست ايوارڊ 'شامل آهن .

سـنڌ جي هن بهـادر عـورت لنـڊن □ پـڙهڻ دوران مختلــف تحقيقي ادارن □ اڻ ڳڻيــا علمي □ ادبي ليڪچر ڏئي سنڌ جـو نـالو روشـن ڪيـو، انهن منجهان ڪجهـه اهم ليڪچـرن جـو پـاڻ هـتي ذڪـر ڪريون ٿا.

حضرت محمـد ڪـريم□ جـو مشـن، سـائوٿ ايشين اسٽڊي، يونيورسٽي آف سسيڪس 1976ع

ڪـرسچن فڪـر جـون اهم صـفتون، سـائوٿ ايشين اسٽڊي، يونيورسٽي آف سسيڪس 1976ع

پاڪستان جي ڳوٺاڻين عورتن جـو ٽين دنيـا □ ڪردار (ٽين دنيا جي ملڪن جي 1979ع □ ايـڊمبرا يونيورسٽي □ ٿيل ڪانفرنس □ پڙهيل).

اسـلام □ عـورت جـا حـق □ سوسـائٽيءَ جـو انهن ڏانهن رويــــو، ايـــــڊمبرا يونيورســــٽيءَ □ پڙهيل 1979ع

صوفياڻي شـاعريءَ □ عـالمي امن يـائپيءَ □ پيــار جـــو پيغــام، پروٽيســٽنٽ چـــرچ ايــڊمبرا □ پڙهيل ١٩٨١ع. ليڪچر شامل آهن.

ڊاڪٽر درشهوار جو شمار رڳو سـنڌي ادب □ زبان جي نـامور اديبن، محققن □ تعليمي مـاهرن □ ئي نٿو ٿئي پر هوءَ وڏي سماج سڌارڪ به هئي. هن "آل سـنڌ وومين ايسوسيئيشـن" تـاهي جنهن جي پاڻ چيئر پرسن به رهي. ان پليٽ فارم تـان سـنڌي عورتن □ سجاڳي آڻڻ لاءِ به جدوجهد ڪـئي. هن ان سلسلي □ سنڌ جي ڪيترن ئي شـهرن جـا دورا پڻ ڪيا. ڊاڪٽر درشهوار ڪـراچي جي ڳـوٺن □ غـريبن لاءِ فلاحي ادارا ٺاهيـا □ نـواب شـاهه ضـلعي □ ٻـوڏ جي دوران متاثرن □ ڪاڌ خوراڪ جو سـامان □ پيـو سيڏو ورهايو □ مفت علاج جون ڪئمپـون لڳرايـون □ پيـون بـه ڪـافي سـماجي خـدمتون سـر انجـام ڏنيون. ڊاڪٽر درشهوار سيد 26 ڊسـمبر 1997ع □ وفات ڪئي. هن جي سچاٽپ فقـط سـائين جي ايم

سيد جي نياڻي هجڻ نه هو، پر هو پنهنجي علمي ادبي قابليت سبب سنڌ سميت پرڏيهه ۾ ڇاتي سڃاتي ويندي هئي. ان ڳالهه ۾ ڪوبه وڌاءُ نه ٿيندو ته ڊاڪٽر درشهوار سنڌ جو وڏو اثاثو هئي.

پنهنجي ڪهاڻين جهڙي خوبصورت ثميره زرين

سنڌي ٻوليءَ جي ناميارِي ڪهاڻيڪار ثميره زرين شڪارپور ۾ 22 فيبروري 1944ع

تي جنم ورتو . محمد اعظم اعواڻ جي گهـر جنم
وٺندڙ ثميره کي ننڍپڻ کـان ئي ادبي مـاحول مليـو.
سندس پڙڏاڏو محمد عـارف اعـواڻ بـه فارسـي
سنڌيءَ جو شاعر ٿي گذريو آهي، سندس شاعريءَ
جو ڪتاب” ديوان صـنعت “جي نـالي سـان مقبـول
رهيـــو آهي .ثمـــيره زرين جـــو اصـــل نـــالو تـــه
سڪينه اعواڻ هو. پر هن لکڻ جي شروعات ثميره
زرين جي نـــالي ســـان ڪـــئي، جيڪـــو اڳـــتي هلي
ســندس اصــل نــالي کــان وڌيڪ مشــهور ٿي ويــو.
ثميره ڏهن سالن جي ڄمـار لکڻ شـروع ڪيـو
سندس پهرين ڪهاڻي” اميد “ نئين زندگيءَ رسالي
 شـايع ٿي. انتهـائي گهٽ عرصـي سـندس نـالو
وڏن ڪهاڻيڪـــارن ڳڻجڻ لڳـــو. جـــڏهن هن لکڻ
شـروع ڪيـو تـه ادبي دنيـا اهي بحث ٿيڻ لڳـا تـه
ثميره نالي ليکک اصـل عـورت نـه پـر ڪـو مـرد
آهي، جيڪو فرضي نالي سان لکي مشهوري مـاڻڻ
چاهي ٿو. ثمـيره زرين ننـڍي وهيءَ پـردو ڪنـدي
هئي، ان ڪري ڪنهن به ڪيس نه ڏٺو هو نـه وري
سندس ڪا تصوير هن جي لکڻين سان گڏ شايع ٿي
هـــــئي. جـــــڏهن ســـــتر جي ڏهـــــاڪي
هلال پاڪســـــتان اخبـــــار جي عـــــورتن جي
صفحي”سگهڙين سـٿ“ سـندس پهريـون انـٽرويو
تصويرن سان شايع ٿيـو هن پنهنجي اصـلي نـالي
 خاندان بابت ٻڌائي پاڻ کي ظاهر ڪيو تـه مـاڻهن
جـــــو شـــــڪ ختم ٿي ويـــــو. ثمـــــيره زرين
وري شيخ ايـاز جي وائيس چانسـلريءَ واري دور
سـنڌ يونيورسـٽيءَ ريسـرچ فيلـو جي حيـثيت
ملازمت به ڪـئي. ثمـيره بي .اي پـاس ڪـرڻ کـان
پوءِ انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجيءَ ريسـرچ فيلـو جي
حيـثيت سـان ڪم ڪـرڻ لڳي. ثمـيره زرين 62-
1961ع ڌاري” نئين زندگي “رسالي پاران، گـذريل
سـالن دوران نـئين زنـدگيءَ شـايع ٿيـل افسـانن/
ڪهاڻين جـو هڪ مجموعـو سـهيڙڻ جـو ڪم هٿ
ڪنيو اهو سندس تـرتيب ڏنـل پهريـون ڪتـاب هـو

جيڪو” مهراڻ جون چوليون “عنوان سان 1962ع
 پاڪستان پبليڪيشن طرفان ڇپايو ويو.
هن ڪتاب تي ثميره زرين جو لکيل مهاڳ ”آزاديءَ
ڪان پوءِ سنڌي ڪهاڻيءَ جو جائزو “هڪ شاهڪار
شمار ٿئي ٿو. 1962ع ” نئين زندگي “رسالي
ثميره جي هڪ ڪهاڻي”دين جي ماءُ “شايع ٿي،
جنهن وڏي مقبوليت حاصل ڪئي. 1968ع اديون
رسالي ” رمندا بادل“نالي سان سنڌس ڪهاڻي به
ڇاپي مشهور ٿي. سنڌس ڪهاڻيون مختلف رسالن
 مسلسل ڇپجڻ لڳيون. ثميره زرين جي ڪهاڻين
جو پهريون مجموعو گيت اجايل مورن جا
جي سري هيٺ جولاءِ 1970ع ملير ادبي
اڪيڊمي حيدرآباد پاران شايع ڪيو ويو. جنهن
 ثميره زرين جون 11 ڪهاڻيون شامل هيون
هن مجموعي جو مهاڳ نامياري ڪهاڻيڪار آغا
سليم لکيو هو. سنڌس ڪهاڻين جو ٻيو ڪتاب
سنڌس وفات ڪان پوءِ” آءُ اهائي مارئي “نالي سان
فيبروري 1981ع الطاف اشاعت گهر، حيدرآباد
پاران شايع ڪيو ويو. جنهن سنڌس 8 ڪهاڻيون
شامل آهن .ثميره زرين جي ڪهاڻين جو ٽيون
ڪتاب، ناري پبليڪيشن حيدرآباد پاران “روشن
چانورو” جي نالي سان اپريل 1989ع شايع ڪيو
ويو. ثميره پنهنجي لکڻين سنڌي عورتن جي ڏک
 درد جي ترجماني ڪئي. هن پنهنجي ڪهاڻين جا
موضوع ان ئي معاشري مان چونڊيا، جتي پاڻ به
رهندڙ هئي. سنڌس ويجهو رهندڙن جي راءِ آهي ته
ثمير زرين جي اٿڻ، ويهڻ، ڳالهائڻ نفاست
سليقو هوندو هو. ثمير زرين اجرا رعبدار ڪپڙا
پائي اچي ڪڪر يا ڪونج وانگر لڳندي هئي. هوءَ
پنهنجي ڪهاڻين جيتري خوبصورت هئي. سنڌي
ٻولي جي هي ليکڪا 13 آگسٽ 1977ع تي
پنهنجي ديس واسين ڪان هميشه لاءِ وڇڙي وئي.

سنڌ لاءِ جان گھوريندڙ پھريون حڪمران راجا راءِ سھارس

سنڌ تي راءِ خاندان 550ع کان 644ع تائين لڳ ڀڳ 94 سال حڪمراني ڪئي. راءِ خاندان جا 5 بادشاھه سنڌ جا حڪمران رھيا. جن ۾ پھريون راجا راءِ ديوائج هيو، جنھن کي ڏياچ ۽ ڏيوجي جي نالي سان به سڏيو ويو آهي. راءِ ديوائج 550ع ۾ سنڌ جي حڪومت سنڀالي. پاڻ شروع ۾ گھڻ طاقتور هو، بعد ۾ اقتدار ۽ اختيار تي پنھنجي گرفت

مضبوط ڪري ورتي. تحفت الڪرام جو ليکڪ مير علي شير قانع لکي ٿو ته راءِ ديوائج عاليشان بادشاهه هو. هندستان جا سڀ بادشاهه سندس مخلص ۽ خيرخواهه هئا. هن چاڙو ڪامورن جي هٿ هيٺ ساري ملڪ جو انتظام تمام بهتر نموني ٿي هلايو. جنهن بعد ٻيو بادشاهه راءِ سهيرس (پهريون) ٿيو. جڏهن ته ٽيون بادشاهه راءِ ساهسي (پهريون) ٿيو. چوٿون بادشاهه راءِ سهيرس (ٻيو) هيو، جنهن جو نالو ڪجهه تاريخدانن سهارس به لکيو آهي. جڏهن ته هن گهراڻي جو پنجون ۽ آخري بادشاهه راءِ ساهسي (ٻيو) شامل آهن. راءِ ساهسي ٻيو کي به مختلف تاريخن ۾ سهاسي پڻ لکيو ويو آهي. ايچ ٽي ليمبرڪ جي راءِ آهي ته راءِ خاندان 550ع کان 644ع تائين سنڌ تي حڪمراني ڪئي. جڏهن ته ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي موجب راءِ گهراڻي جو خاتمو 652ع ۾ ٿيو. راءِ خاندان جي دور ۾ سنڌ جون سرحدون گهٽي پاڳي موجوده پاڪستان جي حدن تائين پکڙيل هيون. ان وقت ملڪ جا چار پرڳڻا يعني صوبا هئا. جن ۾ ملتان، اُچ، برهمڻ آباد ۽ سيوهڻ شامل هئا، جتي راءِ گهراڻي پاران مقرر ٿيل گورنر حڪومت ڪندا هئا. راءِ خاندان جي حڪمراني واري دور ۾ سنڌ جو تختگاهه ’اروڙ‘ جو شهر هو، جيڪو ان دور ۾ سنڌ جو مکيه شهر هو. جڏهن ته سنڌ جو اهم بندرگاهه ’ديبل‘ هو، جنهن ذريعي ملڪ جو بين الاقوامي واپار ٿيندو هو. علي بن حامد ڪوفيءَ ’چچ نامه‘ ۾ اروڙ شهر جي گهٽي نيکي ڪئي آهي. سندس موجب سنڌو درياهه اروڙ جي پرسان وهندو هو. شهر ۾ باغ ۽ باغيچا جهجها هئا، ميوا، گل ۽ ٻوٽا جام ٿيندا هئا. شهر کي عاليشان ڪوٽ ڏنل هو. روهڙي شهر کان اوپر- ڏکڻ ۾ ڪجهه ڪلوميٽرن تي هن شهر جا آثار اڄ به موجود آهن. تاريخ معصومي مطابق الور مهراڻ نديءَ جي ڪناري تي هڪ نهايت وڏو شهر

هـو، جنهن بلنـد عمـارتون، مضـبوط محلاتـون، ميويدار وڻن سان ڀريل باغ تمـدن شـهرت جـو اهو سڀ سامان موجود هو، جنهن جي مقيم، خـواه مسافر کي خواهش ٿي سگهي ٿي.

راءِ خانــدان جي دور ’ٻڌ ڌرم‘ ســنڌ جـــو ســرڪاري مــذهب هــو. تاريخــدان لکن ٿـا تــه راءِ خانــدان جي حڪمــراني واري دور ســنڌ هــر طــرف امن امــان هــو، رعيت خــوش خوشـحال هئي. سموري سـنڌ ملڪ مڪـران کـان کشـمير تائين ڪوٽن قلعن جو ڄار وڇايل هـو، جـتي سـنڌ جي حفاظت لاءِ اهم فوجي مرڪز قائم ٿيل هئا.

راجا راءِ سهارس ٻيون سنڌ تي 626ع تــائين حڪومت ڪئي. چچ نامي موجب سهارس ٻيون جي حڪومت جون الهندي واريون سرحدون ڪُرد جبلن قيقانان (قلات مڪران) تائين وسيع هيون.

راجــا ســهارس پنهنجي ملڪ ســنڌ کي چئن صوبن ورهائي ڪري چـار صـوبيدار مقـرر ڪـري ڇڏيا هئا. صوبي برهمڻ آباد نيرون ڪـوٽ، ديبـل، لوهاڻـا، لاکـا سـما ضـلعا شـامل هئـا. جـڏهن تـه سيوســتان صــوبي ٻوڌيــا (ٻــڌ پــور) جنڪــان (جمنڪان) رونجهان (روجيان) پاپا جبل کــان وٺي مڪران جي سرحد تـائين وارو علائقـو شـامل هـو. اسڪلنده صوبي پاٽيا، تلـواڙو، چچپـور ديوهپـور جــا علائقــا شــامل هئــا. ملتــان صــوبي ســڪا، برهمپور، ڪرور، اشهار تاڪيا ڪـان وٺي ڪشـمير جي حد تائين جا علائقا شامل هئـا. انهن صـوبن جـا الڳ الڳ گورنر مقرر هئا، جيڪي صوبي جو انتظـام هلائينــدا هئــا راجــا طرفــان انهن کي ملڪ جي حفاظت عوام جي ڀلائي لاءِ خـاص هـدايتون ڏنـل هونديون هيون. راجا پـاڻ الـور رهنـدو هـو. راجـا سـهارس جي اعليٰ انتظـامي صـلاحيتن جي ڪـري سنڌ ڪنهن به بغاوت ڪر نه ڪئي.

راجا راءِ سهارس پيون جي حڪمــراني واري دور سن 626ع ۾ فارس ملڪ يعني موجوده ايـران جي بادشاهه نيمروز جي فوج ڪرمان واري سـرحد ڪان سنڌ تي حملو ڪري ڏنـو. جـڏهن سـهارس ڪي اها خبر پهتي تـه ايـراني حملي آورن ڪي روڪڻ لاءِ سنڌ جي راجا پنهنجي سر پاڻ فـوج جي سـربراهي ڪئي ۽ حملي آور فوج ڪي سرحدن تي روڪڻ جي ڪوشش ڪئي. وطن سنڌ لاءِ جنگ دوران ڪيترائي سنڌي جوڌا ڪسجي ويـا. جـڏهن تـه حملـو ڪنـدڙ فوج جو به ڳرو جاني نقصان ٿيو. جنـگ جي نـتيجي ۾ راجا راءِ سهارس وڙهندي وڙهنـدي پنهنجي وطن تان گهورجي ويو. جڏهن ته هن جارحيت ڪندڙ فوج جي ســـنڌ جي ســـرحدن انـــدر داخـــل ٿيڻ واري ڪوشش ڪي ناڪام بڻائي ڇڏيو. سنڌي فوج پنهنجي راجا جي شهادت بعد به بهادري سان وڙهندي جارح ايــــراني فــــوج ڪي شڪســــت ڏئي ڇــــڏي. ايراني بادشاهه نيمروز آخرڪار ڳري جـاني نقصـان بعد پنهنجي وطن واپس موٽڻ تي مجبور ٿيو.

علي بن حامـد ڪـوفيءَ ’چچ نامـه‘ ڪتـاب ۾ لکيــو آهي تــه هن جنگ ۾ راءِ ســهيرس جــا جنگي جوڌا هڪ ٻئي ڪي زنجيرن ۾ ٻڌي وڙهيـا، تـه جـيئن منجهــانئن ڪـــو بـــه پڇي نـــه ســگهي. ان ڪـــري هن جنگ ڪي ’ذات السلاسـل‘ بـه سـڏيو ويـو آهي، يعني زنجيرن واري جنگ.

فــارس جي حڪمـران طرفـان پنهنجي وطن ڏانهن واپس موٽي وڃڻ ثابت ڪري ٿو تہ سـهارس جنهن طـريقي سـان پنهنجي مـوت تـائين بهـادريءَ سان جنگ ڪئي، ان جو نتيجو اهـو نڪتـو جـو حملہ آور فـوج ڪي اڳـتي وڌڻ جي جـرئت ئي ڪانـه ٿي. سهارس جي شهادت دراصل فتح ۾ تبديل ٿي وئي. سنڌ جـا مـاڻهو پنهنجي هن حڪمـران تي وطن جي دفاع ۾ جان قربان ڪرڻ تي فخر ڪري سگهن ٿا.

عرب دنيا جي پهرين سنڌياڻي سائنسدان ڊاڪٽر حيات السنڌي

ڊاڪٽر حيات السنڌي سعودي عرب جي پارليامنٽ جي پهرين عورت ميمبر ۾ بايو ٽيڪنالاجيءَ جي شعبي ۾ عالمي سطح جي مڃيل سائنسدان آهي. پاڻ 6 نومبر 1967ع تي مڪي شريف سعودي عرب ۾ جنم ورتو.

عرب ملڪن ۾ خاص طور تي سعودي عرب ۾ عورتن کي پرڙهه ۾ تعليم پرائڻ جا گهٽ موقعا ميسر آهن. پر حيات السنڌي 1991ع ۾ پنهنجي خاندان کي ان ڳالهه تي راضي ڪري ورتو ته هو کيس اڪيلي سر برطانيه وڃڻ جي اجازت ڏين ته جيئن هو، اتي اعلى تعليم حاصل ڪري سگهي. جڏهن پاڻ اعلى تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ لنڊن پهتي

ته ڪيس پوري طرح انگريزي ڳالهائڻ به نـه ايـندي هئي. 16 سالن جي نوجـوان نـاري حيـات برطانيـه پهچڻ شـرط پهريـان تـه هڪ سـال انگريـزي ٻـولي سـکي ۾ اي ليـول جـو امتحـان پـاس ڪـري ورتـو. جنهن بعــد ئي ڪيس ڪنگس ڪــاليج لنــڊن ۾ داخلا ڏني وئي. هو پنهنجي پهريون پيرو لنڊن پهچڻ بـابت دلچسپ قصو ٻڌائي ٿي ته جـڏهن پـاڻ هـوائي اڏي تي پهتي ته ڪيس لنڊن ۾ رهندڙ پيـٽيوبو هـوائي اڏي تان وٺڻ آيو. پر مزي جي ڳالهه اها هئي ته سـندس پيءُ جي مڙس کي عربي ڳالهائڻ نه ٿي آئي. جڏهن ته حيـات السـنڌي لاءِ وري انگريـزي ڏيـي ۾ وچنـدڙ ٿڪرين وانگر هئي. حيـات السـنڌي عـربين بـزنيس چينل کي انٽرويو ڏينـدي، پنهنجي لنـڊن ۾ انگريـزي سکڻ جا دلچسپ قصا ٻـڌايا آهن. هـو چـوي ٿي تـه جـڏهن مـان لنـڊن پهچڻ بعـد انگريـزي سـکڻ جي ڪوشش ڪئي ته مـون کي منهنجـا دوسـت بي بي سي لنڊن ڏسڻ جو چوندا هئا. پر مـان بي بي سـي تي انگريزي جو هڪ لفظ به سمجهي نـه سـگهندي هئس، جنهن تي روئي پوندي هيس. ان باوجود مان بي بي سـي واچ ڪـرڻ نـه ڇـڏيو. آهسـتي آهسـتي مون کي انگريزي ٻـولي سـان شناسـائي ٿيڻ لڳي. هو ٻڌائي ٿي ته شروع ۾ تـه مـون کي ڪيـترين ئي يونيورسٽين داخلا ڏيڻ کان انڪاري ڪري ڇڏيو. پوءِ اي ليول جو امتحان پاس ڪـرڻ بعـد مـون کي داخلا ڏني وئي.

حيـات السـنڌي ڪنگس ڪـاليج لنـڊن مـان 1995ع فارمـاڪولاجي ۾ گريجوئيشــن جي ڊگــري حاصـل ڪـري ورتي. ڪنگس ڪـاليج طرفـان ڪيس بهترين ڪارڪردگي تي پرنسز ايني ايوارڊ سان بــه نوازيو ويو. لنڊن ۾ پڙهڻ دوران حيـات السـنڌي تي اهو دٻاءُ بـه وڌو ويـو تـه هـو پنهنجي روايـتي عـرب لبـاس خـاص ڪـري اسـڪارف اوڙهڻ ڪـان پاسـو ڪري، پر هن جو موقف هيو تـه ڪنهن شـخص جـو مـذهب، رنـگ ۾ ثقـافت يـا جنس سـندس سـائنس

پڙهڻ ۾ ڪابه رنڊڪ نه آهي. گريجوئيشن بعد حيات 2001ع ۾ ڪيمبرج جي نيونهام ڪاليج مان بائيو ٽيڪنالاجي ۾ پي ايچ ڊي جي ڊگري حاصل ڪري ورتي. حيات السنڌي سعودي عرب سميت عرب دنيا جي پهرين عورت هئي، جنهن کي ڪيمبرج يونيورسٽي ۾ بائيو ٽيڪنالاجي جي فيلڊ ۾ سائنسدان طور مڃتا ڏني وئي.

حيات السنڌي هن وقت هارورڊ يونيورسٽي جي وزيٽنگ اسڪالر آهي. سندس اهم خاصيت نوجوانن ۾ سائنسي تعليم بابت دلچسپي پئدا ڪرڻ ۽ ڪين سائنسي شعبن ۾ اچڻ لاءِ همٿائڻ آهي. حيات السنڌي سائنس جي شعبي ۾ تحقيق ڪرڻ سان گڏوگڏ سعودي عرب سميت مسلم ملڪن جي عورتن کي سائنس جي شعبي ۾ اچڻ لاءِ همٿائيندي رهي ٿي. ان سلسلي ۾ هو ڪيترن ئي پروگرامن ۾ سيمينارز ۾ شرڪت ڪندي رهي ٿي. حيات کي سائنس جي شعبي ۾ سندس خدمتن جي اعتراف طور 2010ع ۾ پرنس خالد بن فيصل السعود طرفان ايوارڊ سان به نوازيو ويو. جڏهن ته نيشنل جاگرافڪ سوسائٽي طرفان 2011ع ۾ ايمرجنگ ايڪسپلولر به قرار ڏنو ويو.

حيات السنڌي عرب دنيا جي بزنيس ۾ موجود 19 با اثر شخصيت واري فهرست ۾ به شامل آهي. جڏهن ته عالمي سطح جي بزنيس ۾ کيس عرب دنيا سان واسطو رکندڙ 9 نمبر بااثر عورت قرار ڏنو ويندو آهي. بي بي سي طرفان 1918ع ۾ دنيا جي 100 اهم عورتن جي فهرست ۾ سندس نالو شامل ڪيو ويو.

گڏيل قومن جي اداري يونيسڪو جي سربراهه ارينا بوڪوف طرفان آڪٽوبر 2012ع ۾ حيات السنڌي کي وچ اوڀر جي ملڪن ۾ خاص طور تي ڇوڪرين لاءِ سندس سائنس جي شعبي ۾ بي بها خدمتن جي مڃتا طور خير سگالي سفير

مقرر ڪيو ويو. جڏهن ته سيپٽمبر 2014ع ۾ حيات السنڌي کي ڪلنٽن گلوبل انيشيٽو طرفان ليڊرشپ ان سول سوسائٽي جو ايوارڊ به ڏنو ويو. حيات کي وڏي ڪاميابي 2013ع ۾ تڏهن ملي، جڏهن کيس سعودي عرب جي قانون ساز اسيمبلي ۾ عورت ميمبر طور نامزد ڪيو ويو. سعودي سرڪار ڊاڪٽر حياة السنڌيءَ جي خدمتن عيوض رياض ۾ هڪ روڊ جو نالو شاهراهه ڊاڪٽر حيات سنڌي رکيو آهي. عرب ملڪن ۾ صدين کان لکين سنڌي ماڻهو آباد آهن، جيڪي وقت گذرڻ سان پنهنجي ٻولي ۾ ڪلچر ته وساري يا تبديل ڪري چڪا آهن، پر هو اڄ به پنهنجي نالي پويان السنڌي لکي پنهنجي سنڌي هجڻ جي سڃاڻپ برقرار رکيو ويٺا آهن. حيات السنڌي به انهن ۾ شامل آهي. ان ڪري سنڌي قوم سان واسطو رکندڙ ڀهرين عورت سائنسدان تي عرب دنيا سميت سنڌ جا ماڻهو به فخر ڪري سگهن ٿا.

سنڌ ڄائي خوبصورت اداڪارا شيلا راماڻي

سنڌ جي من موهڻي اداڪارا شيلا راماڻي نوابشاهه جي شــهر پريــا ۾ 2 مــارچ 1932 تي جنم ورتــو، سندس ڪٽنب برصغير جي ورهاڱي بعد ڀارت لــڏي ويو. شِيلا جي عمر اجــان پنـدرهن ورهيـه هـئي جـو سندس خاندان پنهنجو اباڻو وطن هميشـه لاءِ ڇـڏي ڏنـو. شـيلا جـو والـد ايـف ايم ڪيولرامـاڻي پنهنجي ٻارن ٻچن ڪي ته وٺي هندستان هليو ويو پـر سـندن ڪي مائٽ ڪراچيءَ ۾ ئي اسلام قبول ڪــري رهي پيا. جن ۾ شِيلا جـو هڪ چـاچو شـيخ لطيـف عـرف لَڇُـو بـه شـامل هـو، جيڪـو اڳـتي هلي پاڪسـتاني فلمي صنعت جو مشهور پروڊيوسر ٿيو ـ سـنڌ مـان لڏي وڃڻ بعـد شِـيلا جي خانـدان دهليءَ جي اُتـر ۾ 290 ڪلوميــٽر پــري هماليــائي جبلن واري علائقي مسُوريءَ ۾ رهائش اختيار ڪئي. مسُـوريءَ جي پُـر فضا ماحول ۾ شِيلا پنهنجي سونهن ۾ صـلاحيتن ڪي استعمال ڪرڻ شروع ڪيــو ۾ 1948 ۾ حُســن جي مقــابلي ۾ حصــو وٺي ”مِس مَسُــوري“ جــو اعــزاز

ماٺي ورتـائين ۾ وري جلـد ئي مَسُـوريءَ جي حـدن مان نڪري پاڻ مڃائڻ جي ڪوشش ۾ 1950 ڌاري ”مِس شِملا“ واري حُسن جي مقابلي ۾ شريڪ ٿي اهو اعزاز به ڪـٿي ورتـائين ـ شِـيلا جي پهـرين فلم ”بدنام“ هئي، جيڪا 1952 ۾ رلـيز ٿي ـ هن فلم ۾ سندس نالو ”چمپا“ هو ـ انهيءَ ڪانپوءِ هن لاءِ فلمي دنيا جا در کُلي ويا ۾ هُوءَ انتهائي حسين نـاري هجڻ جي ڪري ڀارت جي فلمي صنعت تي ڇـانئجي وئي ـ ساڳئي سال ئي سـندس هڪ ٻي فلم ”آننـد مٺ“ به رليز ٿي ۾ 1953 ۾ به ٻه فلون ”سُرنگ“ ۾ ”تين بتي چار راستي“ رليز ٿيس ـ

اداڪارا شيلا رامـاڻي شـيلا ڪيولرامـاڻي جي نالي سان به سڃاتي ويندي هئي، شيلا انـڊين فلمن جي اداڪارا هـئي، ڪيس فلم پروڊيوسـر چيتن آننـد متعــارف ڪرايــو، ڪيس فلم ٽيڪس ڊرائيــور ڪــان شهرت ملي. هن پاڪستاني فلمن ۾ بـه ڪم ڪيـو، سندس شمار پاڪسـتان جي شـروعاتي اداڪـارائن ۾ ٿئي ٿو. سندس مشهور فلمن ۾ سرنگ، ٽيڪسـي ڊرائيور، تين بتي، نوڪري، مينار، ريلوي پليٽ فارم، انوکي ۾ جنگل شامل آهن.

جڏهن ته 1962 ۾ رليز ٿيل فلم ”مـان بيٽـا“ سـندس آخـري فلم هـئي. جنهن ڪـانپوءِ 1963 ۾ شادي ڪري شِيلا فلمي دنيا کان هميشه لاءِ ڪنـاره ڪش ٿي وئي ـ شِـيلا ڪيولرامـاڻيءَ هڪ پارسـي صنعتڪار جال ايڊي ڪائوسجي سـان شـادي ڪـئي هئي جنهن بعد ڪجهه وقت هنن ممبـئيءَ ۾ گـذاريو ۾ پوءِ نيويارڪ ۾ بـه رهيـا ـ جنهن ڪـانپوءِ ٽي سـال خرطوم ۾ ٽي سال سريلنڪا ۾ رهيا ـ سـال 1984 ۾ مُڙس جي وفـات ڪـانپوءِ شِـيلا پنهنجي ٻـارن ڪي وٺي آسـترليا هلي وئي. جـتي هن سـڊني ۾ سرفرس پئراڊائيز ۾ رهـائش اختيـار ڪـئي ـ جـتي سندس طبيعت خراب رهڻ لڳي ته هـوءَ ڀـارت جي مڌيه پرديش رياست جي شهر اندور جي مَهو واري

علائقي □ پنهنجي مڙس جي گهر □ اچي رهڻ لڳي. شِيلا شاديءَ کانپوءِ فلمي صنعت کان انهيءَ کــري پري هلي وئي جــو هن پنهنجي ڪُٽنب کي ئي فلمي دنيا کان پــري رکڻ ٺي گهريــو ــ ڪيس بــه پُٽ ڄــاوا هڪ راهل □ پيو جــال. جن مــان هڪ راهُــل وڏو ٺي پــائلٽ ٺيــو ـــ شــيلا 15 جــولاءِ 2015 تي پــارتي رياست مڌيه پرديش جي شهر اندور جي مهو واري علائقي □ وفات ڪري وئي ـ

شيلا پارت □ نهندر پهرين سنڌي فلم ’اباڻــا‘□ هيروئن جــو ڪــردار ادا ڪيــو. ”اباڻــا“ فلم ورهــاڱي سـبب سـنڌ مــان سـنڌي هنــدن جي لــڏپلاڻ واري موضوع تي ٺهيل هئي ـ هيءَ فلم 1958 □ رلـيز ٿي جنهن □ شِـــيلا هڪ وچـــولي طبقي جي ڪُٽنب □ ريلــوي □ ڪم ڪنــدڙ پيءُ جي ڌيءَ □ هڪ معصــوم پريميڪا جو ڪــردار ادا ڪيــو هــو، جيڪــا شــڪ جــو شڪار ٿئي ٿي □ نيٺ ورهاڱي ڪــانپوءِ ان شــڪ جــو نبيرو ٿئي ٿــو ــ ان ئي فلم ’اباڻــا‘ □ ســاڌنا سـندس ننــڍي پيڻ جــو ڪــردار ادا ڪيــو هــو، جنهن ڪــانئس آٽوگراف گهريو ته ان وقت شيلا راماڻيءَ ڪيس چيو هو ته هڪ ڏينهن اهــڙو اينــدو جــو تــون وڏي اســتار ٿينــدينءَ □ آءٌ تــو ڪــان آٽــوگراف وٺنــديس. شــيلا راماڻيءَ جي اها ڳالهــه پــوءِ ســچي ثــابت ٿي. شـيلا راماڻيءَ پارت جي فلمي دنيا □ بي انتهــا مشــهوري ماڻي. 50 □ـ 60 واري ڏهاڪي □ شـيلا هندسـتاني فلمن □ هيروئن □ سائيڊ هيروئين جا ڪيـترائي رول ڪيــا. هن وي شــانتا رام جي فلم ”تين بــتي چــار راستي“ □ هڪ سنڌي ننهن جو ڪردار ادا ڪيو هو، انهي فلم □ مٿس هڪ سنڌي گانو “سڪ □او ســڪ □“ فلمايو ويو هو جيڪو ڪافي مشهور ٿيو.ان ڪــان پـــوءِ 1954ع □ فلم “ٽيڪســي ڊرائيــور“ □ ڪلب ڊانسر جو رول خوبصورتي سان ادا ڪيو. شِــيلا کي ســپ ڪــان وڌيڪ مڃتــا □ مشــهوري 1954 □ رلـيز ٿيــل اداڪــار ديوآننــد جي فلم ”ٽيڪســي ڊرائيــور“ سان ملي. انهيءَ فلم □ ســندس نــالو سِــلوِي هــو ـ

1956ع □ هـــو پنهنجي چـــاچي جي دعـــوت تي
كـــراچي آئي جـــتي هن هڪ فلم "انـــوکي" □ كم
كيو، مٿس زبيده خانم جو گـانو "گـاڙي كـو چلانـا
بابو" فلمايو ويـو،اهـا هڪ مزاحيـه فلم هـئي. شِـيلا
انهن چند فلمي اداكـارائن مـان هڪ هـئي، جيكـي
ننڍي كنڌ جي ورهاڱي كانپوءِ وري پاكـستاني فلمن
□ كم كرڻ آيون هيون ـ شيلا اداكاره هجڻ سـان
گـڏ بهـترين ڊانسـر بـه هـئي.كيس فٽبـال رانـد □
سُئمنگ گهڻو پسند هيا ـ "بال روم ڊانسـنگ جي تـه
وڏي هَير هيس □ اكثر ڊانس لاءِ هلي ويندي هــئي.
هيءَ حسين عورت كپڙن لٽن جي به وڏي شـوقين
هئي □ وٽس ايترا ته وڳا هوندا هئا جو هڪ وڳي جو
ٻيهر پائڻ جو وارو ڇهن مهينن كان اڳ كونـه اينـدو
هو ـ شِيلا جي نشيلن نيڻن □ هڪ عجيب قسـم جي
كشـش هـئي □ هـوءَ هندسـتان □ وڏگهـراڻي جي
فيشني نخريلي ڇوكريءَ طور مشهور هئي ـ فلمن
□ هيروئن توڙي سائيڊ هيروئن طور بـه اكـثر كيس
ماڊ گرل وارا كردار ملندا هئا ـ ساحرلڌيانويءَ جي
گيتن تي خوبصورت نيڻن واري سنڌي سندري شـيلا
راماڻي جو ناچ ماڻهن كي چريو كري ڇڏيندو هو.

ليلا جا آتڻ تي قبضي ۾ ڪير ملوث آهن؟

سنڌ جو هڪ انتهائي اهم قديم ماڳ ليلا جا آتڻ قبضا مافيا جي هٿان ميسارجي رهيو آهي. هن اهم ماڳ تي ڪنهن قبضو ڪيو آهي، اهي ڪير آهن، جيڪي هن ديس جي تاريخ کي مليااميٽ ڪري رهيا آهن. سنڌ جو ثقافت کاتو ۾ انتظاميه هن ماڳ تان قبضو ختم ڇو نه ڪرائي سگهي آهي. پاڻ اڄ ان بابت ڳالهه ٻولهه ڪنداسين.

ليلا جا آتڻ جو قديم ماڳ خيرپور ضلعي جي تعلقي فيض گنج ۾ ديهه اڪڙي ۾ واقع آهي. هي تاريخي ورثو اڪڙيءَ جي ڳوٺ کان ٽن ميلن جي مفاصلي تي موجود آهي. هي ماڳ ٻن ميلن کن جي ايراضيءَ اندر ڦهليل آهي، جنهن جو ڪجهه حصو نوابشاهه ضلعي جي حد اندر اقبال اسٽيٽ ۾ واقع آهي. هن ماڳ تان ٻين نوادرات سميت هڪ ٺڪر جي مورتي به هٿ آئي آهي. هن ماڳ جي کوٽائي دوران پڪين سرن سان ٺهيل گهرن جا نشان به مليا آهن. هن تاريخي ماڳ تان ٺڪر جا رانديڪا ۾ انساني هڏا پڻ هٿ آيا آهن. هتان مليل مٽي جي ٿانون تي چٽسالي به ٿيل آهي. ليلان جا آتڻ تان مليل باقيات سنڌالاجيءَ ۾ محفوظ آهن. قديم آثارن جي ماهرن موجب هي ماڳ ساڍا 3 هزار سال آڳاٽو آهي. هي وسندي 1500 ق م مسيح کان سنڌ ۾ سومرن جي دور حڪومت تائين آباد هئي. هي ماڳ به سنڌ جي ٻين قديم ماڳن وانگر ڪيئي ڀيرا ڀيهر آباد ٿيل نظر اچي ٿو. هتان جي رهواسين هن شهر کي ڪيئي ڀيرا ڦٽي وڃڻ

بعد ٻيهر آباد ڪيو آهي. ڪجهه ماهرن جو خيال آهي ته هن ماڳ جي هيٺين يعني آخري تهه جي آبادي 2200 ق م جي آهي، يعني جنهن وقت عظيم سنڌو ماٿري جي تهذيب پنهنجو اوج وچائي رهي هئي، ان وقت هي شهر آباد ٿيل نظر اچي ٿو. قديم آثارن جي ماهرن جو چوڻ آهي ته سنڌ جو هي قديم ماڳ موهن جي دڙي واري شهر جي ڦٽي وڃڻ کان ٿورو ئي پوءِ آباد ٿيو. ليلا جا آٽڻ هاڪڙي درياءَ جي ڪنڌيءَ تي آباد هيو. هن ماڳ جي هڪ تهه تان ٻڌ ڌرم جي اسٽوپا جا به آثار مليا آهن. ٻين ڪيترن ئي قديم نوادرات سميت هتان لوهه مان تيار ٿيل شين جو وڏو تعداد مليو آهي. هتان ملندڙ سرون امر ڪوٽ واري قلعي سان هڪجهڙائي پڻ ڏيکارين ٿيون. ليلا جا آٽڻ ڪاريگرن ۽ هنرمندن جو شهر هيو. جتي ٻين شين سان گڏ ڪپڙو به تيار ٿيندو هو. قديم آثارن جي ماهرن کي هتان هنرمندن جا 88 ورڪشاپ به مليا آهن. هن ماڳ تان وڏي تعداد ۾ قبرون به مليون آهن. جڏهن ته عرب دور جا سڪا به لڌا ويا آهن. هتان ڪجهه لڪت جا نمونا به مليا آهن. جيڪي مخصوص واپاري مقصدن لاءِ جوڙيل ٺپن تي موجود آهن. هر واپاري ۽ دڪاندار جو پنهنجو مخصوص قسم جو ٺپو هوندو هو. جنهن سان سندس سجاڻپ ٿيندي هئي. ايئن به ٿي سگهي ٿو ته اهي ٺپا هتي تيار ٿيندڙ ڪپڙي تي هنيا ويندا هجن.

تازو سنڌ جي هن قديمي ماڳ تي قبضا مافيا قبضو ڪري ان جي 50 سيڪڙو ايراضي تي بلڊوزر گهمائي ان کي مسمار ڪري ڇڏيو آهي. هن قديم ماڳ کي زرعي زمين آباد ڪرڻ جي آڙ ۾ مسمار ڪيو پيو وڃي. هڪ با اثر شخص قديم ماڳ جي اٽڪل 400 ايڪڙ زمين تي قبضو ڪيو آهي. ٻڌايو پيو وڃي ته ڊاڪٽر صفدر آرائين نالي هڪ بااثر شخص روينيو عملدارن سان ملي ڀڳت ڪري ليلا جي آٽڻ جي ماڳ تي قبضو ڪيو آهي ۽ هو ديده

دليري سان بلڊوزرن ذريعي سنڌ جي هن تاريخي ورثي كي تباهه كري رهيو آهي. بااثر شخص جي ان عمل خلاف سڄي سنڌ ۾ كاوڙ ۽ غم غصي جي لهر پكڙجي وئي آهي. سنڌ جي اديبن، شاعرن، قلمكارن، چتركارن، آرٽسٽن، سول سوسائٽي ۽ سڄاڻ ڌرين طرفان لڳاتار احتجاج بعد ثقافت كاتي جي عملدارن طرفان فيض گنج تعلقي جي اكري ٺاٺي تي ليلان جا آتڻ تي قبضي جو كيس داخل كيو ويو آهي. جنهن ۾ ڊاكٽر صفدر آرائين، سندس ڀاءَ اعجاز علي آرائين، تصدق حسين آرائين سميت 5 نامعلوم ماڻهن كي جوابدار نامزد كيو ويو آهي. هن سلسلي ۾ اهو پڻ ٻڌايو وڃي ٿو ته ڊاكٽر صفدر آرائين قبضي واري سازش ۾ فرنٽ مين جو كردار ادا كري رهيو آهي، جنهن نوشهروفيروز ۽ خيرپور ضلعي جي كجهه كرپٽ روينيو عملدارن سان ملي ڀڳت كري زمين جا جعلي كاتا ٺهرائي ورتا آهن. اهو به چيو پيو وڃي ته قبضو كندڙ ڊاكٽر صفدر آرائين كي جي ڊي اي اڳواڻ مجيد آرائين جي مكمل پٺڀرائي حاصل آهي. اهو ئي سبب آهي جو ليلان جا آتڻ تي قبضي جي كيس ۾ ملوث جوابدارن جي گرفتاري عمل ۾ نه اچي سگهي آهي. ليلان جا آتڻ جي ماڳ تي قبضا مافيا جو قبضو هن وقت به برقرار آهي. سنڌ جو ثقافت كاتو كيس داخل ٿيڻ باوجود به ماڳ تان قبضو ختم كرائڻ ۾ ناكام ٿي چكو آهي. آخر ڇو سنڌ تي سر قربان كرڻ جي دعوى كندڙ ثقافت كاتي جو وزير هک تاريخي ماڳ تان به قبضو ختم كرائي نه ٿو سگهي. ڇا هک بااثر ٽولو سنڌ حكومت كان ڏاڍو آهي ۽ قانون سندس اڳيان بي وس آهي. ڇا سنڌ جو ثقافت ۽ نوادرات وارو كاتو هاڻي هک قبضاگير ٽولي كان قديم تاريخي ماڳ آجو كرائڻ جي لائق به نه رهيو آهي؟ ايف آءِ آر جو ڊرامو كري وڌيون مباركون حاصل كندڙ كامورا هاڻي ڇو خاموش آهن. ليلا جي آتڻ تي

قبضو اڄ به برقرار آهي ان کي ميسارڻ لاءِ بلڊوزرن آڏو بند ٻڌجي نه سگهيو آهي. سنڌ جي تاريخ سان هن ويڌن جو ازالو ڪير ڪندو.

سنڌو سڀيتا جي قديم ماڳن جا اصل نالا ڇا هئا؟

سنڌو ماٿري جي سڀيتا سان واسطو رکندڙ قديم ماڳن تي اهي نالا ڪيئن رکيا ويا. ڇا انهن نالن جو واسطو 5 هزار سال يا ان کان اڳ جي شهرن ۾ وسندين جي اصل نالن سان آهي. ان بابت اڄ پاڻ تفيصلي بحث ڪنداسين. ڪجهه ماڻهو ان غلط فهمي ۾ مبتلا آهن، ته موجوده دور ۾ اهي ماڳ جن نالن سان سڏجن پيا، اهي ئي نالا انهن ماڳن جا ان وقت کان رکيل آهن، جڏهن اهي شهر ۾ وسنديون هزارين سال اڳ آباد هيون.

سنڌو ماٿري جي 5 هزار سال کان وڌيڪ قديم سڀيتا سن 1920ع ۾ پنجاب ۾ هڙاپا جي قديم ماڳ تي کوٽائي کان پوءِ دنيا سان پهريون ڀيرو روشناس ٿي. اچو ته پاڻ ڏسون ته سنڌو تهذيب جي 5 هزار سال آڳاٽي ماڳ هڙاپا تي اهو نالو ڪيئن رکيو ويو. اصل ۾ پنجاب جي ساهيوال ضلعي جي موجوده دور سان واسطو رکندڙ ڳوٺ هڙاپا کان هڪ ڪلوميٽر پري جڏهن هڪ قديم ماڳ جي کوٽائي ڪرائي وئي ته اتي 5 هزار سال آڳاٽي تهذيب جا آثار دريافت ٿيا. جنهن بعد ان ماڳ کي پر واري ڳوٺ هڙاپا جي نالي سان سڃاڻپ ڏني وئي. اڄ اهو آڳاٽو ماڳ دنيا جهان ۾ هڙاپا جي نالي سان مشهور آهي. ان قديم ماڳ جو اڄ کان 5 هزار سال اڳ نالو ڇا هيو. ان وقت هتي رهندڙ ماڻهو هن شهر کي ڪهڙي نالي سان سڏيندا هئا. ان جو اڄ تائين ٿيل تحقيق مان ڪوبه پتو پئجي نه سگهيو آهي. ڇاڪاڻ ته هڙاپا جي قديم ماڳ تان مليل لکتون اڄ تائين پڙهجي نه سگهيون آهن. ان ڪري هڙاپا جي قديم ماڳ جي نالي جو ان دور سان ڪوبه واسطو نه آهي، جنهن دور ۾ هي شهر آباد هيو.

اهڙي طرح موهن جي دڙي ۾ هڙاپا کان به آڳاٽي ماڳ آمري جي نالي جي به ساڳي ڪهاڻي

آهي. قـــديم آثـــارن جي مـــاهر اين جي مجمـــدار 1927ع كـــان 1931ع تـــائين باقيـــاتي كوجنـــائون كري، سنڌو سڀيتا جي ٻين ماڳن سان گڏ آمري جا قديم آثار به ڳولهي لڌا. آمري جو ماڳ دادو ضـلعي جي مانجهند تعلقي لكي جي جبلن كان 65 ميـل ڏكڻ   سن كان 9 ميل اتر طرف آهي. هن قديم ماڳ جا آثار موجوده دور سان واسطو ركندڙ آمري شهر كان 250 ميـٽرن جي مفاصـلي تي مليـا آهن. جنهن بعـد اين جي مجمـدار هن مـاڳ كي پـر واري شهر آمري جي نسبت سان اهو نالو ڏنو. آمري جي مـاڳ تي ركيـل ان نـالي جـو بـه ان دور سـان كـو واسطو ناهي، جنهن دور 5 هزار سال كان به اڳ هي وسندي آباد هـئي. ان دور هن مـاڳ جـو نـالو ڇا هيو، ان بابت كي به ثبوت نه مليا آهن.

گجرات جي كڇ ضلعي سنڌو سـڀيتا سـان واسطو ركندڙ ماڳ ڍولا ويرا جي به ساڳي كهـاڻي آهي. هي 5 هزار سال آڳاٽو ماڳ موجوده دور سان واســطو ركنـــدڙ هک ڳـــوٺ ڍولا ويـــرا كـــان هک كلوميٽر جي مفاصلي تي هٿ آيو. جنهن بعد قـديم آثـارن جي مـاهرن هن مـاڳ كي ان ئي ڳـوٺ جي نـالي سـان منسـوب كـري ڇـڏيو. ان كـري اهـو سمجهڻ ته ڍولا ويرا جي ماڳ جو اهو نـالو 5 هـزار سال آڳاٽو آهي، هک خام خيالي قرار ڏئي سگهجي ٿو. ساڳي طرح سنڌ سـنڌو سـڀيتا سـان واسـطو ركندڙ كوٽڏجي جي قديم ماڳ كي به موجـوده دور جي كوٽڏجي قلعي شهر جي نالي سان منسوب كيو ويو. كوٽڏجيءَ جا قديم آثار خيرپور شهر كـان 15 ميل ڏكڻ طرف موجوده كوٽـڏجي واري قلعي جي سامهون نئشنل هاءِ وي جي اولهه طـرف مليـا آهن. هيءُ مــاڳ، جيكــو ڳوٺــاٽي ثقــافت ســميت شهري تمدن سان به واسطو ركنـدڙ آهي. تنهن كي 1935ع ڏاري هک ماهر ڊاكـٽر گهريـا ڳـولي لـڌو. بعـد هن مـاڳ جي كوٽـائي ڊاكـٽر ايـف اي خـان 1955ع كان 1975ع تائين كرائي. جنهن هن مـاڳ

ڪي ڪوٽڏجي قلعي جي پرسان هجڻ ڪري ساڳئي
نالي سان سڃاتپ ڏني. سنڌو سڀيتا جي 5 هزار
سال آڳاٽي بندرگاهه واري شهر لوٿل ڪي به اهو
نالو ان قديم ماڳ کان 6 ڪلوميٽرن تي موجود
لوٿل ريلوي اسٽيشن جي نالي پويان ڏنو ويو. هن
قديم ماڳ جو ان وقت نالو ڇا هيو، جڏهن هي آباد
هيو، ان بابت ڪي به شاهديون نه ملي سگهيون
آهن. ڀارت جي هرياڻا رياست ۾ سنڌو سڀيتا جي
قديم ماڳ راکي ڳڙهي کي به اهو نالو ان ماڳ
پرسان موجود هڪ ننڍڙي ڳوٺ راکي ڳڙهي جي
نسبت سان ڏنو ويو. ان نالي جو قديم دور سان
ڪوبه واسطو نه آهي.

ساڳي طرح موهن جي دڙي جو 5 هزار سال
کان به آڳاٽو ماڳ لاڙڪاڻي ضلعي جي ڏوڪري
شهر کان 6 ميل پري ڳولي لڌو ويو. انڊيا جي قديم
آثارن جي ماهر راکلداس بئنرجي 1918ع کان ڏکڻ
پنجاب، بيڪانير، بهاولپور ۾ سنڌ ۾ سڪندر اعظم
جا اهي 11 ٿل ڳولڻ لاءِ مختلف هنڌن جي جاچ ۾
کوٽائي ڪرائي رهيو هو. جيڪي سڪندر اعظم
عيسوي سن کان سوا ٽي سو ورهيه اڳ پنهنجي
ڪاهه دوران بياس نديءَ جي ڪناري تي ٺهرايا هئا
۾ مٿن يوناني ٻوليءَ ۾ هندي زبانن ۾ نوشتا اُڪرايا
هئا. هن ماهر 1918ع کان 1922ع تائين سنڌ ۾
کيرٿر کان سنڌونديءَ تائين جيڪب آباد، سکر ۾
لاڙڪاڻي ضلعن ۾ 27 وڏن ۾ 53 ننڍن دڙن کي
ڳولي، انهن جي کوٽائي ڪرائي، پر اتفاق سان اهي
سڀ ٻڌ دور جا يادگار نڪتا. راکلداس بئنرجي
1922ع ۾ لاڙڪاڻي ضلعي جي ڏوڪري شهر کان
6 ميل پري هڪ ٻڌ اسٽوپا وٽ پهتو، جيڪو ٻڌ دور
جو هڪ مندر هيو. اهو ٿل سنڌونديءَ جي سطح
کان 46 فوٽ مٿي هڪ دڙي تي هيو. جڏهن
بئنرجي ٿل پرسان ڪجهه کوٽائي ڪرائي ته کيس
اتان پٿر جا ڪپ ۾ نڪر جي ٿانون جو اهڙو
ٺيڪرات هٿ آيو، جنهن جو ٻڌ دور سان ڪو به

واسطو نه هيو. پر اهي ڪنهن هزارين سال پراڻي دور جي ڪنهن نرالي تهذيب جي نشاندهي ڪن پيا. جڏهن بئنرجي اسٽوپا پرسان کوٽائي ڪرائي ته اتان هن کي هڪ اهڙي مهر ملي، جيڪا شڪل ۽ صورت ۾ هڙاپا مان مليل هڪ تصويري رسم الخط واري مهر سان هڪ جهڙائي ڏيکاري پئي. جيڪا سر الگزينڊر ڪنگهم کي هڙاپا جي کوٽائي مان ملي هئي. ان مان بئنرجي اندازو لڳايو ته هتان اڃا ڪنهن قديم تهذيب تي روشني پوندي. جيڪا هڙاپا وانگر 5 هزار سال کن پراڻي هوندي. ڇو جو هتان ملندڙ ڪجهه اوزار ۽ ٺڪر جا ٿانون هڙاپا مان انهن ئي ڏينهن ۾ ٿيندڙ کوٽائي مان ملي رهيا هئا. جيڪو ماڳ ان وقت برصغير ۾ سڀ کان پراڻو ۽ قديم شمار ڪيو ويندو هو. اهڙي طرح سنڌو ماٿري جي 5 هزار سال پراڻي تهذيب سان واسطو رکندڙ هي ماڳ دنيا آڏو نڪري نروار ٿيو. موهن جي دڙي جي هن قديم ماڳ جي وڏيڪ کوٽائي ان وقت انڊيا جي قديم آثارن واري کاتي جي ڊائريڪٽر جنرل سر جان مارشل جي نظرداريءَ هيٺ 1922ع جي سياري جي مند ۾ ٿي، جيڪا لاڳيتو 1927ع تائين هلي. موهن جي دڙي کي علائقي جا رهواسي مئلن جو دڙي جي نالي سان موئن جو دڙو سڏيندا هئا. جڏهن ته هندو ڌرم سان واسطو رکندڙ ان کي پنهنجي هڪ اوتار ڪرشنا جي نالي پويان موهن جو دڙو ڪوٺيندا هئا. ڀارت جو هڪ تامل ٻولي ماهر اروتم مهاديون موهن جي دڙي جي هڪ مهر کي بنياد بڻائي چوي ٿو ته موهن جي دڙي جو اصل نالو ڪڪوتا راما هجڻ جو امڪان آهي. ڪڪوتا راما جي معنا آهي ڪڪڙ ويڙهائيندڙن جو شهر. يعني سندس چوڻ مطابق موهن جو دڙو ڪڪڙ ويڙهائيندڙن جو شهر هيو. موهن جي دڙي جا ماڻهو ڪڪڙن جي ميل ڪرائيندا هيا. ان ڪري ان شهر جو نالو ڪڪوتا راما رکيو ويو هوندو. اروتم مهاديون جو اهو خيال فقط هڪ مفروضو آهي.

چاڪاڻ ته موهن جي دڙي مان مليل ڪابہ مهر اڄ سوڌو پڙهجي نہ سگهي آهي. جڏهن موهن جي دڙي جي ٻولي ۾ لکت ڪي اڃا ڪوبه ماهر پڙهي نه سگهيو آهي ته مهاڏيون اهو ڪيئن اندازو لڳايو تہ هي ڪڪڙ ويڙهائيندڙن جو شهر هيو ۾ ان پويان ئي سندس نالو ڪڪوتا راما رکيو ويو هوندو. موهن جي دڙي جي قديم ماڳ ڪي ٻہ قديم آثارن جي ماهرن اهو نالو ان علائقي ۾ اڳ ئي مشهور ٿيل نالي موئن جو دڙو سميت موهن جي دڙي جي پويان ڏنو. ان ڪري هن ماڳ ڪي ٻنهي نالن سان سڏيو ويندو آهي.

جنهن وقت هي شهر آباد هيو، ان وقت ضرور هن شهر جي ڪنهن نالي سان سڃاڻپ هوندي، پر اڃا تائين اهڙو ڪوبہ ثبوت نہ ملي سگهيو آهي. جنهن جي آثار تي هن شهر ڪي ڪو نالو ڏئي سگهجي. موهن جي دڙي مان مليل لکتون اڃا سوڌو پڙهجي نه سگهيون آهن. جنهن بہ وقت ماهرن ڪي موهن جي دڙي مان مليل لکتون پڙهڻ ۾ ڪاميابي ملي ته ان ڳالهه جو امڪان آهي ته هن قديم ماڳ جي نالي ڪان جڳ جهان ڪي آگاهي ملي سگهي. تيستائين هر ماڻهو پنهنجي تهذيب ۾ ورثي سان محبت طور هن ماڳ ڪي مختلف نالن سان سڃاڻپ ڏئي رهيو آهي. جيڪڏهن ڪو ماڻهو هن قديم ماڳ ڪي موئن جو دڙو سڏي ٿو يا موهن جو دڙو ڪوني ٿو يا وري ڪو ان ڪي مهين جو دڙو قرار ڏئي ٿو. ان تي ڪابہ پابندي وجهي نہ ٿي سگهجي. چاڪاڻ ته عاشق پنهنجي محبوب ڪي پيار وچان سوين خوبصورت نالن سان سڏيندو ۾ ياد ڪندو آهي.

سنڌين جو پنهنجو ڪئلينڊر سنڌو سنبت

دنيا اندر عيسوي ۽ هجري سن کان سواءِ ٻه ڪيترائي سن يعني ڪئلينڊر رائج رهيا آهن. دنيا جي مختلف خطن ۽ ملڪن سميت اڻ ڳڻين قومن ۽ مذهبي گروهن طرفان پنهنجا پنهنجا سن رائج ڪيا ويا. جيڪي ڪنهن نه ڪنهن خاص واقعي سان

منسوب رهيا آهن. ساڳي طرح برصغير سنڌ ۽ هند ۾ به ڪيئي سن رائج رهيا آهن. جن ۾ وڪرمي سن ۽ ساهسي سنڌو سنبت خاص طور تي مشهور رهيا آهن. وڪرمي سنبت راجا وڪرماجيت جي نالي سان رائج ڪيو ويو. جيڪو هندستان جي ڏکڻ ۽ اولهه وارن علائقن ۾ اڄ به مروج آهي. ساڳي طرح ساڪا ڪلينڊر به اتر هندستان، ڪشمير ۽ موجوده پاڪستان جي علائق ۾ مروج رهيو. اڄ پاڻ هتي سنڌو سنبت جو ذڪر ڪنداسين. ساڪا سنبت کان 700 سال پوءِ سنڌو ماتري واري علائقي ۾ سنڌو سنبت جاري ڪيو ويو. جيڪو آڳاٽي دور کان آڳاٽي سنڌ ۾ موجوده پاڪستان جي وسيع علائقي ۾ رائج رهيو ۽ اڄ به سنڌي هندو جاتي ۾ اهو ڪئيلنڊر رائج آهي. سنڌي هندو جاتي ان سنڌو سنبت جي حساب سان پنهنجا مذهبي ۽ ثقافتي ڏڻ ملهائيندي آهي. مشهور سياح البيروني هن خطي جي سفر بعد پنهنجي لکيل سفرنامي ۾ ڄاڻايو آهي ته سنڌو سنبت برصغير جي وسيع علائقي ۾ رائج هيو. ان علائقي ۾ ڪشمير کان وٺي عربي سمنڊ سميت گجرات ۽ ڪرمان وارا علائقا شامل هيا.

سنڌو سنبت سنڌ ۾ راءِ گهراڻي جي حاڪم راجا راءِ سهارس طرفان ايراني حملي آورن سان جنگ ڪندي پنهنجي وطن خاطر جان گهورڻ واري واقعي جي ياد ۾ شروع ڪيو ويو. راجا راءِ سهارس جي دور ۾ سنڌ جون سرحدون اولهه طرف قلات ۽ مڪران طرف هيون. جڏهن ته سنڌ جي گادي جو هنڌ اروڙ هيو. سن 626ع ۾ موجوده ايران ۾ ان وقت جي فارس جي حڪمران نيمروز جي بادشاهه سنڌ تي فوجي چڙهائي ڪئي. حملو ڪندڙ فوج سنڌ جي اولهه واري سرحد کان ڪرمان طرف کاهي آئي. سنڌ جي راجا راءِ سهارس حملو ڪندڙ ڌارين کي روڪڻ لاءِ پاڻ پنهنجي سر پاڻ فوج جي سربراهي ڪندي حملي آور فوج کي سرحدن تي روڪڻ جي ڪوشش ڪئي. وطن سنڌ

لاءِ جنــگ دوران ڪيــترائي ســنڌي جــوڌا ڪســجي ويا. جڏهن ته حملو ڪندڙ فـوج جـو بـه ڳـرو جـاني نقصان ٿيـو. جنگ جي نـتيجي ۾ راجـا راءِ سـهارس وڙهندي وڙهنـدي پنهنجي وطن تـان گهـورجي ويـو. جــڏهن تــه جــارحيت ڪنــدڙ فــوج جي ســنڌ جي سرحدن اندر داخل ٿيڻ واري ڪوشـش ڪي ناڪــام بڻائي ڇڏيو. سنڌي فـوج پنهنجي راجـا جي شـهادت بعد به بهادري سان وڙهندي جارح ايـراني فـوج ڪي شڪســت ڏئي ڇــڏي. ايــراني بادشــاهه نيمــروز آخرڪار ڳري جاني نقصان بعد پنهنجي وطن واپس موٽڻ تي مجبـور ٿيـو. راجـا راءِ سـهارس جي وطن تان گهـورجي وڃڻ بعـد سـندس پٽ راءِ ساهسـي، سنڌ جي حڪمراني جـون واڳـون سـنڀالي ورتيـون. جنهن ان جنگ ۾ ايـراني حملي آورن جي شڪسـت ۾ ســنڌين جي فتح جي يــاد ۾ ســنڌو ســنبت رائج ڪيو. جنهن سندس ئي نالي سـان ساهسـي سـنڌو سنبت جي نالي سان مشهوري مـاڻي ورتي. سـنڌو سنبت جي پهرين تاريخ چيٽ کان شروع ٿـئي ٿي ۾ آخــري مهينــو ڦڳڻ هونــدو آهي. چيٽ مهيــني جي پهرين تاريخ عيسوي سـن جي 14 مـارچ تي ٿينـدي آهي، ســـــواءِ واڌو ســـــال جي، جنهن ۾ وري پهرين تاريخ 21 مارچ جي برابر بيهندي آهي. جڏهن تــه بــاقي يــارهن مهينن دوران عيســوي ۾ ســنڌو سنبت جا ڏينهن ساڳيا رهنـدا آهن. سـنڌو سـنبت ۾ هڪ سال اندر ٻارهن مهينا ٿين ٿا. پهريون مهينو هر عــــام ســــال ۾ 30 ڏينهن جــــو ۽ واڌو ســــال ۾ 31 ڏينهن جو ٿيندو آهي ۾ ان کان پوءِ جا پنج لاڳيتـا مهينـا هـر مهينـو 31 ڏينهن جـو ٿينـدو آهي ۾ بقايـا ڇهن مهينن مان هر مهينو 30 ڏينهن جو ٿيندو آهي. اهڙيءَ طرح هر سال ۾ 365 ڏينهن ۾ واڌو سـال ۾ 366 ڏينهن ٿينــــــــــــــــــــــــــــدا آهن.

سنڌو سنبت جي مهينن جا نالا مقرر ٿيــل آهن. جن ۾ پهريون مهينو چيٽ عيسي سن جي اپريـل- مـئي جي وچ ۾ هونــدو آهي. جــڏهن تــه ويســاک مـئي-

جون، ڄيٺ جون- جولاءِ، آکاڙ جولاءِ- آگسٽ، سانوَڻ آگسٽ- سيپٽمبر، بدو سيپٽمبر- آڪٽوبر، اَسُو آڪٽوبر- نومبر، ڪتي نومبر- ڊسمبر، ناهري ڊسمبر- جنوري، پوهه جنوري- فيبروري، ماگهه فيبروري- مارچ، ڦڳڻ مارچ- اپريل جي وچ ۾ هوندو آهي. سنڌو سنبت جا مهينا عيسي سن وانگر موسمن جي حساب سان مقرر ٿيل آهن. سنڌ تي انگريزن جي قبضي واري دور ۾ به سنڌو سنبت رائج هيو. اڄ به ٻهراڙين ۾ هاري ۽ آبادگار فصلن جي پوکائي سنڌو سنبت جي مهينن جي حساب کي آڏو رکي ڪندا آهن. سنڌو سنبت نه فقط سنڌ جي حدن اندر رائج رهيو آهي، پر موجوده دور جي سڄي پاڪستان سميت آسام، بنگال، مهاراشٽر، برما، ڪيرالا، مانيپور، اڙيسا، سريلنڪا، تامل ناڊو ۽ ٿائلينڊ ۾ به مروج رهيو آهي.هن ڪئلينڊر مطابق ڏرمي سنبت تهوارن جي نشاندهي اڳواٽ ٿيل هوندي آهي. اتر اوپر هندستان ۽ گجرات جي علائقن ۾ گهڻي ڀاڱي هي ڪئلينڊر استعمال ٿيندو آهي. هند سنڌ جا هندو سنڌي، نئين سنڌو سنبت سال جي آجيان چيٽي چنڊ جي ميلي سان ڪندا آهن. سنڌ ۾ سنڌيت جو مشهور اوتار جهولي لعل (اڏيرو لعل) به چيٽي چنڊ جي ڏينهن تي ڄائو هو. سنڌو سنبت واحد سن آهي، جيڪو سنڌ جو ورثو آهي.

آخري پساهه ڪٽندڙ 5 هزار سال آڳاٽو ماڳ ونجهڙوٽ

سنڌو ماٿري جي سڀيتا جو 5 هزار سال قديم ماڳ ونجهڙوٽ اڄ به اسان ڏانهن پنهنجا آخري پساهه ڪٽندي وارثي ڪرڻ لاءِ واجهائي رهيو آهي. ونجهڙوٽ جو قديم ماڳ گهوٽڪي ضلعي جي ريتي ريلوي اسٽيشن کان 5 ميل پري ڏکڻ طرف آهي. هي ماڳ هاڪڙي درياهه جي ڪناري تي آباد هيو. جيڪو هاڪڙو درياءُ سڪي وڃڻ بعد ويران ٿي ويو. ونجهڙوٽ جو شهر هڪ کان ڪيئي ڀيرا آباد ٿيل ڏسجي ٿو. امڪان آهي ته هن وسندي کي پهريان سنڌو سڀيتا جي وارثن آباد ڪيو، جنهن بعد ويدڪ دور □ □ ان کان پوءِ به هي ماڳ آباد رهيو. چاڪاڻ ته هتان سنڌو تهذيب واري دور کان پوءِ جي آبادي جا ثبوت به مليا آهن. ڪجهه ماهرن جو خيال آهي ته ونجهڙوٽ ان وقت به آباد هيو، جنهن وقت 712ع □ سنڌ تي برهمڻ گهراڻي جي راجا

ڏاهر جي حڪومت هئي □ ان وقت ونجهڙوٽ به برهمڻ آباد وانگر هڪ وسندڙ □ پريو پاڳيو شهر هيو. اهو ئي سبب آهي جو ونجهڙوٽ جي قديم ماڳ جي هڪ مٿانهين حصي تان مندر جا آثار مليا آهن. هي ماڳ هن وقت 60 ايڪڙن تي ڦهليل آهي. سنڌ جي قديم آثارن جي لغت نالي ڪتاب □ قديم آثارن جي ماهر سيد حاڪم علي شاهه بخاري □ محمد عثمان ميمڻ ونجهڙوٽ بابت لکيو آهي ته هن ماڳ تان مليل سرون برهمڻ آباد جي سرن سان مشابهت رکندڙ آهن. جڏهن ته هتان لڌل سڪن جو وزن 30 کان 60 گرام آهي. هتان عقيق جا مڻيا به مليا آهن. جيڪي شڪل □ بيضوي □ گول چپٽرا به آهن. پتل □ ٽامي جي زيورن جا ٽڪرا به مليا آهن. پڪل مٽي سميت پتل جون مورتيون به هٿ آيون آهن. هن وقت ونجهڙوٽ جو قديم ماڳ وارثي نه ٿيڻ سبب ميسارجڻ لڳو آهي. آرڪيالاجي سان لاڳاپيل سرڪاري عملدارن هڪ به ڀيرو ماڳ جا چڪر لڳائڻ بعد ان کي وساري ڇڏيو آهي.. ڳوٺاڻن ونجهڙوٽ جي دڙي جي زمينن تي قبضا ڪري ڇڏيا آهن. ماڳ جي ايراضي اندر ٻنيون کيڙي پوکي ڪئي پئي وڃي. ايتري قدر جي ماڳ جي دڙن پرسان واٽر ڪورس کوٽي ٻنين کي پاڻي پهچائڻ سبب هي ماڳ تيزي سان صفحه هستي تان ميسارجي رهيو آهي. برساتن پوڻ کان پوءِ هن قديم ماڳ جون ڪيترين ئي قيمتي نوادرات مٽي مان ٻاهر نڪري نروار ٿي پون ٿيون. جن کي پرپاسي جا ڳوٺاڻا کٽي وڃن ٿا. هن ماڳ تان مليل قديم سڪا، مورتيون □ ٻيو سامان هن وقت به ڳوٺاڻن جي گهرن □ آرائشي سامان وانگر موجود آهي. يا وري وڪرو ٿي چڪو آهي. ڪيترائي ماڻهو ته انهن قديم نوادرات جي اهميت نه سمجهندي ان کي ضايع ڪري ڇڏين ٿا. اڪثر ماڻهو ماڳ جون سرون به چوري ڪري ويا آهن. ڳوٺاڻن موجب جڏهن برسات ٿيندي آهي ته دڙي مان پتل جا

سـڪا، عاليشـان مورتيـون ۾ پيـون شـيون هٿ ايندڙيون آهن. جيڪي پرپاسـي جـا ڳوٺاڻـا ڪـٺي وجي گهرن ۾ رکي ڇڏين ٿا. جڏهن ته هـتي اينـدڙ سـياح ڳوٺاڻن ڪان اهي سڪا ۽ مورتيون خريد ڪـري ڪـٺي وڃن ٿا. ٻڌايو پيـو وڃي تـه پنجاهـه سـال اڳ ۾ هن جي ايراضـي ٻن ڪلوميـٽرن ڪـان وڌيڪ هـئي پـر مختلـف وقتن تي دڙي جي زمين تي بـااثرن قبضـا ڪري ورتا آهن. ڪجهـه ايراضـي ۾ فصـل پڻ پوکيـا وڃن ٿا. ريـتي جي ڊاڪـٽر سـباش ڪمـار مينگهـواڙ ٻـڌايو آهي تـه ونجهـڙوٽ جي دڙي مـان وسـڪاري ڪانپوءِ ڪافي تعداد ۾ عاليشان مورتيون نڪرنـديون آهن. هن انڪشاف ڪيو آهي ته هڪ همراهـه مـون وٽ مورتيـون وڪـري لاءِ ڪـٺي آيـو، رقم نـه هجڻ ڪري آئون مورتيون خريد نه ڪري سـگهيس، رڳـو مـورتين جـا فوٽـو ڪـڍي ورتـا. هن وڌيڪ ٻـڌايو تـه نوشهروفيروز ۽ حيدرآباد جا ڪجهه ماڻهو مورتيـون خريد ڪرڻ ايندا آهن. ٻئي طرف ڳوٺاڻن ٻـڌايو آهي تـه ونجهـڙوٽ جي دڙي مـان پتـل جي سـڪن، عاليشان مورتين ڪانسواءِ ٺڪر جا ٿانو به مليـا آهن. ڪجهه سال پهرين جڏهن تيز برساتون ٿيـون هيـون ته ان وقت قديمي نوادرات ڪافي تعداد ۾ مليا هئا. قديم آثـارن ڪـان اڻواقـف ڳوٺاڻـا انهن کي محفـوظ ڪـري نه سگهيا.

سنڌ حڪومت جي اهـا ذميـواري آهي تـه هن تاريخي ماڳ جي مالڪي ڪـري، ان کي چوديـواري ڏيـاري آثـارن کي محفـوظ ڪيـو وڃي تـه جـيئن تـاريخي مـاڳ قبضـي خـورن ڪـان بچي سـگهي. جيڪڏهن ونجهڙوٽ جي قـديم مـاڳ جي وارثي نـه ٿي ۽ آرڪيـالاجي جي مـاهرن طرفـان ان جي کوٽـائي نـه ڪـرائي وئي تـه هي مـاڳ هميشـه لاءِ ميسارجي ويندو ۽ ان جي سيني ۾ محفوظ ٿيل راز راز ئي رهجي ويندا.

چا موهن جو دڙو ڪي ڀيهر دفنائي ڇڏجي؟

سنڌو سڀيتا جو اهم ماڳ موهن جو دڙو هر گذرندڙ ڏينهن سان تباهي جي طرف وڌي رهيو آهي. موسمي تبديلين ۾ سنڌو دريا جي زير زمين پاڻي جي اثر سبب هي 5 هزار سالن کان به آڳاٽو ماڳ سم ۾ ڪلر سبب تباهه ٿي رهيو آهي. سم ۾ ڪلر سبب موهن جو دڙو جي قديم ماڳ جا ڊي ڪي ايريا، منير ايريا، ايڇ آر ايريا. وي ايڇ اينڊ ايس ايريا، اسٽوپا، گريٽ باٿ سميت ڪوٺائي ٿيل ٽوڙي اڻ ڪوٺائي ٿيل آثارن تباهه ٿي پنهنجي سڃاڻپ وڃائي رهيا آهن، جڏهن ته ديوارون پڻ ڪمزور ٿي ڊهڻ شروع ٿي ويون آهن. آرڪيالاجي کاتي طرفان آثارن کي بچائڻ لاءِ مڊ پلاسٽر، مڊ فينسنگ ۾ گاري جو ليپ ڏيڻ باوجود وڌندڙ ڪلر سبب ڊي ڪي ايريا جي اسيمبلي هال ۾ مکيه گهٽيءَ جون تاريخي ڀتيون پڻ ڪمزور ٿيڻ ڪري ڊهي پٽ پئجي رهيون آهن. هر سال مون سون جي مند ۾ ڊرينيج سسٽم نه هئڻ ڪري برسات جو پاڻي پڻ آثارن کي نقصان

پهچائيندو رهي ٿو. گذريل سال پيل برساتن دوران برساتي پاڻي آثارن ۽ بيهڻ ڪري ڪيئي تاريخي پٽيون ڊهي پٽ ٿي ويون هيون. جڏهن ته ماهرن پاران سم ۽ ڪلر جي خاتمي لاءِ وڏ پوڪڻ وارو منصوبو پڻ ڪامياب ٿي نه سگهيو. موهن جو دڙو تي پاڻي نيڪال جو درست نظام نه هئڻ ڪري برسات دوران 10 کان 50 ملي ميٽر پاڻي آثارن ۾ بيهي ٿو، جنهن سبب هيٺئين وارا علائقا ڊي ڪي ايريا جي اي، بي، سي، ڊي ايريا، وي ايچ ايس ايريا سخت متاثر ٿين ٿا. برساتي پاڻي آثارن ۾ بيهڻ سبب سم ۽ ڪلر ۾ واڌ سبب پڻ آثار وڏيڪ تباهي جو شڪار ٿين ٿا. ٻئي طرف حڪومت طرفان منع ڪرڻ جي باوجود سارياڻي فصل جي پوکائي سبب سم ۽ ڪلر ڏينهون ڏينهن واڌ اچي رهي آهي. موهن جو دڙو کي بائونڊري وال نه هئڻ ڪري پسگردائي جا رهواسي هن قديم ماڳ جي ايراضي جي حدن اندر فصل پوکي آثارن کي برباد ڪري رهيا آهن. موهن جودڙو تي سم ۽ ڪلر جو اثر سنڌو دريا ۽ دادو ڪينال جي زير زمين پاڻي جي دٻاءَ سبب به آهي.

موهن جي دڙي جو قديم ماڳ سنڌ جي ضلعي لاڙڪاڻي ۾ ڪراچي-ڪوئيٽا ريلوي لائين تي ڏوڪريءَ جي اسٽيشن کان 6 ميل پري آهي. موهن جي دڙي جي قديم آثارن جي پهريون پيرو نشاندهي انديا جي قديم آثارن جي ماهر راکلداس بئنرجي ڪئي هئي. هن 1918ع کان ڏکڻ پنجاب، بيڪانير، بهاولپور ۽ سنڌ ۾ سڪندر اعظم جا اهي 11 ٿل ڳولڻ لاءِ مختلف هنڌن جي جاچ ۽ کوٽائي ڪرائي رهيو هو. جيڪي سڪندر اعظم عيسوي سن کان سوا ٽي سو ورهيه اڳ پنهنجي ڪاهه دوران بياس نديءَ جي ڪناري ٺهرايا هئا ۽ مٿن يوناني ٻوليءَ ۽ هندي زبانن ۾ نوشتا اُڪرايا هئا. ائين اتفاق سان راکلداس بئنرجي لاڙڪاڻي ضلعي جي ڏوڪري شهر کان 6 ميل پري هڪ ٻڌ اسٽوپا

وٽ پهتو، جيڪو ٻڌ دور جـو هڪ منـدر هيـو. جـڏهن بئنرجي ٿل پرسان ڪجهه کوٽائي ڪـرائي تـه ڪيس اتـان پـٿر جـا ڪپ ۾ نڪـر جي ٽـانون جـو اهـڙو ٽيڪـراٽ هٿ آيس، جن جـو ٻـڌ دور سـان ڪـو بـه واسطو نه هيو. پر اهي ڪنهن هزارين سـال پـراڻي دور جي ڪنهن تهـــذيب جي نشـــاندهي ڪن پيـــا. جڏهن بئـنرجي اسـٽوپا پرسـان کوٽـائي ڪـرائي تـه اتان هن کي هڪ اهڙي مهـر ملي، جيڪـا شـڪل ۾ صورت ۾ هڙاپا مان مليل هڪ تصويري رسم الخط واري مهر سـان هڪ جهـڙائي ڏيکـاري پـئي. جيڪـا سـر الگزينـڊر ڪنگهم کي هڙاپـا جي کوٽـائي مـان ملي هئي. ان مان بئنرجي اندازو لڳايو ته هتان اجـا ڪنهن قديم تهذيب تي روشني پوندي.

مـــوهن جي دڙي جي هن قـــديم مـــاڳ جي وڏيڪ کوٽائي ان وقت انـڊيا جي قـديم آثـارن واري کـاتي جي ڊائريڪـٽر جـنرل سـر جـان مارشـل جي نظـــرداريءَ هيٺ 1922ع جي ســياري جي منــد ۾ ٿي، جيڪا لاڳيتو 1927ع تائين هلي. وري ٻيو دفعــو هن ڪنــــڊر جي کوٽـــــائي ارنيســــٽ مئڪي جي نظرداريءَ هيٺ ٿي. جنهن پنهنجو ڪم 1927ع کان 1931ع تائين ڪـري ختم ڪيـو ۾ پنهنجي تحقيقـات کي جدا ڪتـاب ۾ شـايع ڪيـو. ان بعـد وري ڊاڪـٽر سر آر ايم وهيلر 1950ع کان هن دڙي جي کوٽـائي ڪـــــرائي. مــــوهن جي دڙي جي وري 1965ع ۾ آمـــريڪي آرڪيالاجيڪـــل مشـــن جي ســـربراهه پروفيسـر جـارج ايـف ڊيلـز طرفـان وڏيڪ کوٽـائي ڪـــرائي وئي. اهــڙي طـــرح هن عظيم شـــهر جي کوٽائيءَ ۾ بئنرجي، سر جـان مارشـل، جـارج ايـف ڊيلـز، ارنيسـٽ مئڪي، هـارگريوز، سـروپ وتيس، ڪي اين ڊڪشٽ پنهنجو ڪردار ادا ڪيو.

موهن جي دڙي کي بچائڻ لاءِ آخر ڇـا ڪـرڻ گهرجي. ان بابت قديم آثارن جي ماهر رچرڊ ميــڊو ڪجهه سال اڳ تجويز ڏني هئي تـه هن قـديم مـاڳ

کي بچائڻ لاءِ پيهر دفنائي ڇڏڻ گهرجي. رچرڊ ميڊو بي بي سي اردو طرفان ڪيل رابطي دوران ٻڌايو هو ته موسمي اثرن ۾ ٽوڙ ڦوڙ سبب موهن جي دڙي جي تباهي جو انديشو آهي. هن چيو آهي ته قديم ماڳ کي بنا ڪنهن روڪ ٽوڪ جي ماڻهن جي اچڻ ۾ گهمڻ يعني لڳاتار لتاڙ سبب خطرو موجود آهي. هن تجويز ڏني آهي ته موهن جو دڙو جي انهن حصن کي پيهر دفنايو وڃي، جتي سياح جي آمد گهٽ آهي. هن چيو آهي ته اهڙن علائقن کي دفن ڪري انهن جي جاءِ تي هاءِ ڪلاس عجائب گهر ٺاهيو وڃي. جتي جديد ٽيڪنالاجي جي مدد سان هن سائيٽ بابت آگاهي ڏني وڃي. هن چيو آهي ته موهن جو دڙو ۾ سياحن جي داخلا گائيڊ کان سواءِ نه هجڻ گهرجي. گهمڻ لاءِ ايندڙ ماڻهن کي مقرر ٿيل رستن کان سواءَ ڪنهن ٻئي هنڌ تي وڃڻ يا ماڳ جي لتاڙ ڪرڻ جي اجازت نه هجڻ گهرجي. ماهرن موجب موهن جو دڙو کي جيترو موسمي تبديلين سبب سم ۾ ڪلر مان خطرو آهي. ايترو ئي ماڻهن طرفان ٿيندڙ ٽوڙ ڦوڙ سبب نقصان رسي رهيو آهي. قديم آثارن جي ماهرن جو چوڻ آهي ته موهن جو دڙو جي کوٽائي کي لڳ ڀڳ هڪ صدي گذري چڪي آهي. جنهن وقت هن قديم ماڳ جي کوٽائي ڪئي وئي هئي. ان کي ان وقت پيهر دفن نه ڪيو ويو هو. جنهن ڪري وقت گذرڻ سان هن ماڳ کي موسمي تبديلين سبب نقصان رسي رهيو آهي. هي قديم ماڳ زير زمين پاڻي جي وڌندڙ سطح سبب به خطري هيٺ اچي ويو آهي. هن وقت تائين موهن جي دڙي جي فقط 10 سيڪڙو حصي جي کوٽائي ٿي سگهي آهي، جڏهن ته ان جو 90 سيڪڙو حصو اڄ به نظرن کان اوجهل آهي. جيڪڏهن هن ماڳ جي رهيل 90 سيڪڙو حصي جي کوٽائي ڪئي وڃي ته اڃا به وڌيڪ تاريخي راز هٿ اچي سگهن ٿا ۾ سندو ماٿري جي تهذيب بابت اهم ثبوت ملي سگهن ٿا.

پر زير زمين پاڻي جي سطح وڌي وڃڻ سبب کوٽائي ناممڪن بڻجي چڪي آهي. ان ڪري قديم آثارن جي ماهرن جي تجويز آهي ته موهن جي دڙي جي وڏيڪ کوٽائي نه ڪئي وڃي. وڏيڪ کوٽائي سان هن ماڳ جي قديم باقيات خطري هيٺ اچي ويندي. ان لاءِ ماهرن سڪر پرسان موهن جي دڙي جي هم عصر ماڳ لاکين جي دڙي جي وڏيڪ کوٽائي جي تجويز ڏني آهي. آرڪيالاجي جي ماهرن موجب موهن جي دڙي جي وڏيڪ فزيڪل کوٽائي ڪرڻ جي ضرورت نه آهي، پر ريموٽ سينسنگ □ ڊراءِ ڪور ڊرلنگ جهڙين ٽيڪنالاجيز مان فائدو حاصل ڪري سگهجي ٿو. موهن جو دڙو جي وڏيڪ کوٽائي ڪرڻ لاءِ قديم آثارن جي ڏيهي توڙي پرڏيهي ماهرن کان تجويزون ورتيون وڃن، جن جي روشنيءَ □ ئي ڪا اڳيرائي ڪرڻ گهرجي. جيستائين هن ماڳ جي آثارن کي بچائڻ جو سوال آهي ته انهن کي ٻيهر دفن ڪرڻ واري تجويز جو به گهرائي سان جائزو ورتو وڃي. هن وقت ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته موهن جي دڙي کي زير زمين پاڻي جي سطح □ ٽيندڙ واڌ □ ٻين موسمي اثرن کان بچائڻ لاءِ بنا ڪنهن دير جي حڪمت عملي جوڙي وڃي.

سنڌي ٻولي جي نامور ليکڪا
بادام ناتوان

سنڌ جي عورتن ۾ سجاڳي آڻڻ لاءِ جن به عورتن توڙي مردن پنهنجو ڪردار ادا ڪيو، انهن ۾ سنڌي ٻولي جي مشهور ليکڪا بادام ناتوان جو نالو به سر فهرست آهي. بيگم بادام ناتوان اڄ کان لڳ ڀڳ هڪ صدي اڳ پنهنجي لکڻين ذريعي عورتن جي حقن لاءِ پاڻ پتوڙيو، عورتن کي زندگيءُ جي هر ميدان ۾ اڳيان اچي پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻ لاءِ همٿايو. سنڌي زبان جي هن نامور ليکڪا جو جنم 7 مارچ 1924ع تي سنڌ جي مشهور شهر شڪارپور ۾ محمد حسن جي گهر ۾ ٿيو. جڏهن ته سندس شادي تعلقي ميهڙ جي ڳوٺ گهاڙي جي هڪ زميندار مير عبدالباقي ٽيٻي سان ٿي. بيگم بادام ناتوان جو ور سنڌ جو روايتي قسم جو زميندار هو، هن جي علم ادب، لکڻ ۾ پڙهڻ سان عام وڏيرن وانگر ڪا خاص دلچسپي نه هوندي هئي. خاص ڪري نياڻين جي تعليم جو ته سخت مخالف هوندو هو، ان ئي ماحول ۾ بيگم بادام ناتوان نه فقط پنهنجي لکڻ پڙهڻ جو ڪم جاري رکيو. پر پنهنجي مڙس جي مخالفت باوجود پنهنجي ڌيئرن کي به تعليم ڏياري. بيگم ناتوان جو واسطو پڙهيل لکيل خاندان سان هيو. سندس ماءُ هڪ اسڪول جي هيڊمسٽريس هئي. جڏهن ته سندس پيڻ روشن آرا مغل به سنڌي ٻولي جي سڄي ليکڪا هئي. بيگم بادام ناتوان جي اولاد ۾ سندس

به ڏيئر نسيم ٿيٻو ۽ بينظير ٿيٻو سنڌي ٻولي جون اهم ليکڪائون ٿي گذريون آهن، جڏهن ته سندس پٽ مير ٿيٻو سنڌ ۽ ڪاٻي ڌر جي سياست جو اهم نالو آهي. بيگم بادام ناتوان نه فقط پاڻ پڙهيل لکيل هئي، پر انتهائي باشعور عورت هئي. جنهن سنڌي سماج ۾ عورتن جي آڏو آيل مڙني رڪاوٽن کي پار ڪندي، سنڌي ادب ذريعي عورتن جي حقن وارو مورچو انتهائي دليري سان سنڀالي ورتو. هن ننڍڙي عمر کان ئي لکڻ شروع ڪيو. بادام ناتوان کي سنڌي ٻوليءَ سان گڏوگڏ، اردو، فارسي ۽ انگريزي زبانن جي پڻ خاصي ڄاڻ هئي. بادام ناتوان ماهوار ”اديون“ رسالي کي ڏنل هڪ انٽرويو ۾ پنهنجي نالي بابت ڳالهه ٻولهه ڪندي چوي ٿي ته منهنجي نالي بادام بابت اڪثر ماڻهو پڇندا آهن، ته هڪ فروٽ جي نسبت سان اوهان جو اهو نالو ڪيئن رکيو ويو. حقيقت هن طرح آهي ته سياري جي مند ۾ شڪارپور ۾ ڪوئيٽا جا پٺاڻ ايندا هئا، سندن نياڻيون جنهن اسڪول ۾ تعليم وٺڻ اينديون هيون، ان اسڪول جي هيڊ مسٽريس منهنجي امڙ هوندي هئي. پٺاڻن جي نياڻين جا نالا بادام ۽ ٻين فروٽن جي نالي پويان رکيل هوندا هئا. منهنجي امڙ انهن نالن مان متاثر ٿي منهنجو نالو بادام رکيو. جڏهن ته مان ناتوان تخلص عورت جي ڪمزور هجڻ واري تصور کي آڏو رکي اختيار ڪيو. بيگم بادام پنهنجو تخلص ته ناتوان رکيو، پر پاڻ سچي زندگي ان تخلص جي ابتڙ بهادر عورت وارو ڪردار ادا ڪيو. بيگم بادام ناتوان جي تعليم ممبئي يونيورسٽي مان مئٽرڪ هئي. بادام ناتوان جي پهرينءَ تصنيف “شڪسته زندگي” آهي. سندس هي ڪتاب ٻن جلدن تي مشتمل آهي. ڪتاب جو هرهڪ ڀاڱو اڍائي سؤ صفحن تي مشتمل آهي. جيڪو 1950ع ڌاري شايع ڪيو ويو. سندس ٻي مشهور تصنيف “خوش خصلت خاتون” آهي. جنهن لاءِ مصنفه پاڻ لکي ٿي ته “هن اهو ڪتاب لکڻ

وقت مَسُ جي عيــوض جگــر جــو خــون کم آنــدو آهي.” هن ڪتاب کي سـنڌي ادبي بـورڊ 1956ع ۾ ڇپائي منظر عام تي آندو، ان سان گڏ سـنڌي ادبي بورڊ جي سيڪريٽري محمد ابـراهيم جويـو طرفـان ليکڪــه کي انعـام پڻ ڏنــو ويــو. هن ئي ڪتـاب تي تبصرو ڪندي سيد ميران محمد شاهه لکيـو هـو تـه ”هيءَ تصــنيف اڳين ڪــان بــدرجها بهــتر آهي. . . . اهڙي ڪوشش ۽ جفاڪشي ڪرڻ لاءِ هيءَ خاتون، تحسين ۽ تبريڪ جي لائـق آهي. بيگم بـادام نـاتوان جي خـــوش خصــلت خـــاتون ڪتـــاب ۾ عـــورتن جي تعليم جي واڌاري ۽ اهميت جي موضـــــوع تي مضـــمون شـــامل آهن. هن ڪتـــاب ۾ عـــورتن جي تعليم جي اهميت بـابت ڪـارائتو مـواد شـامل آهي .ڪتاب ۾ ’حميده جي ڪهاڻي ‘،’هيـٺي عـورت جي صـلاح ڏاڍي مــرد کي ‘،’والــدين ۽ اولاد جــون ذميواريـــون ‘،’بهــار ۽ خــزان ‘،’حســن ۽ عشــق ‘،’عمــل ۽ عبــادت ‘،’پرهيزگــاري ‘،’نيڪ ســيرت عورت ۽ نا اهل مـرد ‘،’مفلسـي ۽ مرتبـو ‘عنـوانن ســـــان مضـــــمون شـــــامل آهن . ڪتـــــاب جو پيش لفظ سيد مـيران محمـد شـاهه جـو لکيـل آهي .

بيگم بادام جو ٽيون ڪتـاب ”قلـبي اُڄ“ آهي، جيڪو شڪارپور مان شايع ٿيـو، جنهن تي سـنڌ جي برک دانشور علامـه آءِ. آءِ. قاضـي تبصـرو بـه لکيـو هو. ان کان علاوه سندس تصنيفن ۾ ”نمـاڻي نـار“، ”خلــوت ۾“ ۽ ”رنم رت ڦــڙا“ بـــه شـــامل آهن. مرحومه پنهنجي پيڻ روشن آرا مغل جي وفـات تي ســندس ســڪ ۾ هڪ رســالو ”تنهنجي يــاد ۾“ پڻ ڇپـايو هـو. -بـادام نـاتوان، سـنڌي ادب جي پهـرين عورت هئي، جنهن مضـمون کي فڪشـن جـو روپ ڏنو. سنڌي ٻولي جي هي ڀهڻي ليکڪا 8 فيــبروري 1988ع تي پنهنجي اباڻي شـهر شـڪارپور ۾ اسـان کان هميشه لاءِ وڇڙي وئي. سندس سـنڌي عـورتن

لاءِ پيغـام هــو تــه “ ڪــاش منهنجي ســنڌ جــون، منهنجون پينرون سجاڳ ٿين.”

سنڌ جو باغي شاعر عبدالحڪيم ارشد

زبانن تي تالا، تخيل تي پهرا !

لکڻ کان به وياسين، ڪڇڻ کان به وياسين.

مليو جيڪڏهن ڀي ڪو همدرد اسان سان،

پري کان ئي گونگا اشارا ڪياسين.

اڄ پاڻ زبانن تي تالا □ تخيل تي پهــرا جهــڙي خوبصـورت شـاعري جي خـالق عبـدالحڪيم ارشـد بــابت ڳالهــه ٻولهــه ڪنداســين. نــواب شــاهه جي پرسان هڪ ننڍڙي ڳوٺ لڪمير □ 13 جون 1939ع تي يار محمد لڪمـير جي گهـر □ جنم ورتو. ننـڍڙي ٻالڪ جو مائٽن نالو ته عبدالحڪيم رکيو هو، پـر هـو جسـماني مـرض جـو علاج ڪنـدڙ حڪيم تـه ٿي نـه سگهيو، پر دلين کي جوڙڻ جـو هـنر ضـرور حاصـل ڪري ورتو.

دل جو آٽي درد چپن تي، گيت سريلو ڳائيندو،

ارشد ڪي ٿا چيڙيو ارشد، محفل کي تڙپائيندو.

پوٽيءَ وانگر پرزا ٿي پئي، پتر جهڙي کهري دل،

غم جو شاعر اهڙو نغمو، ڳائي ويٺو آ.

سنڌيءَ ٻوليءَ جو نامور شاعر عبدالحڪيم ارشد مئٽرڪ اديب سنڌي □ اديب مولوي جا امتحان ڏئي، 1964ع □ تعليم کاتي □ استاد مقرر ٿيو، جتان 28 ڊسمبر 1998ع تي رٽائر ٿيو. عبدالحڪيم ارشد 1954ع کان لکڻ جي شروعات ڪئي. هن شاعريءَ جي سمورين صنفن تي طبع آزمائي ڪئي آهي. سندس شاعريءَ □ قومي □ مزاحمتي عنصر وڌيڪ نمايان آهي.

ڏرتي تنهنجي سيني تي ٿا ڪيڏا ڪيس ٿين،

ماکي کان پي مٺڙا ماڻهو گهٽجيو گهٽجيو ساهه ڏين

عبدالحڪيم ارشد، جي شاعري نوجوانن جي دل جي ڌڙڪن هئي، هو جڏهن اسٽيج تي بيهي شعر ٻڌائيندو هو ته نوجوانن جون دليون پنهنجن پنهنجن سينن مان نڪري سندس شاعري جو طواف ڪنديون هيون.

ان وقت ٺري ٿا نيڻ پون، ٿو دل کي سڪون ڪيڏو نه اچي!
جنهن وقت اسان جي محفل □، ڪو پيارو ماڻهو ايندو آ.
چوري چوريءَ ڪوئي ڪنهن سان، نيڻ ملائي ويندو آ،
هيڏيءَ ساريءَ محفل □ ڪو پاڻ وڃائي ويندو آ.

ان □ ڪوبه شڪ ناهي ته ارشد جي شاعري ٺريل رت کي گرمائيندڙ □ جذبن □ جوش □ جنبش پيدا ڪندڙ شاعري آهي.

سندس شاعري سنڌ جي مشهور فنڪارن وحيد علي، سرمد سنڌي، سجڻ سنڌي □ ٻين ڳائي آهي. عبدالحڪيم ارشد جي هڪ گيت ’چوري چوري ڪوئي ڪنهن سان نيڻ ملائي ويندو آ‘ وحيد علي جي آواز □ ڪافي مقبوليت حاصل ڪئي.

سندس شاعريءَ جا پنج مجموعا ڇپيل آهن جن مان پهريون مجموعو ’ڏيئا ڏات جا‘ 1976ع ۾ ڇپيو، جنهن جو ٻيو ڇاپو مارئي اڪيڊمي نواب شاهه 1995ع شايع ڪيو. جڏهن ته سندس قومي شاعريءَ جو ڪتاب ’آجپي جي گيت جهڙي شاعري‘ ڊسمبر 2010ع ۾ ڇپجي پڌرو ٿيو. سندس شاعريءَ جو ٽيون مجموعو ”ٽُٽل عڪس سونهن جا“ 2013ع ۾ ڇپيو، چوٿون مجموعو ”آواز اندر جو" ۽ پنجون مجموعو "مون نينهن نڀايو ڌرتيءَ سان" جي نالي سان ڇپيل آهي. عبدالحڪيم ارشد جي مضمونن جو ڪتاب ”ڳالهيون من اندر جون“ سندس وفات کانپوءِ ڇپايو ويو. سندس شاعريءَ تي محمد ابراهيم جويي، مير محمد پيرزادي، پروفيسر عبدالله مگسي، تاج جويي، عبدالرحمان منگيو، راشد مورائيءَ تفصيلي طرح لکيو آهي ڪيس جديد دؤر جي اهم شاعرن ۾ شمار ڪيو آهي.

زبان وڍجي وجي ته ڇا ٿي پيو،

اڃا دل ۾ آهن سي جذبات باقي،

جي ڪاوڙ اچي وئي رهي ڪين سگهندا.

هي جلاد، مقتل، اڏيون، ڪات باقي.

سنڌ جي ناميار اديب امر جليل سنڌ جي ڏاهي ارشد جي شاعري تي “ارشد ۽ گردش” عنوان هيٺ لکيو آهي ته ارشد سنڌ جي تمام وڏن مزاحمتي شاعرن مان هڪ آهي. ارشد هڪ غريب ماستر آهي ڄمندي هن جي وات ۾ چاندي جو چمچو ڪو نه هو ان ڪري وڏو شاعر هوندي به هن جو نالو وڏن شاعرن ۾ نه ٿو ورتو وڃي.”

عبدالحڪيم ارشد هر هاري جي گهر ۾ پيدا ٿيو سماجي ۽ معاشي اسٽيٽس نه هئڻ سبب سنڌي ادب جي مسند بردارن ڪيس زندگي ۾ جائز مقام ۽ مڃتا نه ڏني. جيڪو درد ۽ پيڙاء ارشد جي

شاعري ۾ نظر اچي ٿي عبدالحڪيم ارشد سنڌ جي ٽن چئن ادبي دورن ۾ پيڙهين جو اکئين ڏٺــو گواهــه هُيو. هُن سـان سـندس حيـاتي ۾ پنهنجي شـهر جي نامي گرامي ادبي مافيائن وفا نه ڪئي پــر هــو هڪ زنــده ولي ۽ درويش هُيــو جنهن ڪــڏهن بــه ڪنهن سان به ڪا شڪايت ۽ گلا نه ڪئي.

عبـدالحڪيم ارشـد جـا شـعر وطن دوسـتي، حق پرستي ۽ سنڌي سماج ڪي زوال جي ڏُٻڻ مان ڪــڍي عــروج تي آڻڻ لاءِ هڪ تخليقي وجــدان جي حيثيت رکن ٿا .

ساٿيو آواز ڏيو، ڪيڏانهن وئيو، آهيو ڪٿي!

گڏ ٿيو، گڏجي وري ڪا باهه ٻاريون دوستو.

ظلم جي زنجير جو هڪڙو حصو ڪٽجي ويو،

ڪجهه گهڙيون باقي بچيون، تن ڪي به ڏاريون دوستو.

عبــدالحڪيم ارشــد هڪ شــفاف ۽ معصــوم شخص هو، سندس زندگي جو پهريون حصــو تــرقي پسند رهيو، ٻيو حصو ديش ڀڳت جيڪو آخــري عمــر تائين هو. ارشد پاڻ به هڪ ڪميٽيڊ ۽ سـچو مـاڻهو هو ۽ پنهنجي نظرئي سان آخر تائين سـچو رهيــو ۽ ڪڏهن به پاڻ کي ڪمزور نه سمجهو،

عبــدالحڪيم ارشــد 6 فيــبروري 2018ع تي جسماني طور اسان کـان وڇـڙي ويــو پــر شـعوري طور هو اج به اسان سان گڏ آهي،

چوريءَ چوريءَ ڪنهن سان ڪوئي، نيڻ ملائي وينو آ

هيڏيءَ ساريءَ محفل ۾ ڪو پاڻ وڃائي وينو آ.

اڏري آئي ديوي دل تي، جنهن جو ڪوئي ديس نه ويس،

مورک ماڻهو ان سان پنهنجو انگ اڙائي وينو آ.

پوٽيءَ وانگر پرزا تي وئي، پٽر جهڙي کهري دل،
غم جو ماريل شاعر اهڙو نغمو ڳائي ويٺو آ.
ٽمڪي پئي لاٽ وفا جي، ڪاريءَ ڪاريءَ واٽ مٿي،
طوفانن ۾ اڄ پي ڪوئي، جوت جلائي ويٺو آ.
واهڻ جو هڪ سادو ماڻهو، جنهن جي دل ۾ مير نه هو،
شهر جي سياڻن واپارين کان، پاڻ ٺڳائي ويٺو آ.
شوق مجهان جا مورت ناهيئين، ڪاريگر سان الجهي پيئي،
پنهنجي هٿ سان پنهنجي گهر کي، باهه لڳائي ويٺو آ.
واهڻ جي او چنچل، پوري، چوري ! پنهنجو پاڻ سنڀال،
هر ڪو ڇورو تنهنجي واٽ تي، ڄار وڇائي ويٺو آ.
بستيءَ بستيءَ توکي ڳوليم، جوڳين وانگر جوءِ ڇڏي،
ماڻهن ليکي ارشد صاحب، واٽ وڃائي ويٺو آ.

سنڌ انگريزن کان شڪست ڇو کاڌي؟

سنڌ ۾ انگريزن جي اچڻ جي شروعات 1758ع کان ٿي، ميان غلام شاهه ڪلهوڙي جي حڪمراني واري دور ۾ سنڌ جي ڌرتيءَ تي انگريز واپارين جي آمد ٿي. انگريزن ميان غلام شاهه ڪلهوڙي کان ٺٽي

۾ واپاري ڪوٺي قائم ڪرڻ جي اجازت وٺي،
هتي واپار جي شروعات ڪئي. انگريزن جي
ٺٽي ۾ موجودگي جي سنڌ جي ٻئي ڪلهوڙي
حڪمران ميان سرفراز ڪلهوڙي ڪي سخت
مخالفت ڪئي، جنهن بعد ميان سرفراز
ڪلهوڙي انگريزن کي 1775ع ۾ سنڌ مان
نيڪالي ڏئي ڇڏي. انگريزن جون اکيون سنڌ
جي مالي وسيلن تي ڪتل هيون، هنن ڪنهن
به طرح سان سنڌ کي پنهنجي قبضي هيٺ
آڻڻ تي گهريو. نيٺ ٽالپرن جي دور ۾، انگريز
واپرين هڪ دفعو ٻيهر 1799ع ۾ سنڌ جي
حڪمران مير غلام علي ٽالپر کان اجازت
وٺي، ڪراچيءَ ۾ ٺٽي ۾ ڪاروبار شروع
ڪيو. انگريزن 1809ع ۾ سنڌ جي ٽالپر
حڪمران مير غلام علي سان پنهنجي
نمائندن ”سمٿ“ ۽ ”پاٽنجر“ ذريعي هڪ
معاهدو ڪيو، جنهن ۾ ميرن جي حڪومت
کي ڪنهن ٻاهرين حملي کان بچائڻ لاءِ مدد
ڏيڻ جي عيوض، پنهنجي لاءِ سنڌ ۾ ڪجهه
سهولتون ۽ رعايتون حاصل ڪيون، ان
معاهدي تحت مير توڙي انگريز، هڪ ٻئي جي
درٻار ۾ پنهنجا نمائندا مقرر ڪندا ۽ فرينچن
کي سنڌ ۾ اچڻ جي اجازت نه ڏني ويندي.
اهڙي نموني انگريزن سنڌ ۾ مضبوطيءَ
سان پنهنجا پير ڄمائڻ جي شروعات ڪئي ۽
ڪنهن نه ڪنهن بهاني سان ويا ميرن کي
معاهدن ۾ جڪڙيندا.
1831ع ۾ ٽالپر حڪمران مير مراد علي
پنهنجي معالج ڊاڪٽر برنس جي ڀاءُ اليگزينڊر
برنس کي سنڌو دريا ذريعي سفر ڪرڻ جي

اجازت ڏني، جيڪا حقيقت ۾ انگريزن لاءِ
سنڌ تي قبضي جي باقاعدي رٿابندي
هئي. 1832ع ۾ هڪ ٺاهه ذريعي ميرن،
انگريزن کي سنڌ ۾ واپاري سرگرميون
جاري رکڻ جي اجازت ڏني. وري 1838ع ۾
ٽالپر حڪمرانن، انگريزن کي سنڌو دريا
رستي، انگريز لشڪر افغانستان موڪلڻ ۾
شڪارپور ۾ منزل ڪرڻ جي اجازت ڏني.
انگريزن جو فوجي جهاز ڪراچيءَ ۾ منوڙي
واري بندر تي پهتو ته هنن مقامي حڪمرانن
آڏو پنهنجي طاقت جو مظاهرو ڪرڻ لاءِ
توپن مان گولا باري ڪئي. جنهن تي ميرن
انگريزن جي ان عمل کي معاهدي جي
ڀڃڪڙي قرار ڏيندي، ان تي پنهنجو احتجاج
رڪارڊ ڪرايو. پر طاقتور ڌر آڏو اهو احتجاج
ڪابه معنى رکندڙ نه هيو.
1842ع ۾ انگريزن طرفان سر چارلس
نيپيئر کي سنڌ لاءِ ريزيڊنٽ مقرر ڪيو ويو،
جنهن ميرن تي زور پريو ته هو ڪراچي، ٺٽو،
سکر، بکر ۾ روهڙي هميشه لاءِ انگريزن جي
حوالي ڪرڻ جو معاهدو ڪن. ميرن ائين
ڪرڻ کان انڪار ڪيو ته، نيپيئر هڪدم جنگ
جو اعلان ڪري ڇڏيو ۾ تر ڏانهن وچي ميرن
جي قلعي امام ڳڙهه تي چڙهائي ڪري، ان
کي تباهه ڪري ڇڏيو، جنهن بعد انگريز فوج
حيدرآباد جو رُخ ڪيو. هيڏانهن ميرن به
انگريز سان مقابلي ڪرڻ جي تياري ڪئي
۾ 13 فيبروري تي حيدرآباد ۾ انگريز
ريزيڊنٽ جي رهائش کي تباهه ڪري، اتي
رهيل انگريز عملدار آئوٽرام ۾ سندس ماڻهن

ڪي پڇائي ڪڍيو. جنهن بعد مير اٽڪل ٽيهه
هزار ماڻهن تي مشتمل لشڪر تيار ڪري
حيدرآبار جي پرسان واقع مياڻيءَ جي ميدان
تي جنگ لاءِ تيار ٿي
بيٺا. 17 فيبروري 1843ع تي چارلس نيپيئر
پڻ هالا واري رستي کان ٿيندو، اٽڪل اڍائي
هزار فوجين جو لشڪر، توپون ۾ بم گولا
ساڻ ڪري، اچي مياڻيءَ واري ميدان تي
پهتو. جڏهن ته سنڌ جو لشڪر روايتي
هٿيارن سان ليس هو. ميرن دشمن کي
للڪاريو. طبل وڄو، ڌيهي لشڪر جي تلوارن
چمڪاٽ ڪيا. انگريزن جي توپن ۾ بم گولن
مياڻيءَ جي ميدان کي رت سان ريٽو ڪرڻ
شروع ڪيو. انگريزن جي جديد هٿيارن اٽڪل
پنج هزار ڌيهي جوڌن جي زندگيءَ جو ڏيئو
اُجهائي، انگريزن لاءِ سنڌ مٿان قبضي جي
راهه هموار ڪئي. مياڻي جي جنگ ۾ سوڀ
حاصل ڪرڻ بعد انگريز اچي حيدرآباد جي
قلعي تي قابض ٿيا ۾ لُٽ مار شروع ڪيائون.
حيدرآباد تي قبضي ڪانپوءِ چارلس نيپئر ٽالپر
حڪمرانن کي گرفتار ڪري ، بمبئي موڪلي
ڇڏيو. هوڏانهن سنڌ جو لشڪر وري منظم
ٿي، ميرپور خاص واري مير شير محمد خان
جي اڳواڻيءَ ۾ انگريزن کان قبضو ڇڏرائڻ
لاءِ ڪاهيندو، حيدرآباد ڏانهن وڌيو ته وري
چارلس نيپيئر لشڪر ساڻ ڪري 24
مارچ 1843ع ۾ دٻي واري علائقي ۾ اچي
ساٽن مهاڏو اٽڪايو. هتي به سنڌ جي بچاءَ
لاءِ وڙهندڙ سُورهين جا ڪنڌ ڪرندا رهيا ۾
لهوءَ جا دريا نهيا، جن کي اورانگهيندي

انگريزي لشڪر جي سپهه سالار سر چارلس
نيپيئر سموري سنڌ تي قبضو ڪري ورتو ۽
انگريز گورنر جي حيثيت سان سنڌ مٿان
انگريزي راڄ جي شروعات ڪئي.
انگريز هٿان سنڌ جي شڪست جا ڪهڙا
ڪارڻ هيا، اڄ پاڻ ان تي ڳالهه ٻولهه
ڪنداسين. افغانستان ۾ جنگ هارائڻ ڪانپوءِ
حيدرآباد ۽ ميرپورخاص جي ميرن جا
انگريزن سان لاڳاپا خراب ٿي چڪا هئا، البت
خيرپور جي حڪومت انگريزن جي حامي
هئي .اهڙيءَ ريت انگريزن، ميرن جي پاڻ ۾
نااتفاقي ڏسي، قبضو ڪرڻ جي رٿابندي
ڪئي. مير صوبدارخان ۽ مير
محمد خان اختلافن جي ڪري مياڻيءَ
جي جنگ ۾ شامل نه ٿيا هئا ، پر
هوشو شيدي ، مير صوبدار جي منع ڪرڻ
باوجود به وطن جي آزاديءَ ۽ سلامتيءَ
خاطر مياڻيءَ ۽ دُٻي جي جنگ ۾ بهادريءَ
سان وڙهي شهيد ٿيو .خيرپور رياست جي
مير علي مراد ، حيدرآباد ۽ ميرپورخاص جي
ميرن خلاف انگريزن جي مدد ڪئي،
ان ڪري 1843ع ۾ انگريزن پاران سنڌ فتح
ڪرڻ ڪانپوءِ به خيرپور رياست ،110 سالن
تائين ميرن جي حڪمرانيءَ هيٺ رهي، بعد
۾ هندستان جي ورهاڱي ڪانپوءِ ،1954ع ۾
ون يونٽ جي قائم ٿيڻ بعد
خيرپور رياست کي ختم ڪيو ويو.
جڏهن انگريزن برصغير جي مختلف رياستن
تي قبضو ڪرڻ بعد سنڌ ڏانهن پيشقدمي
ڪئي ته ڪين سنڌ تي قبضو ڪرڻ دوران

ڪنهن به قسم جي سخت مزاحمت ڪي
منهن ڏيڻو نه پيو. سنڌ جي ماڻهن انفرادي
بهادري ته ڏيکاري، پر اجتماعي طور تي
انگريزن سان مهاڏو اٽڪائڻ ڪو ڪردار ادا
نه ڪيو. ان جو سبب اهو هو ته ٽالپرن جي
حڪومت دور سنڌ هڪ وطن طور متحد نه
هئي پر ٽن رياستن ورهايل هئي. انهن
ٽنهي رياستن جو پاڻ اتحاد نه هيو، پر
حڪمرانن جي گروهي مفادن سبب اڻبڻت
موجود هئي. هڪ طرف خيرپور رياست جو
والي انگريزن جو حمايتي هو، جڏهن ته
حيدرآباد ميرپورخاص جي حڪمرانن وچ
به ڪو گهڻو سرچاءُ نه هيو. جو هو گڏجي
ڪري انگريزن جي پيشقدمي ڪي منهن ڏين
ها. ان ڪري انگريزن ٽالپر حڪمرانن جي
وچ اڻبڻت جو فائدو حاصل ڪندي، سنڌ تي
انتهائي سولائي سان قبضو ڪري ورتو. سنڌ
ڪي هوشو شيدي جي مرسون مرسون سنڌ
نه ڏيسون جي للڪار به نه بچائي سگهي.

الهڏنو يا نيل بازار، سنڌو سڀيتا جي ڳوناٺي
ثقافت جو مرڪز

سنڌو ماٿري شهري تهذيب يعني اربن
سولائيزيشن ڪو اوچتو وجود نه آئي هئي.
پر شهري تهذيب جي ارتقا ڳوناٺين ثقافتن
جو اهم ڪردار هيو. ڪميبرج يونيورسٽي جي
آرڪيالاجسٽ ڪيمرون پيٽرياءِ جي تحقيق

موجب اربن سولائيزيشن جي اوسر □
ڳوناٽي تهذيب جو اهم ڪردار هيو. سنڌو
ماٿري جي تهذيب جا وارث نه فقط شهري
مرڪزن □ رهندا هئا. پر سندن ارتقا جون
پاڙون ڳوٺن مان اسرندڙ تهذيب □ ڪتل
هيون. ڪيمرون پيٽريا ڪيمبرج يونيورسٽي
جي ساٿي آرڪيالاجسٽ ميڊم دانيڪا پاريڪ
سان گڏ سنڌو ماٿري جي ڳوناٽي ثقافت تي
تحقيق دوران سنڌو سڀيتا جي ڳوناٽن ماڳن
کي شهري تهذيب جي معيشت جو بنياد قرار
ڏنو آهي. ڳوناٽي ثقافت جا مرڪز شهرن کي
زراعت، کاڌي خوراڪ □ گهريلو استعمال
سميت ٻيون شيون خام مال جي صورت □
فراهم ڪندڙ هيا. سنڌو ماٿري جي شهري
تهذيب واري دور □ شهرن کان وڏيڪ وڏي
انگ □ ڳوٺ آباد هيا. شهري مرڪز ڳوٺن جو
تسلسل هيا. ان دور □ شهرن جي پيٽ □
ماڻهن جو وڏو انگ ننڍن وڏن ڳوٺن □ آباد
هيو. ان قسم جا ڳوٺ سنڌو ماٿري جي
مختلف ريجنز □ ڳولي لڌا ويا آهن □ ڪيترن
ئي ڳوناٽڻ مرڪزن جي کوٽائي به ڪرائي
وئي آهي. جن □ موجوده سنڌ سميت
چولستان، گجرات □ ڪڇ جا ماڳ شامل
آهن. انهن ڳوناٽڻ ثقافتي مرڪزن □ به
شهرن وانگر گهرن جي ترتيب سان اڏاوت
سميت پاڻي جي نيڪال جو نظام موجود
ملي ٿو. ان وقت جا ڳوٺ هوبهو شهري
مرڪزن جي ڊپليڪيٽ ڪاپي محسوس ٿين
ٿا. موجوده سنڌ □ الهه ڏنو جي ماڳ تان
کوٽائي دوران اهڙا ثبوت مليا آهن.

الهه ڏنو جي ماڳ تي کوٽائي مان گهرن ۾
پاڻي جي نيڪال جو نظام مليو آهي. جتي
گهرن مان پاڻي جي نيڪال واريون ناليون
ڍڪيل صورت ۾ آهن. جڏهن ته هن ماڳ تي
آبپاشي جو هڪ نطام به موجود آهي.
آرڪيالاجي جي ماهرن هن ڳوٺ کي مڪمل
طور تي هڪ ترقي يافته زرعي ڳوٺ قرار
ڏنو آهي. جتي عام گهرن سميت پبلڪ
عمارتون به موجود آهن. ماهرن موجب انهن
ڳوٺن ۾ هنرمندن طرفان تيار ٿيل سامان
شهري مرڪزن ڏانهن روانو ڪيو ويندو هيو.
ڳوٺن ۾ رهندڙ ڪنڀار، واڍا، لوهار ۽ ٻيا
هنرمند پنهنجو مال تيار ڪري شهرن کي
فراهم ڪندا هيا. جتان وري پنهنجي استعمال
۾ ايندڙ سامان خريد ڪري ڳوٺن ۾ آڻيندا هئا.
اهڙي طرح شهرن ۾ ڳوٺن جي معيشت جو
هڪ ٻئي تي دارومدار هوندو هيو.

سنڌو سڀيتا جا وارث ڳئون ۽ سوئر جو
گوشت کائيندا هئا

سنڌو ماٿري جي سڀيتا تي هر گذرندڙ ڏهاڙي
سان ٿيندڙ نيئن تحقيق نوان راز ظاهر ڪري
رهي آهي. تازو هڪ تحقيق ۾ اهو انڪشاف
ڪيو ويو آهي ته سنڌو ماٿري جا رهواسي اج
کان 5، 6 هزار سال اڳ پنهنجي کاڌي

خوراڪ جانورن جو گوشت به استعمال ڪندا هئا..
يونيورسٽي آف ڪيمبرج جي آرڪيالاجي ڊپارٽمينٽ، فرانس جي اين سي اي يونيورسٽي جي ماحوليات، قديم تاريخ نوادرات واري شعبي، اسپين جي اويڊيو يونيورسٽي جي تاريخ جي شعبي، برطانيه جي يونيورسٽي آف يارڪ جي بائيو آرڪيالاجي شعبي، برٽش ميوزم لنڊن، نيشنل ميريٽائيم هيريٽيج ڪامپليڪس گانڌي نگر گجرات انڊيا، بنارس هندو يونيورسٽي جي قديم تاريخ، ڪلچر آرڪيالاجي واري شعبي طرفان ٿيل گڏيل تحقيق بعد اهي نتيجا سامهون آيا آهن. انهن يونيورسٽين طرفان هن تحقيق آرڪيالاجي جي ناميارن ماهرن حصو ورتو، جن اي سوريا نارائن. ميريام ڪيوبس، اوليور اي ڪرائي، ڪارل پي هيرون، وسنت ايس شاندي، رويندرا اين سنگهه، تامسن سي او ڪونيئل، ڪيمرون اي پيٽرياءِ شامل آهن.
سنڌو ماٿري جي سپيتا جي شهرن وسندين جا وارث ڪاڏي خوراڪ پچائڻ لاءِ ٻين ٿانون سميت ٺڪر جا برتن وڏي تعداد استعمال ڪندا هئا. انهن برتنن کي ڪنڀار مٽي مان ٺاهڻ بعد باهه جي آوين پچائي استعمال لائق بڻائيندا هئا. اڄ به صديون گذرڻ باوجود برصغير جي ڳوٺن وسندين ٺڪر جي ٺاهيل ٿانونن رڌ پچاءُ جو رواج موجود آهي. خاص ڪري ڳوٺن جانورن جي کير جي استعمال سميت ڏهي ٺاهڻ،

لسي يعني ڏڌ لاءِ نڪر جون پڪل چاڏيون، ڪنا، پاٽيون، پاڇي ۾ پت ڪاٺ لاءِ پاٽوڙا، پاٽي جا دلا، ڪنورا، ڪپا ۾ ٻيون نڪر جو شيون استعمال ڪيون ويندیون آهن.
سنڌو ماٿري جي تهذيب جي ماڻهن جي رهڻي ڪهڻي ۾ کاڌي خوراڪ متعلق هي نيئن تحقيق عالمي معيار جي تحقيقي جنرل آرڪيولاجيڪل سائنس ۾ شايع ٿي آهي.
جنهن ۾ 5، 6 هزار سال اڳ هن خطي ۾ نه فقط پوکيا ويندڙ فصل بحث هيٺ آندا ويا آهن پر ماڻهن پاران مال جي پالنا ۾ کاڌي خوراڪ جي استعمال هيٺ ايندڙ ٿانون تي به تحقيق ڪئي وئي آهي. سائنسي کوجنا بعد اهو به پتو لڳايو ويو آهي ته سنڌو ماٿري جا ماڻهو 5 هزار سال اڳ انهن ٿانون ۾ چا پچائي ڪائيندا هئا. ماهرن موجب ان وقت سنڌو سڀيتا جا وارث ڪڻڪ، جو، چانور، ڪپهه ۾ تر فصل طور اپائيندا هئا، جڏهن ته پاڇين ۾ ڪيرا، وانگڻ، هيد، ساڳ پوکيندا هئا. سنڌو ماٿري جا ماڻهو نه فقط جانور پاليندا هئا، پر انهن جو کير ۾ گوشت به کاڌي طور استعمال ڪندا هئا. تازي تحقيق دوران اها ڳالهه ثابت ٿي آهي ته هن ماٿري جي ماڳن مان جانورن جي مليل جي باقيات جو 50 کان 60 سيڪڙو ڳئون ۾ مينهن تي مشتمل آهي. يعني جانورن جي گوشت طور 50 کان 60 سيڪڙو ڍڳين ۾ مينهن جو گوشت کائڻ طور استعمال ڪيو ويندو هو. جڏهن ته تقريبن 10 سيڪڙو ٻڪرين جو گوشت خوراڪ طور استعمال ڪيو ويندو هو. جڏهن

ته سنڌو سڀيتا جي ڪيترن ئي ماڳن تان
گهرن مان سوئر جون هڏيون به مليون آهن.
ماهرن موجب ان دور جا ماڻهو ٻين جانورن
سان گڏ سوئر جو گوشت به کاڌي طور
استعمال ڪندا هئا.
ڳئون. مينهن ۾ سوئر جو گوشت خوراڪ
طور استعمال ڪرڻ بابت اهڙيون شاهديون
سنڌو سڀيتا جي قديم ماڳن راکي ڳڙهي،
عالمگير پور، مسعود پور ۾ ٻين هنڌن تان
مليون آهن. سائنسدانن سنڌو سڀيتا جي
مختلف ماڳن تان مليل ٺڪر جي 59 ٿانون
تي تحقيق ڪئي. ٺڪر جي ٿانون ۾ جذب ٿيل
چڪناهٽ جي تجزئي مان معلوم ٿيو ته انهن
برتنن ۾ سوئر، مينهن، ڍڳي ۾ ٻڪري جو
گوشت رڌي کاڌو ويندو هو. ماهرن موجب
سنڌو سڀيتا جي قديم ماڳن تان مليل کاڌي
خوراڪ رڌڻ ۾ پچائڻ وارن برتنن مان اهي
ثبوت مليا آهن ته هو ڳئون، مينهن، ٻڪري ۾
سوئر جو گوشت رڌي کائيندا هئا. ان دور ۾
حلال يا حرام جانور جو ڪوبه تصور موجود
نه هوندو هو، نه وري سياڻي ۾ اياڻي جانور
جو ڪو تصور موجود هيو. ان دور ۾ جيڪو به
جانور يا پکي سولائي سان پڪڙ ۾ اچي ويندو
هو، ان کي نه فقط گهرن ۾ پالي سندس
کير استعمال ڪيو ويندو هو پر ان جو گوشت
خوارڪ طور به استعمال ڪيو ويندو هو.
ڪيترن ئي جانورن کي سواري ڪرڻ ۾
زمين جي کيڙي لاءِ به استعمال ڪيو ويندو
هو.

حر تحريڪ جو ارڏو ڪردار شهيد ميرو نظاماڻي

اڄ پاڻ سنڌ انگريز سامراج خلاف هلايل شاندار حر تحريڪ جي وڏيڪ ڪردارن تي ڳالهه ٻولهه ڪنداسن. هن کان اڳ به پاڻ حر تحريڪ بابت پنهنجي مختلف وڊيوز تفصيلي ڳالهه ٻولهه ڪري چڪا آهيون. جن دوستن اها وڊيوز واچ نه ڪيون آهن، اهي چينل کي سبسڪرائب ڪري ضرور ٻڌن. پاڻ اڄ حر هلچل جي اهم ڪردار شهيد ميرو نظاماڻي بابت ڳالهه ٻولهه ڪنداسين. بر صغير تي انگريزن جي قبضي خلاف جيڪي به بغاوتون ٿيون يا تحريڪون هليون، انهن مان سنڌ هلندڙ حر تحريڪ کي هڪ خاص حيثيت حاصل آهي. انهيءَ تحريڪ دوران ڪيترائي سنڌي جوڌا وطن لاءِ وڙهندي قربان ٿي ويا. جڏهن ته انگريزن کي به تاريخي مزاحمت کي منهن ڏيڻو پيو. اڄ پاڻ ان ئي تحريڪ جي هڪ اهم گوريلا اڳواڻ ميرو فقيرنظاماڻي جو ذڪر ڪنداسين. جنهن بابت خود انگريزن جو چوڻ هو ته ميرو جي گولي ڪڏهن به نه گسندي هئي. گولي دشمن کي ڳولي ڳولي ماريندي هئي. ان ڪري انگريز عمنلدار ايڇ ٽي ليمبرڪ چوندو هو، ته ”ميري کي گولي ميرا ميرا ڪرتي

آتي هي.” انگريز فوج جا آفيسر □ فوجي
ڪمانڊر هميشهه اها دعا گهرندا هئا، ته “خدا
ڪري ميري سان مقابلو نه ٿئي.” ميرو
فقير نظاماڻي، هڪ مالوند ، هاري احمد خان
فقير جو پٽ هو. سندس جنم 1917ع □ ٿيو.
هي شخص ان وقت ڦوهه جواني □ هو،
جڏهن حر تحريڪ جي سرواڻ پير سيد
صبغت الله شاهه شهيد سورهيه بادشاهه،
انگريزن سان مهاڏو اٽڪائڻ لاءِ جنگجو پرتي
پئي ڪيا. جڏهن ميرو حر تحريڪ جي جنگجو
ونگ □ شامل ٿيو ته ويڙهه دوران سندس
ڪيئي قصا مشهور ٿيا. چوندا آهن ته گوريلا
ويڙهه انسان کي سخت طبيعت جو ڪري
ڇڏيندي آهي، پر هن هميشه پنهنجي پاڻ تي
ضابطو رکيو. مثال طور هڪ ڳوٺ □ شادي
ٿي رهي هئي، جنهن □ ڪجهه حرن جا
دشمن لڪل هئا. ميري فقير ڳوٺ وارن کان
دشمن حوالي ڪرڻ جو مطالبو ڪيو. اتي
موجود ڪيترن ئي مردن مان ڪنهن به
جواب ڪونه ڏنو. پر فقط هڪ شخص اٿيو.
جتي چانورن جي ديگ چڙهيل هئي، اتان ڪان
ڪاٺ ڪٽي ميري فقير ڏانهن حملا آور ٿي
آيو. هڪ حر فقير بندوق سڌي ڪري، ان
شخص جو نشانو ورتو، پر ميري فقير اشارو
ڪري فقير کي روڪيو □ چيائين ته، ”هن
سڄي پاڙي □ هي ئي اڪيلو مڙس ماڻهو
آهي، جنهن اسان مٿان حملي ڪرڻ جي
همت ڪئي آهي”.
ٻي هڪڙي واقعي □ ڪجهه دشمنن هڪڙي
گهر □ گهڙي پناهه ورتي. ميري فقير جي

اڳواٽي ۾ ان گهر جو گهيرو ڪيو ويو. انــدران هڪ ننــڍڙي ٻــارڙي ٻــاهر نڪــري آئي، جنهن مـيري فقـير کي چيـو تـه، ”مامـا هـتي ڪـير ڪونهي.“ ميري فقـير جي اکين ۾ پـاڻي اچي ويو، کيسي مان ڪجهـه پئسـا ڪـڍي نينگـري کي پـوتي جـا ڏنـائين، پـاڻ فقـيرن سـان گـڏ موٽي آيو. حالانڪه حـر مجاهـدن جـو اصـول هوندو هو ته دشمن کي معاف نـاهي ڪـرڻـو، پوءِ ڪٿي به پناهـه وٺن. پـر مـيري فقـير جـو اصـول هونـدو هـو تـه، دشـمنن سـان ويڙهـه دوران ڪنهن به بي گناهه جو خـون نـه ٿـئي، ڪنهن کي به تنگ نه ڪيو وڃي. اهوئي سبب هو جو تر جـا مـاڻهو هن جي مـدد ڪنـدا هئـا. ڏکئي وقت ۾ کيس پناهه پڻ ڏيندا هئـا. پناهـه ڏيندڙن ۾ پير پاڳاري جا مريد توڙي غير مريد شامل هئا.

ميري فقير، انگريز سرڪار خلاف ڪيترن ئي ويڙهين ۾ حصو ورتو. جڏهن ٽنڊو آدم ويجهـو 16 مئي 1942ع تي لاهـور ميـل کي ڪـرايـو ويو هو. جنهن بـابت حـرن کي اطلاع هئـو تـه ان ٽائيم تي هڪ فوجي ريـل گذرنـدي، جنهن ۾ فـوج سـوار هونـدي. پـر ڪن سـببن جي ڪـري فـوجي ٽـرين حيـدرآباد اسٽيشـن تي بيهي رهي ۽ مسافر گـاڏي (لاهـور ميـل) کي اڳتي ڇڏيو ويو . جڏهن مـيري فقـير ڏٺـو، تـه اها ڪيرايل ٽرين فوجين جي نه پر مسـافرن جي آهي، تـڏهن فقـيرن کي فائرنـگ ڪـرڻ کـان روڪي ڇـڏيو ۽ کن کـان تـه باقاعـده هٿيار به واپس ورتائين، هٿيـار واپس وٺڻ جـو سبب اهو هو تـه ڪـٿي جـذبات ۾ فقـير عـام

مـاڻهن تي حملـو نـه ڪن. انهيءَ ريـل ۾ ان وقت جو وزير اللـه بخش سـومرو بـه سـوار هـو. شـايد سـانگهڙ جي هڪ ايم پي اي ڄـام جـان محمـد جـوڻيجي کي ريـل ڪـيرائڻ جي منصـوبي جي خـبر هـئي، جـو هن حيـدر آبـاد اچي الله بخش سـومرو کي ريـل مـان لاهي ورتـو. ريـل کي ڪـيرائڻ واري واقعي ڪـانپوءِ انگريز سرڪار پهرين جون 1942ع تي سـنڌ ۾ مارشل لا لڳائي ڇـڏي. هڪ ٻـئي واقعي ۾ ٻڌايو وڃي ٿو تـه مـيري فقـير نظامـاڻي جـو، پوليس ۽ فوج سان مقابلو ٻانـڌي پرسـان پڻ ٿيـو، جـتي ڪيـتري ديـر تـائين مقـابلو هلنـدو رهيو. انهيءَ معرڪي ۾ ڪيـترائي سـرڪاري سپاهي مارجي ويا ۽ هڪ فقير بـه شـهيد ٿي ويـو. اهـو مقـابلو سـدا واهـه لـڳ، فـوج جي گهيري دوران ٿيو. ان ۾ ميري فقير نظامـاڻي سان گڏ الهه بچايو خاصخيلي، محمود لغـاري ۽ منٺـــــار هـُـــــليو بـــــه گـــــڏ هـــــو. مـيرو فقـير جي گـوريلا جـتي جـو هڪ ٻيـو مقابلو سانگهڙ لڳ، سرڪاري عملدار محمـد صـالح ڏاهـراج سـان پڻ ٿيـو. جنهن ۾مـيري سان ٻـه ڄڻـا سـومر فقيرخاصـخيلي ۽ فقـير شادي خـان نظامـاڻي گـڏ هئـا. محمـد صـالح ڏاهراڄ گهوڙي تي سوار هو، جنهن کي ميري فقير نظاماڻي جي گولي ٽنـگ ۾ لڳي. بعـد ۾ ميري فقير نظاماڻي ٻڌايو، تـه ”مـون محمـد صـالح ڏهـراڄ کي سـڃاتو ڪونــه هــو. جي سڃاڻان ها ته اصل زندهه نـه ڇـڏيانس هـا.“ هڪـــڙو اهم مقـــابلو، ٽنــــڊو غلام علي جي هڪڙي علائقي ۾ ٿيـو، جـتي مـٿيءَ جـا دڙا ۾

پڌا هئا. اتي ميري نظاماڻي، محمود لغاري حاجي گـدي کي فـوج گهـيري آنـدو. ان واقعي متعلق انگريز لشڪر جي هڪ سپاهي رسول بخش بـروهي ٻـڌايو، تـه ”اسـان رات جو حرن جو گهـيرو ڪـيو. ٻـاهران پٺـاڻن جي فوج ، انـدر وري بـروهين جـو فـورس گهـيرو ڪيو بيٺو هو. مقابلو ڪنهن عـام مـاڻهو سـان نه پر ميري فقير سان هو. اسان واٽر جي ور هئاســين. فائرنــگ انگريــز فــورس جــا حوالدار عبدالنبي بروهي نور محمد بروهي ٽڏي تي مارجي ويا. گـولين جي وسـڪاري خــدا بخش بشــام نــالي ســپاهين کي بــه گوليون لڳيون. رات جـو اونده‍ـه حـرن پٺـاڻن جي فوج جـو گهـيرو بـه ٽـوڙي ڇـڏيو، اهـڙي طرح ميري وارا اتـان نڪـري ويـا سـرڪار جون ٻه گنون بـه ڀـاڄ سـان ڪـٽي ويـا. مـيرو فقير نظاماڻي گرفتـار نـه ٿي سـگهيو، اسـان پنهنجي سپاهين جا لاش ڪٽي موٽي آياسين.“ انهيءَ ســاڳئي معــرڪي بــابت ابــل فقــير مهڪــاڻي ٻــڌايو آهي تــه، ” مــيرو فقــير سندس ٻـئي سـاٿي مـاتلي کـان اوپـر طـرف ٽنـــڊو غلام علي ويجهـــو هڪ چانـــڊئي وٽ ترسيل هئا، جيڪو هنن جـو سـنگتي هـو، هن کي فقيرن پئسا ڏنـا تـه ڪـپڙا ٻيـو سـامان وٺي اچ. همراهـــه انهن کي مـــاني وغـــيره کـارائي شـهر هليـو ويـو. هن کي شـهر وئي سڄو ڏينهن گذري ويو، پر همراهه نه موٽيــو. شام جا پنج يا ڇهه ٿيا هئا. ميري فقير ساٿين کي چيـو تـه، ”هي همراهـه يڪـو گم ٿي ويـو آهي، ڳالهـه مـڙئي شـڪ آهي. نڪــرو تــه

هتان نڪري هلون.“ هنن وٽ ٻه نال بندوقون هيون. جيڪي ڪولي پٺن پويان ٻڌي نڪتا. اتان ڪان نڪري ٿورو اڳتي ويا، ته انهن ڏنو ڪي ڌراڙ چوڪرا انهن ڏانهن پئي آيا. فقيرن، ڌراڙن ڪان پڇيو، ”چو آيا آهيو؟“ ڌراڙن ٻڌايو ته،”اسان کي پوليس □ ملٽري موڪليو آهي، ته جانچ هلي ڪريون ته حر ڪٿي آهن؟“ حاجي گدو ٿورو اڳتي وڌي ڏٺو ته، ملٽري □ پوليس اصل □ ڌراڙن جي پٺ وٺيو پئي آئي، اڳيان هڪ سک سپاهي هو، جنهن جي هٿ □ اسٽين گن هئي. حاجي گدو اڃا هوشيار ئي ڪونه ٿيو هو، ته سک سپاهي گولي هڻي وڌس. جنهن سبب هو اتي ئي شهيد ٿي ويو. انهي دوران ميري فقير نظاماڻي □ محمود لغاري بندوقون جوڙي ورتيون هيون. ميري نظاماڻي، سک سپاهي کي ڏسي ورتو هو، تنهن ڪري هن مٿان فائر ڪيائين، جنهن تي هو گولي لڳڻ سبب هو اتي ئي مارجي ويو. سک سپاهي جي پٺيان هڪ فوجي عملدار پوزيشن وٺي ويٺو هو، جنهن کي محمود لغاري نشانو بڻايو. هو به گولي جو ڪاج بڻجي اُتي ئي مري ويو، جنهن بعد انگريزي فوج ٻن حرن جو گهيرو ڪري مقابلو شروع ڪيو، ٻنهي طرفن ڪان چٽي فائرنگ ٿيندي رهي. فوج وٽ جديد □ وڏا هٿيار هئا. انهن جون گوليون حرن تائين رسن پيون، جڏهن ته حرن جي بندوقن جي مار گهٽ هئي. آخرڪار رات ٿي وئي. جنهن بعد ميري فقير، مارجي ويل سک سپاهي جي اسٽين گن □ هڪ ٻئي مئل سپاهي جي رائفل □ گولين جو

ٿيلهو ڪنيو. هنن پنهنجي شهيد ٿيل فقير حاجي گدو جي مڙهه ڪي به ڪنيو. جڏهن ٽنڊي باگي جي ويجهو پهتا ته، ميري فقير اسٽين گن جي نالي چيو ”هي الائي ڇا آهي ؟ هن ڪي اتي ئي ڇڏي ٿا هلون. باقي گوليون ڪم ايندیون.“ پوءِ اسٽين گن ڪپڙ هيٺ نشان ڪري زمين □ پوري آيا. ڪجهه پنڌ تي لغارين جو ڳوٺ هو، جيڪي پيرصاحب جا مريد هئا. ميرو □ سندس ساٿي اتي ترسي پيا.
صبح جو جڏهن هڪ لغاري ٽنڊي باگي جي شهر □ ويو □ اخبار پڙهيائين، جنهن □ لکيل هو ته، ميري فقير نظاماڻي جي ٽولي سان ماتلي وٽ پوليس مقابلو ٿيو، جنهن □ ٻه ملٽري وارا مارجي ويا. ٻنهي سپاهين جا هٿيار گولين سميت حر کڻي ويا. اها خبر جڏهن ميري فقير تائين پهتي ته هن چيو، ”مار! قيمتي شيءِ پاڻ ڇڏي آيا آهيون.“ پوءِ رات جو محمود لغاري □ هڪ ٻيو همراهه، پوريل اسٽين گن کڻي آيا. ڪجهه ڏينهن ڪانپوءِ عمر ورياهه، فقيرن کي اسٽين گن هلائڻ سيکاري. ميري نظاماڻي، رائفل پاڻ وٽ رکي □ اسٽين گن الهه بچائي خاصخيلي جي حوالي ڪئي.

ٽين حرتحريڪ جنهن 1942ع کان زور ورتو □ 1952ع تائين هلندي رهي، اها ان وقت ختم ٿي، جڏهن پاڪستان ٺهڻ بعد پير پاڳاري جي گادي بحال ٿي. پير پاڳاري سيني روپوش مجاهدن کي پاڪستان حڪومت جي

آڏو پيش پوڻ جو حڪم ڏنو. جڏهن پاڪستان
ٺهيو، انگريز سرڪار پنهنجا بسترا گول ڪري
واپس هلي وئي، ان ڪـــانپوءِ مـــيرو فقـــير
نظامــاڻي، پــر امن ٿي، گهــر ٺــاهي، پنهنجي
ٻارن سان ويهي رهيو هو. پر انگريز ســرڪار
جيڪي ڪجهـــه پنهنجي ڪاغــذن ۾ لکي وئي
هئي، ان تي عمل ته ٿيڻو هو. نيٺ 1949ع ۾
بدين ّجي پوليس ميرو فقير کي گرفتار ڪرڻ
لاءِ ٽنڊوآدم پرسان عمر ڪلهوڙي جي ڳوٺ
جـو گهـيرو ڪيـو. ان دوران مقـابلي ۾ مـيرو
فقير اڪيلو هو ۽ سندس سامهون پاڪسـتان
جي پــوليس ۽ فــوج هــزارن جي تعــداد ۾
موجود هئي. اتي جا ڳوناٺا ٻڌائين ٿا، ته هٿيـار
۽ گولا بارود ايڏو آندو ويو هو جـو، اتي ڳـوٺ
جي ماڻهن کان، بارود جـون پيـتيون مـٿي تي
ڪٽايون ويون هيون. فائرنگ دوران گـولين جـا
مينهن وسائي ڇـڏيا هئـاٺون. پـوليس پـارٽي،
عبــدالحق جي قيــادت ۾، رســانڊي ڍنــڍ وٽ
گهيرو ڪيو. منجهند جو ٽائم هـو. مـيرو فقـير
نظاماڻي گهيرو ٽوڙي ورتو، پر ڳوٺــاڻن چيس،
پــاڻ نڪــري پيــو وڃين ۽ اســان مــارجي
ويندا‌سين.“ پوءِ واپس اچي مقابلو ڪري سر
ڏنـائين. مقـابلي دوران جـيئن مـٿي جي دڙي
وٽ وڻ کي ٽيڪ ڏيو ويٺو هـو، تـيئن شـهادت
وقت به ويٺو رهيو. شهيد ٿيڻ بعد بـه پـوليس
خوف سبب ميري جي مڙهه ويجهـو نـه پـئي
آئي.

مدد خان پٺاڻ.

سنڌ جي تاريخ بابت ڇرڪائيندڙ انڪشاف

اڄ بہ سنڌ جا ماڻهو ان شعر جي سٽ جهونگاريندا آهن ته ”جڏهن ڪڏهن سنڌڙي توکي قنڌاران جوکو،“ ڪابل ۽ ڪنڌار کان سنڌ هڪ ڀيرو نہ پر ڪيئي ڀيرا حملن ۽ ڪاهن جو شڪار رهي آهي. ارغون، ترخان، مغل ۽ وحشي ڦرورو مدد خان پٺاڻ جي لشڪرن افغانستان ذريعي ئي سنڌ کي تباهہ، برباد ۽ تاراج ڪيو آهي. اسان جي گهڻن ماڻهن مدد خان پٺاڻ جو نالو تہ ٻڌو هوندو، پر هو ڪير هو، ڪٿان آيو، هن سنڌ ۽ ڪنهن جي چوڻ تي ڪيس ۽ ڪلور ڪيا، ڪنهن جي هچي تي ڳوٺ ۽ وسنديون ساڙي برباد ڪيون، هن ديس جا معصوم ٻچا گهوڙن جي سنبن هيٺان لتاڙي مارايا ۽ عورتن جي لٺ ڪي تار تار ڪيو. اهو پاڻ اڄ اوهان کي ٻڌائينداسين. دوستن کي گذارش آهي تہ ڳالهه ٻولهہ کي آخر تائين ٻڌن، جيئن ڳين سنڌ جي رت هٽي تاريخ بابت ڄاڻ ملي سگهي.

مدد خان پٺاڻ جو اصل نالو، دلاور خان هو، سندس تعلق اسحاق زئي قبيلي سان هو.

جڏهن افغان حڪمران احمد شاه ابدالي 1772ع ۾ وفات ڪئي، تڏهن تخت نشيني جي سلسلي ۾ جهيڙو شروع ٿي ويو. تن ڏينهن ۾،مدد خان پٺاڻ احمد شاهه ابداليءَ جي دربار ۾، هڪ معمولي ملازم هو. ابداليءَ جي وفات بعد سندس پٽ تيمور تخت تي ويٺو. هن حڪومت سنڀالڻ شرط، دلاور خان کي مدد خان جو لقب ڏيئي، پنهنجو خاص مشير مقرر ڪيو. مدد خان جيئن ته فطري طرح ويڙهاڪ ۽ فوجي مهارت رکندڙ هو، ان ڪري سندس مرضيءَ موجب تيمور کيس فوج جو ڪمانڊر انچيف مقرر ڪيو. مدد خان، هر جنگ ۾ شريڪ ٿيو ۽ تيموري سلطنت جي حدن وڌائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو.

اهو 1780ع جو زمانو هو. سنڌ ۾ ڪلهوڙن حڪمرانن ۽ ٽالپرن وچ ۾ ڇڪتاڻ موجود هئي. ڪلهوڙا حڪمران ميان عبدالنبي ڪلهوڙي، ٽالپرن جي اهم شخصيت مير بجار کي دوکي سان مارائي ڇڏيو. جنهن سبب ٻنهي خاندانن ۾ اها ڇڪتاڻ خونريزي ۾ تبديل ٿي وئي. مير بجار جي فرزند، مير عبدالله والد جي قتل جو بدلو وٺڻ لاءِ بي چين ٿي ويو. جيئن ته مير عبدالله کي ٽالپر خاندان جو سردار مقرر ڪيو ويو. هن پنهنجي طاقت کي استعمال ڪندي ميان عبدالنبي ڪلهوڙي جي بدران صادق علي ڪلهوڙي ۽ ميان الله بخش ڪلهوڙي کي سنڌ جي گادي حاصل ڪرڻ ۾ مدد ڪئي. اها صورتحال ڏسي،

ميـــان عبـــدالنبي ڪلهـــوڙي قلات جي والي
محمد نصير کي، سنڌ تي ڪاهه ڪـرائي آيـو.
لاڙڪاڻي جي ويجهـو، مـير عبداللـه قلات جي
حملي آور فــوج ســان جنــگ ڪــئي ۾ ڪيس
شڪســـت ڏيـــئي ڀڄـــائي ڪـــڍيو. جـــڏهن
عبدالنبيءَ ڏٺو ته هو ان طـرح سـنڌ جـو تـاج
حاصل ڪري نه ٿو سگهي تـه هـو قنـڌارِ جي
حڪمران تيمور شاهه، وٽ مدد لاءِ پهتو. غدار
ڪلهـــوڙي حڪمـــران اقتـــدار خـــاطر افغـــان
حڪمـــرانن کي ســـنڌ تي حملي جي دعـــوت
ڏني.. غـدار عبـدلنبي ڪلهـوڙي تيمـور شـاهه
کي ســنڌ تي حملي جي صــورت ۾ وڏي رقم
ڏيڻ جــو واعــدو ڪيــو. قنــڌارِ جي حڪمــران
تيمور شاهه، پنهنجي وفــادار ۾ جنگجــو ســپهه
سالار مدد خان پٺــاڻ کي ســنڌ تي حملي جــو
حڪم ڏنو. مدد خـان ان وقت بهـاولپور ۾ 40
هزار افغان لشڪر سان گڏ موجود هيو.

مدد خان پٺاڻ 40 هــزار لشــڪر ســان ديــري
اسماعيل خان رستي سنڌ ۾ قهر جي صورت
۾ داخل ٿيو. غدار عبدالنبي ڪلهـوڙي سـنڌ ۾
داخــل ٿيڻ تي مــدد خــان کي روڪ رقم جي
صورت ۾ ڪجهه نذرانو ڏنو ۾ سنڌ فتح ڪـــرڻ
ڪـــانپوءِ واعـــدي مـــوجب وڌيڪ رقم ڏيڻ جي
خاطري ڪرائي. غدار عبدالنبي ڪلهوڙو پــاڻ
به بروهين ۾ نـومڙين جـو لشـڪر وٺي، مـدد
خان سان اچي گڏيو. پر مدد خان پٺـــاڻ ســـنڌ
جي حـــدن ۾ داخـــل ٿينـــدي ئي عبـــدالنبي
ڪلهـوڙي کي حڪم ڪيـو تـه "منهنجي فـوج
کي پگهار ڪانه ملي آهي، سو اڌ رقم جو ڏي

ته، فوج کي ڏيئي راضي ڪجي.“ ميان اهو ٻڌي اچرج ۾ پئجي ويو. آخر هٻڪي هٻڪي چوڻ لڳو ته، ”قبله منهنجو سمورو خزانو قلعي ۾ پوريل آهي، اتي پهچي ڪوڏي ڪوڏي جو حساب ڏيندس.“ پر مدد خان پٺاڻ سمجهيو ته عبدالنبي کيس ڏَتو ڏئي، افغان لشڪر جي مدد سان اقتدار حاصل ڪرڻ ٿو چاهي. جنهن تي هن ڪاوڙ ۾ اچي اهڙو نياپو آڻيندڙ ميان عبدالنبي جي خاص ماڻهن، بلاول ليکي، تاج سامتئي ۽ ٻڌي دربان کي هٿڪڙيون هڻي، قيد ڪري ڇڏيو. جنهن بعد مدد خان پٺاڻ پنهنجي فوج کي سنڌ ۾ قرلت ۽ خونريزي جو حڪم ڏئي ڇڏيو.مدد خان جي وحشي لشڪر هر ڳوٺ، وسندي ۽ شهر ۾ داخل ٿي ماڻهو مارڻ ۽ لُٽمار ۽ غارتگريءَ جي اهڙي بازار گرم ڪئي، جنهن جو تاريخ ۾ گهٽ مثال ملي ٿو. حملي آور لشڪر بيٺل فصل تباهه ڪري ڇڏيا، ڳوٺن جا ڳوٺ ۽ شهرن جا شهر ڦُرجي ويران ۽ برباد ٿي ويا. سون ۽ روپيا ته پنهنجي جاءِ تي پر مدد خان پٺاڻ، سنڌين جي گهر ۾ هڪ دانگيءَ ٺُڪر به نه ڇڏيو.

مدد خان پٺاڻ، سنڌ ۾ جيڪا قرلت ڪئي، سا تاريخدانن ڪيئن ٿا بيان ڪن، اچو ته سنڌ جو مشهور ليکڪ ابن حيات پنهور کان ٻڌون. ابن حيات پنهور لکي ٿو ته “مدد خان نالي، هڪ ظالم ۽ ڌاڙيل، سنڌ جي سرسبز گلشن کي اجاڙي، پيلي، پاڙان پٽي ناس ڪري ڇڏيو. ٻُڪ ۾ جسماني اوگهڙ جي اهڙي ته دل

ڏڪائيندڙ فضا پيدا ٿي ويئي، جو جنهن به گهر
، پنج پاتي موجود هئا تـه منجهـانئن، ڪنهن
هڪ خوش نصيب کي، گهران پڄي جـان جي
ٻن اڳـڙين بچـائڻ جـو مشـڪل سـان موقعـو
مليو. گهرن جا گهر ننگا ٿي ويا. ٻار، ڳــيي لاءِ
ڪيهـون ڪــرڻ لڳــا. پيــئرن پــائرن جــون
نگاهون مـاءُ پيڻ ڏانهن، نهـارڻ ڪـان شـرم
وچــان جهڪيــل هيــون انســاني تهــذيب،
پنهنجي هن بي وسيءَ تي، ڳوڙها ڳاڙينــدي
افغــان حڪمــرانن جي وحشــپڻي تي مــاتم
ڪندي رهي.“